
ناول
ري اسٽور
ٿيل ماڻهپو
ناشاد رحم علي

# ري اسٽور ٽيل ماڻهپو

(ناول)

## ناشاد رحم علي

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## ارپيان ٿو

* ٿري صحافت جي لازوال ڪردار ڪاٿائو جاني ،

* ڏکن سکن ۾ ڪتو منو گڏ ڪائيندڙ دلبر دوست فقير منور ساگر،

* محسن دوست ۽ منڙي ماڻهو مصطفا هنڱورجي ،

* خلوص جي خوشبوءِ سان وجود واسيندڙ دوست پرڪاش ڪرماڻي ،
۽
* هيڪلن لمحن ۾ بلائن جا متا گڏگڏ لتاڙيندڙ يارڙي وفا جاني موسيپوٽي ڪي.

# سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ري اسٽور ٽيل ماڻهپو“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب **ناشاد رحم علي** جو لکيل ٻيو ناول آهي. علي آڪاش لکي ٿو:

”هن ناول جي ٻولي تشبيهن ۽ استعارن جي تازگيءَ سان تمثار تخليقي ٻولي آهي، جيڪا پڙهندڙ تي وڻندڙ تاثر قائم ڪري ٿي. تنهن کان سواءِ ڪردار نگاري، مڪالمي، ماحول جي عڪاسي، احساسن ۽ لقائن جي جزئيات جو بيان ۽ ڪهاڻيءَ جي مرحليوار تعمير اهڙا عنصر آهن، جيڪي پڙهندڙ تي پنهنجي جڪڙ برقرار رکن ٿا. مجموعي طرح هيءُ ناول سچاين جي پاسداريءَ جو پيغام ڏئي ٿو ۽ اُهو سماجي سطح تي، بدعنوانيءَ، فردن وچ ۾ عدم سهڪار ۽ مفادن تي ڪُلي طرح ياڙيندڙ سماجي بين العمل جهڙن اوگڻن ڪارڻ پور جهور جي ور چڙهي ڪمزور ٿيندڙ سنڌ ۾ ڪن آدرشي ۽ مثالي ڪردارن ڪي تخليقڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙا ڪردار جيڪي اصولن ۽ قدرن سان سلهاڙجي جيئن ٿا.“

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن قنبر** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري ناشاد رحم عليءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سنڌي ادب ۾ ناول جي کوٽ ۽ ان کوٽ جي پورائي جي خواهش جو اظهار ٿيندو پئي رهيو هو. پر گذريل ٻن ٽن ورهين ۾ سنڌ ۾ ايترا ناول لکيا ويا آهن جو اُنهن علم دوست حلقي جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ شروع ڪيو آهي. سنڌي ناول جي اها هاڻوڪي ترقي سنو سنئون آهي، ان جو مطلب اهو آهي ته سنڌي سماج جو تخليقي روح هاڻي پاڻ کي اڳي کان وڌيڪ ڀيرائتي ۽ ڪشادي نموني اظهارڻ گهري ٿو. ٻوٽي جو انهن ناولن جي معيار پرکڻ جي ڪٽ اڃا ڪئي وڃڻي اهي. بهرحال شاعري ۽ ڪهاڻيءَ جي تخليقي ڪيترن ۾ ڪامياب اڳيراين کان پوءِ سنڌي ناول لکجڻ جي هيءَ تازي لهر، سنڌي ادب کي سمپورن صورت ڏئي رهي آهي.

ناول جي ترقيءَ جو ڪم نثر نويسن جي ذمي آهي. سنڌ ۾ سهيوڳي ادبي دنيا ۾ حسين ۽ تخليقي نثر لکڻ وارن ۾ ناشاد رحم عليءَ جي به ڳڻپ ڪئي وڃي ٿي. "ري اسٽور ٿيل ماڻهپو" سندس ٻيو ناول آهي. سندس پهريون ناول "هينئڙو به اڏ" پڙهندڙن وٽان سهڻي موٽ ماڻي چڪو آهي. هن ناول جو بنيادي موضوع سماجي جبر آهي، جيڪو مخصوص حالتون پيدا ڪري، فرد کي پنهنجي گهرج يا پُورت جو ٻارڻ ٻڌائي ٿو ۽ فرد رائج سماجي ۽ ثقافتي قدرن کان ڇڄي، داخلي ڀڃڀاهه مان گذري ويڳاڻو ٿي وڃي ٿو. هن ناول ۾ فرد جي اهڙي ڀٽڪڻ يا گمراهه ٿيڻ جو غالب معروضي ڪارڻ اين جي اوز جو رنگين ۽ آسائشن ڀريو ڪلچر ڄاڻايو ويو آهي، جيڪو سنڌ ۾ گذريل ٻن ورهين ۾ نسري نروار ٿيو آهي. ناول جو مک ڪردار هڪ سادي ۽ سک ڀري سماجي حالت ۽ حيثيت ڇڏي اين جي او ڪلچر ۾ گهڙي ٿو ناجائز دولت ڪمائي امير بڻجي وڃي ٿو ۽ ويجهن رشتن کان پرڀرو ٿي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ سهولتن ڀري پر مصنوعي زندگي گذارڻ لڳي ٿو. ان اڻ وڻندڙ حالت مان ڪيس ويجها رشتا ئي ڪڍي اچن ٿا ۽ هو هڪ ڀيرو ٻيهر انهن ويليوز ڏانهن واپس وري ٿو جن م ڪنهن وقت جيئندو هو. ناول ۾ روايتي محبت جو ٽڪندو موجود آهي پر ناول نگار ان تي گهڻو نه ياڙيو آهي. اين جي اوز جي سماجي خدمت جي دعوا جي آڙ ۾ سماجي دُڪانداري ڪرڻ جهڙي سنڌي سماج ۾ موجود معروضي حقيقت سان گڏ، ناول نگار ٽر ڪول رٽا جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ دربدري ۽ انساني الميئن کي هن تخليق ۾ اثرائتي انداز ۾ جاچتو ڪيو آهي. اهو مامرو پڻ هلندڙ دؤر ۾ ٽرواسين لاءِ هڪ وڏو چئلنج آهي، جنهن جي ڪري سندن لائيولي هُڊبس ۽ ثقافتي اسيٽس داءَ تي آيل آهن. ان حساب سان جاچبو ته هيءَ ناول ڪو ماورائي قصو ناهي پر زمين تي ۽ خاص طور سنڌ جي ٽر واري ياڳي ۾ موجود سماجي اٿل پٿل، بيچينيءَ ٽوٽي ويجهڙ ۾ پيدا ٿيل ناڪاري معاشرتي لاڙن جو هڪ دستاويزي مظهر آهي.

هن ناول جي ٻولي تشبيهن ۽ استعارن جي تازگيءَ سان ڀرپور تخليقي ٻولي آهي، جيڪا پڙهندڙ تي وڻندڙ تاثر قائم ڪري ٿي. تنهن کان سواءِ ڪردار نگاري، مڪالمي، ماحول جي عڪاسي، احساسن ۽ لقائن جي جزئيات جو بيان ۽ ڪهاڻيءَ جي مرحليوار تعمير اهڙا عنصر آهن، جيڪي پڙهندڙ تي پنهنجي جڪڙ برقرار رکن ٿا. مجموعي طرح هيءُ ناول سچاين جي پاسداريءَ جو پيغام ڏئي ٿو ۽ اُهو سماجي سطح تي، بدعنوانيءَ، فردن وچ ۾ عدم سهڪار ۽ مفادن تي کُلي طرح پاڙيندڙ سماجي بيين العمل جهڙن اوگڻن ڪارڻ ڀور ڀور ٿيندڙ سنڌ ۾ ڪن آدرشي ۽ مثالي ڪردارن کي تخليقڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهڙا ڪردار جيڪي اصولن ۽ قدرن سان سلهاڙجي جيئن ٿا. ناول نگار اهڙن ڪردارن جي تخليق ۾ صنفي توازن کي برقرار رکيو آهي يعني سنڌي سماج جي حقيقي ۽ مثالي اوسر لاءِ مرد توڙي عورت کي هڪ جيتري اهميت سان پيش ڪيو آهي. ان حساب سان ناول نگار اهڙي سماجي صورتحال کي اظهاري ٿو جيڪا سنڌ ۾ ايندڙ ڪنهن زماني ۾ پيدا ٿيڻي آهي.

**ـــــ علي آڪاش**

جڏهن اها ڄاڻ پئي هئي تہ ٿر جي پيٽ ۾ اڻ ميو ڪارو سون آهي، تڏهن خوشيءَ وچان پانيو ائين پئي ويو تہ هاڻ ٿر ۽ ٿرين جا ڀاڳ اجهو ٿا جاڳن. سندن ڏکيا ڏينهن ختم ٿيڻ وارا آهن ـ ڪاري ڏڪار مان هميشہ لاءِ جان ڇٽي ويندي، ماروئڙن جي زندگي مان صدين جا ڏنجه ڏولاوا ڏور ٿي ويندا... ٿر جي مسڪين ماروئڙن ڪي اها پروڙ پوءِ پئي تہ سندن آسائتين اکين ۾ ڪاري ڪوئلي جي دز پرڻ جا سانباها پيا ٿين! ثقافتي رنگن سان ڀريل خوبصورت ٿر جي فضا ڪوئلي جي ڪاراڻ ۾ ڪاراتجي ويندي. پٽون تہ سندن پيڙهون بلڊوزرن جي ور چڙهي وينديون. سندن ڳوٺن، اباڻن اجهن کي ڊاهي پٽ ڪري ڪين دربدر ڪيو ويندو. مڪاني ماروئڙن کي روزگار سان لڳائڻ بدران ٻاهران ڏارين جي لوڌ اچي ٿر ۾ والار ڪندي. هڪ طرف ڪارو ڏڪار، ان ۾ اين جي اوز وارن جي ڦرلٽ ٻئي طرف ڪوئلي جي ڪري ٿرين جي دلين ۾ پيدا ٿيل اونڌاهي آئيندي جا ڏپ ...!

ناشاد رحم علي پنهنجي نئين ناول ”ري اسٽور ٽيل ماڻهپو“ ۾ ٿر جي موجوده توڙي آئينده پسجندڙ صورتحال جون سموريون ڳنڍيون کولي ڇڏيون آهن. ٿر جي سهڻي ثقافتي زندگي جي تشبيهن استعارن جي جڙاءُ سان تجنيس حرفي واري خوبصورت ٻولي سميت ڪردار نگاري جي ڪاريگري واري اڻٽ جو هي ناول سنڌي ادب ۾ هڪ اهم واڌارو آهي. ناول جي صنف جيڪا بانبڙا پائي رهي هئي سا لڳي ٿو هاڻي پيرين سيرين ٿي وئي آهي. ناشاد رحم علي جو هي ناول ان ڳالهہ جي ساک ڏئي ٿو.

**شوڪت حسين شورو ____**

# پنهنجي پاران

ڪي سوال سامهون رکي لکيل ناول؟!

هونئن تہ هن ناول ۾ هڪ دؤر جي

ڳوناٽي زندگي ڏيڪاريل آهي، جنهن ۾ ماڻهن کي داٽي پاٽيءَ جي اٿهوند سان گڏ بدليل ترجيحن ۽ اوليتن جي تپش بہ ماري ٿي. ان ڪري ئي هن ناول ۾ شروع کان آخر تائين، قلم کي اُماڙي ٻڻائي جلاوطن ٿيندڙ ٻڌجي پيل انسانيت جي خوشبوءِ ۽ سچ دوست چاندوڪين جا پيرا کڻڻ جي ڪوشش جاري رهي ٿي. انهي دوران ئي هن ناول جو اهم ڪردار دلبر، زماني جي اوپارين لهوارين ۾، پنهنجو اصل فطري روپ بدلائي مروج ڪميٽي ڪلچر جو حصو ٿي پوي ٿو! مگر بيهوش ضمير جي جاڳ ۽ سلڇٽي زال سهيند جي مدد سان، ڪوڪلي موبائيل فون جهڙي وجود ۾ ماڻهپي کي وري بحال ڪري وٺي ٿو. انڪري ئي هن ناول جو نالو "ري اسٽور ٿيل ماڻهپو" تي پيو آهي. ناول جا ڪردار مجموعي طور، سنڌ ۾ ٻن مختلف دؤرن ۽ سوچن جي ٽڪراءُ ۽ رؤين جي تصادم سبب زخمي ٿيندڙ پاريهر پکين جهڙن قدرن جي ويڳاڻپ بہ ظاهر ڪن ٿا، جن لاءِ ٻيچ ڍائي ذهنيت، محبتن جو ڏڪار ۽ قول عمل جو تفاوت ڳُليل ٻڌجي ٿو!

ڇا انسان لاءِ سازگار معاشرتي رؤيا بہ ايترو ئي ضروري آهن، جيترو ڪاڏو ۽ ننڊ ؟!

ڇا اسان جي ملڪ ۾ قول۽ عمل جو فرق ماڳهين سڀني مسئلن جي پاڙ تہ ناهي؟!

سول سوسائٽيءَ جا دعويدار ۽ ڏرتيءَ جون زباني توٽي قلمي پچارون ڪرڻ وارا مورڳو خطرناڪ جراثيم تہ ناهن، جن کي عام اک سان ڏسڻ مشڪل آهي!؟

ڇا جيئري بہ انسان جُوڻ مٽائڻ جي پريڪٽس ڪري سگهي ٿو؟!

ڇا انسان جي سُنائيءَ لاءِ عالم ۽ جاهل جي روايتي تصورن تي نظرثانيءَ جي ضرورت تہ ناهي؟!

ارتقا جو قانون چوي ٿو تہ رهڻي ڪهڻي تبديل ڪرڻ لاءِ جاندارنکي پنهنجي جسامت بہ تبديل ڪرڻي پوندي . جيئن نوريئڙي کي ڪوئي جي ٻر ۾ رهڻ لاءِ ٽنگون، پُڇ ۽ طوطي کي عمارتن ۾ آکيرا ناهڻ لاءِ رنگ جي تبديلي ضروري آهي، پر انسان لاءِ ايئن ڪرڻ ڪيترو مشڪل آهي؟!

شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي سوچ ۾ بنيادي فرق ڪهڙو آهي؟!

ڇا محبت ۾ اهو ڪرشمو ناهي تہ اها ڪنهن کي ڊگريءَ بنا بہ عالم ناهي ڇڏي؟!

انساني عملن تي عقيدي کان وڌيڪ فطري خود غرضي ڇو اثرانداز ٿيندي آهي؟!

اهي ئي بنيادي سوال هئا، جن کي سامهون رکي مون هي ناول لکڻ شروع ڪيو هو. پر اسٽوري لائين ڪجهه اهڙي هئي جو ٿر ۾ ڪوئلي سبب امڪاني لڏپلاڻ، ڏڪار ۾ مرندڙ ٻارن ۽ يرغمال ٻڻايلچوڪريءَ جهڙي مظلوم تاريخ، رڻ ۾ رهجي ويل گونگن ٻارڙن جيان بار بار مونکي اشارا ڪري، پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڏياريو!

ڪهاڻيءَ جي لوڪيشن، ڪردارن جي ڳُهرج، قلمي ڪوتاهي يا ڪنهن ٻي سبب ڪري، ٿي سگهي ٿو مونڪان مٿين سوالن سان مڪمل انصاف ڪرڻ رهجي ويو هجي!

هن ڪتاب جي ڇپائي وارن مرحلن دوران جن پيارن ماڻهن جو سهڪار شامل رهيو تن ۾ شامل آهن، ارباب خدا بخش، ولي محمد موسيپوٽو . سڪندرعلي اوٺو، خان محمد آٿلو . جاويد موسيپوٽو، عبدالحڪيم پلي، هاشم گل مگريو، شاهد ميراڻي . الله ڏنو هالاڻي، ارباب علي نهڙيو سندن ٿورا.

**ناشاد رحم علي-**

ملهي جو تڙ، ٿر

7/11/2016

# باب پهريون

صبح جي ٿڌڙي هير گهلي رهي هئي. دلبر پٽ جي چوٽيءَ تي، ٿڌي ريٽ تي ويهي، فون سگنلز جي اچڻ جو منتظر هو. راتوڪي رات جي ڪنهن پهر ۾، سندس بستري تي رکيل موبائل سيٽ ۾، ڪنهن سازگار هوا جي جهونڪي تي آيل سگنلز وسيلي ايڊووڪيٽ ملوڪ جو ميسيج مليو هئس:

”رينج ۾ اچي مونسان ڳالهايو“

هن جي ڳوٺ ۾ عام جام ڪنهن نيٽ ورڪ جا سگنلز نہ هئا. گهرن پرسان پٽ مٿي هڪ مخصوص جاءِ تي سگنلز ايندا هئا. پر اڄ تہ هتي بہ ڪونہ هئا. شايد لاڳاپيل ٽنيي مان ئي ويل هئا. بي آسرا انتظار جي تلخي کان بچڻ لاءِ هن ويل وقت ۾ جهاتي پاتي:

هن ئي ڳوٺ جي رستن تي، هن جون معصوم شرارتون واريءَ جي وچاٽن ۾ سُتل هيون. هنن ئي پٽن تي هن جي ٻالڪپڻ جي ٿڪن جا پوپٽ، اکن جي نيرين ڦُلڙين تي ڦِري رهيا هئا. اڏ ۾ رهجي ويل هن جي ڪيترين ئي راندين جا پاڇولا، اڃان تائين پاريهر پکين جيان لامن تي لُڏي رهيا هئا. ڳوٺ ۾ ڪُتل ڪتن جا ڪوڪاٽ، چڻ ڪالهُوٽي ڪالهہ جي ڳالهہ هُئي. ڳوناٽي کوهہ جي پوڙ جي ڦِرڻ جو آواز اڃان بہ ڪڏهن ڪڏهن جمالياتي ڪيفيتن ۾ سارونڻين جي هٽن سان، دل جي ٻير ڏوٽي جذبن جا ڳاڙها ٻير چاٽي وجهندو هو. وٿاڻن ۾ ڏيندڙ ڪتر پٽارين جي لتن، اوانڻ تي آيل مورن جي جٽن، ڏنارن جي ڪتن، پاڻيارين جي هٽن، گُڏين کي پارايل ڳتن ۽ جهرڪيون جهلڻ لاءِ ڏنل جَهٽن تائين، هن جون سمورو نندپڻ، هن بستيءَ جي بدن تي سارون-سارون وکريل هوا! جڏهن بہ هن جو جوڳيئڙو-من، سارونڻين جي پلر پاٽيءَ مان وهنجي ٻاهر نڪرندو هو. تہ ڪي يادون دير تائين ڦُڙو ڦُڙو تي ڦُڙڦُڙ ٽِمنديون هُيون!

هن سکي ستابي گهر ۾ جنم ورتو هو. پاڻ والدين جو اڪيلو اولاد هو. تنهنڪري چاڳ، واڳ ۽ پاڳ جا سمورا شان ۽ مان سندس حصي ۾ آيا هئا. انهن جا رنگ روپ جيترا هوشرُبا هئا، انهن جون زميواريون بہ اوترئين ئي آلي ٻُنڌ جيان ڳريون هُيون. سندس والد جي چڱي چوکي زمين هئي. چوپائي مال جا ولر، ڏنار چاريندا هئا ۽ ٻيا ماڻهن کي پائيواريءَ تي ڏنل هئا. دلبر پوڙهپڻ جو پٽ هو. جڏهن شعور سنڀاليائين تہ سندس والد جو آخري وقت اچي چڪو هو.

وفات کان اڳ هن جي والد سوين ماڻهن اڳيان ڪيس راڄن پاڳن جي پارت ڪئي هئي. اهوئي ڪارڻ هو جو هن نہ چاهيندي بہ سياست جي ٻهروپي ڪاڪ محل جا پنڌ ڪيا هئا، جتي ناتر جهڙن

نڳ ماڻهن سان اٽڪي هن ڪيترا نقصان ڪاڏا هئا، ڪيترا دوڪا ڪاڏا هئا، ان ليکي چوکي واري چوپڻي تہ هن گهڻو اڳ ڦاڙي ڇڏي هئي.

ماڻهن جي ننڍن وڏن مسئلن جو سڌي يا اڻسڌي طرح سياست سان تعلق هو. ان ڪري هن هڪ پارٽيءَ سان لہ وچڙ رکي هئي. پر اتي مقامي سطح جا وڏيرا، ان ڪري مٿس ڏمرجي پيا هئا، جو هن دل جي آڳر جهلي سياست ڪرڻ چاهي هئي. هن جو پهريون تصادم انهن ماڻهن سان ٿيو هو جيڪي پورٽن ماڻهن کي هڪبئي سان ويڙهائي، سندن خيرخواهيءَ جو ڊرامو ڪري، ڪامورن کي سرچائڻ، گاڏين جا ٽيل پرائڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ جي خرچن تائين ڪانئن گهڻو ڪجهہ وصول ڪندا هئا. دلبر تہ ذاتي خرچن تي ٻين جي مدد ڪندڙ ماڻهو هو. هن کي ڏسي لڳندو هو تہ سياست جي سيني ۾ نہ رڳو دل هئي، پر اها ڌڙڪي بہ ٿي!

آسپاس جي ماڻهن جڏهن ٻُڌو ۽ اکين سان ڏٺو تہ دلبر نہ رڳو ذاتي خرچن تي ماڻهن جي سياسي، سماجي ۽ قانوني مدد ڪري ٿو پر هيڻن سان حرڪتون ڪندڙ سگهن ماڻهن سان هٿيار کڻي وڙهڻ کان بہ نٿو هٽي، تڏهن ٻين بہ ڪيترن ئي بيسهارا ماڻهن هن جي اوطاق جو رُخ رکيو هو. ۽ اهوئي وڏيرن لاءِ ڳاڙهو سگنل هو!

وڏيرا شاهيءَ جي ٽري مزاج ۾ هٿيار کڻي وڙهڻ بدران سازش ۽ اٽڪلبازيءَ جو عنصر نمايان آهي. ان ڪري سندس گروپ جي وڏيرن پهريان تہ هن خلاف مٿيري قيادت وٽ پروپيگنڊه جو هٿيار استعمال ڪيو. عوام جي روپ ۾ پنهنجن چاڙتن کي دلبر جي شڪايتن جا سبق پڙهائي مٿيرن وٽ موڪليو. انهن وٽ ٿيندڙ جرڳن ۾ دلبر جي ساٿين سان نااانصافي ڪرائڻ خاطر پري پري جي سندن پيالي پائي وڏيرن کي بہ ساڳي تاريخ تي ڪنهن بهاني اتي موڪليندا هئا. جيڪي بظاهر غير جانبدار ٿي ڪمينٽ ڪندا هئا، پر اصل ايجنڊا سندن سنگتين جي هوندي هئي، وڏا ماڻهو هوندا ئي پرايا ڪن آهن! پر دلبر پڙهيل لکيل قسم جو ماڻهو هو. پنهنجي ڳالهہ دليل ۽ باريڪين سان ڪچهريءَ ۾ ڪولڻ جو آرٽ ڪيس ايندو هو. جلد ئي هن مٿئين قيادت وٽ وڏيرن جي ڪرتوتن جا بکيا اُڌيڙڻ شروع ڪري ڇڏيا. سندس گروپ جا وڏيرا ڪجهہ ڪجهہ محتاط مس ٿيا تہ اقتداري پارٽيءَ جي مقامي وڏيرن لاءِ پڻ دلبر جو وجود خطري جي گهنٽي بڻجي پيو.

ٽر ۾ اقتدار کان ٻاهر ووٽ بينڪ بچائڻ بنه ڏکيو آهي! جنهن جي اثر ۾ ڪجهہ ووٽ هجن. تپيدار جي چالبازيءَ سان سندس زميني ريڪارڊ ۾ هير ڦير ڪجي، بہ تي اين سيون ڪٽائجن. چند ٻيا هلڪا ڦُلڪا نسخا آزمائجن. آفيسن جا چڪر، آفيسرن جا اوسيئڙا ۽ ڪلارڪن جا مطالبا! پاڻهين ڪيس اقتداري وڏيري وٽ وڃڻ لاءِ مجبور ڪندا، پر جيڪڏهن وڏيڪ مٿي ڦريو هوندو، تہ بہ هڪ اڌ ايف آر

سان الهو تلهو چٽ ڪري پاڻهي سڌو ٿي ويندو. سندس حالت ڏسي ۽ ٻُڌي ٻيا غريب پاڻهين اقتداري پارٽيءَ ۾ اچڻ جو اعلان ڪندا، جيئن چڙهيل پارٽيءَ جا مزا نہ ملن، تڏهن بہ انتقامي ڪارواين کان تہ بچي سگهجي. اهوئي آزمايل نسخو دلبر ۽ سندس ساٿين خلاف استعمال ٿيڻ لڳو. پر دلبر نہ رڳو پاڻ مڙس ماڻهو ٿي مقابلو ڪيو ۽ ساٿين سان ڏک سک ۾ همقدم ٿي هليو پر سندن ڪيسن جا خرچ بہ پاڻ پرڻ شروع ڪيا. جيئن ڪين ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳي. هونئن بہ هن محسوس ڪيو تہ ظالم دؤر ۾ جيڪي ماڻهُو سموريون اقتداري مراعاتون ٺڪرائي، ساڻس گڏ بيٺل هئا، تن جي وفا جي قيمت پئسي کان گهڻي مٿاهين هئي. دلبر تہ هونئن بہ فطري طور قربانين جو قدردان ۽ سون جون ڪاتيون بيٺ بدران پيٽ ۾ هڻندڙ ماڻهُو هو!

سندس ئي پارٽيءَ جي وڏيرن وري نئون فارمولا استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. پنهنجن ڪن همراهن کي اقتداري پارٽيءَ ۾ موڪلي دلبر ۽ سندس ساٿين خلاف نوان محاظ کولرايا ويا. پر دلبر اتي ئي اٽل بيٺو رهيو جتي سندس ضمير کيس بيهاريو هو. ڪيس ڪرڻ وارا ٿڪجي پيا. پر هُو ڪون ٿڪو! جتن ۽ هجومن کان وڌيڪ فرد جي ثابت قدمي پائيدار هوندي آهي، دلبر ان جو مثالي نمونو هو!

اقتداريءَ پارٽيءَ طرفان هن لاءِ هاڻ خاص پيڪيج اچڻ لڳا. ڇوتہ هن حيرت انگيز طور نہ رڳو سڀ سور سر تي سهي، حمايتين ۽ ساٿين جو ويساهہ سلامت رکيو هو پر ان تعداد ۾ واڌارو بہ ٿيو هو. جڏهن تہ سندس گروپ جا مخالف وڏيرا هاڻ ڇُٽل ڪارتُوس ٿي رهجي پيا هئا.

ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهہ وڃائڻو بہ پوندو آهي. پر دلبر تہ گهڻو ڪجهہ وڃائي ڇڏيو هو. ڪيسن جي خرچن ۾ هن جو اسي سيڪڙو چوپايو مال ڪاڄي ڪپي ويو هو. ويتر ڪجهہ سالن کان آيل ڏڪارن هن جي زمين واري آمدني بند ڪري ڇڏي هئي ۽ بچيل مال جي پيداوار تي پڻ منفي اثر پيو هو. ان معاشي ڏيوالپڻي جو هڪڙو ئي حل موجود هو تہ هُو اقتداري پارٽيءَ ۾ شموليت جو اعلان ڪري. ٺيڪا ڪٽي، حصي ۾ مليل نوڪريون وڪڻي ۽ پاڻ کي مارڪيٽ سان اپ ڊيٽ رکي! پر ايئن ڪرڻ هن کي ڪُڏو ڪم لڳو. هن سدائين جائز ذريعن سان روزي حاصل ڪئي هئي. لالچ ۽ هيچ کي هڪلي پاڻ کان پري ڪيو هو. گهڻو ڏسي سَرهو ٿيڻ ۽ ٿورو ڏسي ارهو ٿيڻ هن جي سرشت جو حصو ڪون هو.

هن کي شدت سان محسوس ٿيو تہ هو مروجہ سياست لاءِ موزون ماڻهُو نہ هو. ان ڪري هن سياست کي الوداع چوڻ جو فيصلو ڪيو. هن چاهيو تہ هُو وڏو پروگرام ڪري" ننڍين وڏن" ۽ سنگتين ساٿين کي ڪونائي سياست ڇڏڻ جو اعلان ڪري. پر ايئن ڪرڻ سان تہ گهڻگهُرا مايوس ۽ منگهُرا خوش ٿي نيون سازشون سٽي سگهيا ٿي، ان ڪري هن سياسي ۽ سماجي معاملن کان ڪناره ڪ

شي ڪري اين جي اوز ۾ نوڪري ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن وٽ ماسٽر ڊگري موجود هئي. پر هو ڪنهن به اين جي او ۾ اڳهامي ڪون سگهيو. ڇوته هن جي هڪ سچاٽپ بيباڪ قلمڪار واري به هئي. سماج سڌارڪن ۽ قلمڪارن کان ڪيس وڏي شڪايت اها هئي ته انهن وٽ قول ۽ عمل جو تضاد موجود هو ۽ اهي ادب، صحافت، سياست ۽ سماجي خدمت وغيره جي نالي ۾ عوام سان ويساهه گهاتيون ڪري رهيا هئا. دلبر ان حوالي سان غير مصلحتي انداز ۾ اُگهاڙي تلوار ٿي لڪيو هو ۽ گهڻا مخالف پيدا ڪري وڌا هئا. هن جا وڌيڪ مخالف اهي هئا، جن خاصڪري ٿر ۾، ادب، صحافت، سماجي خدمت ۽ سول سوسائٽيءَ وغيره جي نالي ۾ لابيون ناهي رکيون هيون. اهي ٽولا اسٽيجن، ميڊيا، سول سوسائٽي ۽ انتظاميه تائين هرهنڌ اثرانداز هوندا هئا. گهڻو ڪري وطن پرستيءَ جو وِرد ڪندا هئا، پر پنهنجي عمل سان وطن جا وڏا ويري پاڻ هئا. بظاهر وٽن عوامي مفادن جون ڳالهيو هيون، پر ان آڙ ۾ ذاتي مفادن جا سيئي ليڪا لتاڙي ويندا هئا. سندن خيال ۾ انسانيت جا سيئي واعظ ٻين تي لاڳو هئا ۽ پاڻ ان جنجهٽ کان آجو هئا! شاهه لطيف جا بيت زيرزبر سميت اکراکر صحيح اُچارڻ جي اشتهار بازي ڪندا هئا، پر پٽائيءَ وارو انسان ڪامل ٿيڻ کان انهن کي الرجي هئي! گوتم جو گيان ۽ ساميءَ جا سلوڪ به سندن ڏيکارڻ واري ٻتيءَ جا ڏند هئا! سمورين سٽيين جڳهين تي قبضو ڪرڻ بعد انهن ٿري تاريخ سان هٿ چراند به شروع ڪري ڇڏي هئي. ڪن پنهنجا قلمي مفتي تيار ڪيا هئا، جيڪي سندن سالگراه اچڻ يا ساڻن ملهايل شامن ۾ ڪين زيرو مان هيرو ناهي رهيا هئا. ته ڪي وري پنهنجن مرحوم رشتيدارن کي ٿر جا معمار ۽ عظيم انسان قرار ڏيارڻ لاءِ ورسيون ملهائي رهيا هئا. ٻاهر جي قلمڪارن کي ٿر گهمائي، مهمانيون ڪري، ڪوڙا قصا ٻڌائي، من پسند ليک لکائڻ به سندن باسليقه ذوق جو زيور هو!

دلبر ٻڌو هو ته پئسي سان سمورا سک ملي پوندا آهن. عزت ۽ شهرت جو حصول ممڪن ٿي پوندو آهي. حج حاصل ڪري گناهه ڌوئي سگهبا آهن. پر سچو پيار ۽ تاريخ پئسن سان تيار نٿا ٿين. پر هاڻ هن ڏٺو ته دولت ۽ دماغ سان تاريخ تي ليبل لڳائڻ به ممڪن هو. موجوده پيڙهيءَ جا مفروضات ايندڙ نسلن وٽ مسلمات مڃجڻ مسئلو نه هو!

دلبر ريڊيو پاڪستان مٺيءَ تي هڪ هفتيوار پروگرام ڪمپيئر ڪندو هو. هن جي پروگرام جي بيتحاشه مقبوليت کان جلندڙ سندس مخالفن اتي به سندس خلاف سازشون سٽيون پر هڪ ته اهو وفاقي ادارو هو، جنهنڪري سندن سازشن رنگ ڪون لاتو ٻيو وري ريڊيو، همراهن لاءِ نسبتن نئين شيءِ هو جنهنڪري اڃان اتي ڪوبه مقامي پروڊيوسر يا اسٽيشن ڊاريڪٽر نه آيو هو. ان ڪري سندن جانٺو نٿي لڳو. البته ڪمپيئرن ۾ ٻي هيئنين عملي ۾ هنن پنهنجا ماڻهو مقرر ڪرايا هئا. جن جهڙي ۽ ٻين ٻئراجي علائقن مان ڪمپيئرنگ لاءِ ايندڙ ماڻهن کي غير مقامي چئي رستا روڪ ڪرڻ لاءِ، انتظاميه

تي دٻاءُ وڌو هو. جيئن اُنهن جي اهليت سان مقابلابازيءَ ۾ سندن نااهل سنگت جو پوتاميل پڌرو نه ٿي پوي! سنڌ جي اندر نئين سنڌ ناهڻ ۾ فن جي وچان علائقائي حدون اڏڻ وارن ۾ نالي چاڙهيل شاعر، اديب ۽ صحافي شامل هئا، پر دلبر مٺ جيترن دوستن سان گڏ ان عمل جي مخالفت ڪئي هئي.

هن کي ريڊيو ڇڏائڻ لاءِ سازشن جا ڪيئي ڪندا وڇايا ويا، پر هن کي ريڊيو ٻڌندڙن جون محبتون هر هفتي ريڊيو تي ڇڪي ايندڙيون هيون. سمورا مسئلا، سموريون مصروفيتون سمهاري، هُو هر هفتي پروگرام ڪرڻ ٻوٿان مٿيءَ ايندو هو. جڏهن سياسي ڪيسن ۾ ڦڌن ۾ گهٽو قاتل هو تڏهن ڪجهه وقت لاءِ ريڊيو ڇڏيو هئائين. پر ٻڌندڙ جون هُجتي فرمائشون ڪيس وري ريڊيو تي وٺي آيون هيون. مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل ڪيترن ئي خطن ۾، هن سان پُرستاراڻي پيار جي اظهار طور ريڊيو تي وري سندس واپسيءَ جو مطالبو ٿيل هو. هڪ خط ڪيس گهڻو هرکايو هو. اهو خط اداس نازبوءِ نالي ڪنهن لسنر جو هو. جيڪو يا ته ڇوڪرو هو ۽ نسواني طبيعت ڪان مجبور ٿي، هن خط لکيو هو يا وري حقيقت ۾ ڇوڪري هئي، جيڪا دلبر جي مداح هئي. ان خط ۾ دلبر کي مداح واري محبت کان به ڪجهه اڳتي نظر آيو هو جنهن ۾ محبتن، ميارن، هجتن، ۽ التجائن جي آميزش ۾ اٽڪيل مينهن-ماماٽن جهڙن نفيس جذبن جي جرڪنا هئي، جنهن کي اظهار جي مڏ ۾ ملائڻ کان وڏيڪ احساس جي آئيني ۾ سمجهڻ آسان هو!

دلبر ان خط جو جواب ساڳي رسالي ۾ لکيو هو. پر هن کي اهو پتو پئجي نه سگهيو هو ته اداس نازبوءِ ڪير هئي؟ ڪٿان جي هئي ۽ ساڻس سندس سڀنڌ پوبان ڪهڙو جذبو ڪار فرما هو!

دلبر جي ماءُ ننڍي هوندي ئي گذري ويئي هئي. سندس پيءُ مرڻ کان مهينو اڳ، پنهنجي منشا موجب هن جي شادي پرواري ڳوٺ مان ڪرائي هئي. جنهن مان ڪيس ٻن پٽن جو اولاد هو. هن جي زال سُهيند سڄو ڏينهن ٻار سنڀالڻ ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ رُڌل هونديهئي. نه ڪڏهن دلبر هن سان ڳل ڳراٽي پائي ڳالهيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ نه ڪڏهن هُن اهڙي خواهش جو اظهار ڪيو هو. دلبر جون جبلي گُهرجون ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه وقت ڪيس سُهيند سان گڏ سمهڻ تي مجبور ڪنديون هيون. هڪ طرفيون حرڪتون پڇاڙيءَ تي پڄنديون هيون، تڏهن دلبر به تي ڊگها ساهه کڻي پنهنجي بستري تي اچي ليٽندو هو. ڪتابن ۾ پڙهيل ڀرپور جنسي تجربا، هن ٻاهر جي ٻنين ۾ ڪيا ها، پر سُهيند لاءِ هن وٽ رتيءَ برابر پتي نه هئي!

ڪامياب ازدواجي زندگيءَ متعلق هن انيڪ ڪتاب پڙهيا هئا. پر ان مان ڪي به اصول هن پنهنجو پاڻ تي لاڳو نه ڪيا هئا. شايد ان جو هڪ سبب ٻنهي ۾ خيالي هم آهنگيءَ جي اڻهُوند هو. جڏهن ته ٻيو سبب ٽري عورت ۾ سَتيءَ کان سُهاڳ تائين، ورن سان وفائن وارو موروثي تصور هو جنهن

تحت مڙس سان گڏ مرڻ جيئڻ لاءِ ٽري عورت مارئيءَ جيان ايتري سادي، ثابت قدم ۽ لالچن کان لاتعلق هئي، جو سيٺن ۽ ساٽيه سان سندس سبنڌ ڪنهن به ٽُرازي ۾ تورڻ کان مٿاهون هو! جنهن ڪري شادي ناڪام ٿيڻ جو نشتري انديشو هن اڳيان اچي نه سگهيو هو. ۽ هن سُهيند کي گهرداريءَ جي مشين کان مٿاهين حيثيت نه ڏني هئي. جيئن به هو سُهيند حالتن کي ايئن جو ايئن قبول ڪيو هو. هن سان ڪا به شڪايت نه ڪئي هئي. پر هڪ ڀيري ضمير، دلبر سان شڪايت ضرور ڪئي هئي!

”تون سدائين قول ۽ فعل جي فرق جو پنڌُو پٽيندو آهين. حقن ۽ فرضن جا پارٽ پڙهائيندو آهين، پر ڇا پنهنجي وني سُهيند سان ڪڏهن انصاف ڪري سگهيو آهين؟!“

”مون هن کي ڪڏهن به شڪايت جو موقعو نه ڏنو آهي“

”موقعو نه ڏنو اٿئي يا هن کي شڪايت ڪرڻ جي عادت ڪونهين؟!

”جيئن به آهي، هوءَ جتي آهي، اتي مطمئن آهي“

”پر تون مطمئن آهين ته تو پنهنجا سڀ فرض پورا ڪيا آهن؟“

ڪپڙي لٽي کان ڪاڏي پيتي تائين، مون سندس سموريون خواهشون پوريون ڪيون آهن. “

”هن وٽ خواهشون ئي ڪيتريون آهن؟! چوٿين پنجين مهيني هڪ وڳو وني ڏيئين ته به وهنسي ويني! ڪاٽيو ڪائيو به خوش آهي. ڀلا ڪڏهن ڪجهه پل هن سان گوڏو گڏي ڪچهري ڪئي اٿئي؟“

”نه ...نه پر ڪن شين تي ماڻهوءَ جو اختيار ڪون هوندو آهي. پيار، روئڻ ۽ کلڻ ٿئي هينئڙي هيٺ هُوندا آهن، اُليل بنا ڪيئن اچن؟!“

”اداڪار ڪيئن ڪندا آهن؟“

”پر مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اداڪاري نه ڪئي آهي!“

”مقصد نيڪ هجي ته؟!“

دلبر رد_قد جي قيد ۾ قابو ٿي پيو هو. ضمير جي ساڻ ڊِگهي ڪيس سنگهن تي اچي ڪنيو هو. پر هو ميسڙو ۽ ڏُوتيليو بل فائٽر نه هو جيڪو جان ڇڏائي سگهي!

ٻئي رات هن سُهيند کي سڏي گڏ سمهاريو هو. دير تائين ڪچهري ڪئي هئي. بظاهر ننڍڙيون ۽ غير اهم ڳالهيون، پر سُهيند جي پسند جون ڳالهيون!

دلبر جڏهن ڪيس چيو هو ته:

”تون ڳاڙهي وڳي ۾ مونکي ڏاڍو وڻين ٿي!“

ته هوءَ ٻئي ڏينهن ڳاڙهو جوڙو پائي، سراپا سينگار جي هن وٽ آئي هئي. دلبر کي ڀاڪر پائي، چمي ڏيندي، چيائين:

”پاڙي واريون رنون چنڊيون مونکي چونديون هيون، تنهنجو مڙس توکي پاڻيءَ ڪون ٿو پر هاڻ پاڻ پچن پيون“

دلبر وري ريڊيو تي موٽيو هو. هن نئين اُڪير ۽ اتساهه سان پروگرام ڪرڻ شروع ڪيا هئا.

اڳ جڏهن دلبر پروگرام ڪري موٽندو هو ته سندس ريڊيو سيٽ اتي ئي پيو هوندو هو. جتي هن ڇڏيو هوندو هو پر هاڻ ان جي ايريئل اُڀي ٽيل هوندي هئي ۽ اهو سُهيند جي چونڊيءَ ۾ ليندو هو!

شايد هاڻ سُهيند ريڊيو ٻُڌڻ لڳي هئي. دلبر اهو به محسوس ڪيو ته هر ڏينهن هن جي اُٿڻي ويهڻي، ڳالهائڻ ٻولائڻ، اوڍڻ پائڻ، سفائي سُٿرائي ۽ رنگ روپ ۾ پڻ زبردست تبديلي اچي رهي هئي. هُوءَ هر گذرندڙ ڏينهن سان گڏ نيلوفر جيان نکري رهي هئي. ٻنهي وچان حائل تڪلف جي تار ٽُٽي پيئي هئي. اڳي بستري تي وچايل جنسي چوپڻ راند جون سموريون ساريون، دلبر کي هڪ طرفيون هلائڻيون پونديون هيون، پر هاڻ سُهيند جون سڪاچ آڱريون انوکا ڪُڻ ڪيڏي رهيون هيون! جن ڪان دلبر پڻ اڳي ڪان اڳرو لطف اندوز ٿي رهيو هو. هُن پنهنجن ڳُجهن تجربن ۽ شغلن ۾، سهيند کي جيترو گهرائيءَ سان شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي، هوءَ اوتري ئي محويت ۽ باريڪيءَ سان وکري ۽ نکري رهي هئي! ۽ گڏجي ميڙيل ميون جي لذيذ ذائقن جيهڪيئي سان ورهاست، ٻنهي کي عجيب سُرُور ارپي رهي هئي! اڳي ٽري رهڻي کهڻيءَ جي ريت موجب دلبر اڳيان سُهيند جا چپ سبيل هوندا هئا، پر هاڻ هوءَ اڪيلائيءَ ۾، دلبر سان هجتي لهجي ۾ ضرورت جون شيون خريدي آڻڻ جون معصوم فرمائشون پڻ ڪرڻ لڳي هئي.

هڪ صبح دلبر مٺيءَ وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو هو ته چيائين:

”مون لاءِ ريڊيو واري زُليءَ جهڙو وڳو وٺيو اچجان“

تڏهن دلبر کي ياد آيو هو ته ٻه سال اڳ جڏهن ريڊيو تي ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ ٻه خاتون ڪمپيئر ٿري ٻهراڙي گهمڻ خاطر سندن گهر آيون هيون، ته سُهيند سندن سئو سئو مرضيون رکيون هيون. خاص ٿري کاڌا رڌي، خدمت چاڪري سان مهمانداري ڪرڻ لڳي هئي. وڃڻ ويل ٻنهي کي سنيون رليون ۽ هٿ سان پرت پريل چادرون پيٽا ڪيون هيائين. پر ميڪ اپ ۽ويس وڳن جي چنڊ ڦُوڪ ۾ اٽڪيل سوچ اڳيان، سُهيند جو سمورو خلوص ڳوٺاڻي بيوقوفي ٻڻجي رائيگان رهجي ويو هو.

جيپ ۾واپس مٺيءَ ويندي هڪ اردو ڪمپيئر زُليخان دلبر ڪان پڇيو هو:

”توهان هڪ جاهل ڳوٺاڻي عورت سان ڪيئن زندگي گذاري رهيا آهيو؟!“

دلبر جي جواب ڪان اڳ پرسان ويٺل حُميره چيو هو:

”هوءَ ٻڪريون چارڻ لاءِ سازگار آهي. هوئنئن به دلبر صاحب هن کان باورچيءَ وارو ڪم وٺي رهيو آهي!“

هڪئي وقت ٿهڪن جا ڪيئي پوپٽ اڏاڻا هئا. دلبر شرمندگيءَ جي شاور هيٺيان اچي بيٺو هو!

سوچيو هئائين:

”جيتوڻيڪ منهنجي سُهيند سان انڊر اسٽينڊنگ ڪونهي. هوءَ اٽپڙهيل به آهي. پر هن جي ڪردار جي ڪٿ ڪبي ته هُوءَ هنن وات ٻاڙهين شهري عورتن کان گهڻي مٿاهين بيٺل نظر ايندي. سُهيند جي ٻوناٽي سادگي ۽ اڻ پڙهيل هجڻ جي عيبن تي نظر اٽڪائڻ وارين، هنن اصليت کان عاري عورتن کي، سهيند جي زنده دلي، غير ملاوتي مهماننوازي ۽ بيساخته رؤين جي خوشبوءِ آخر ڇو ڪون محسُوس ٿي؟! شايد اها هنن جي شهر جي تهذيب ڪونهي ڪا!“

دلبر جون سوچون ڇهري جو تاثر بڻجي ڪون سگهيون هيون. نه ته زليخان ۽ حُميره ڪر جلد موضوع بدلائي وٺن ها. جيئن اهي ڪپڙا بدلائي وٺنديون هُيون!

مٿيءَ تائين سندن طنزيه ٿهڪن جا ڏينڀُو دلبر کي ڏنگيندا رهيا. جن جي سموري قباحت ڪل پوڳ جي بارش ۾ ڏوپجندي رهي.

دلبر وري ريڊيو تي پروگرام ڪرڻ لڳو هو پر اداس نازبوءِ جي خط کي سندس اکيون ڳولڻ باوجود ڏسي ڪون سگهيون هيون!

هڪ ڀيري هن ڪتابن جي ڪمري ۾ هڪ پيٽيءَ ۾ رکيل ريڊيو لسنرز جي پُراڻن خطن کي ان اميد سان ڦُلوريو هوته” ڪاش اداس نازبُوءِ جي پراڻين ردڪيل تحريرن مان ڪو پنو ملي پوي، جيئن هو سندس هينڊ رائيٽنگ ڏسي سگهي ته ان جي لکت ۾ نسوانيت ڪيتري هُئي؟! ان وقت غير اهم سمجهي ڏيان جوڳا نه سمجهيل لفظن ۽ هاڻ تازو رسالي ۾ ڇپيل اداس نازبُوءِ جي خط ۾ ڪيتري مطابقت ۽ هڪجهڙائي هئي؟! پر ڪٿي به ڪيس ڪو اهڙو ڪاڳر ملي ڪون سگهيو هو. البته هڪ تبديليءَ هن جو ڌيان ضرور ڇڪايو هو. سمورا ڪتاب ۽ رسالا هڪ ترتيب سان رکيا هئا. حالانڪه هُن پاڻ ڪڏهن اهڙي ڪوشش ڪون ڪئي هئي. ترتيب ۽ نفاست سندس ساٿياڻيون تي نه سگهيون هيون. هُو نوان ڪتاب ۽ رسالا پڙهي جتي پُورا ڪندو هو اتي ئي ڇڏي ڏيندو هو. پر هن کي حيرت اها ٿي ته اهي نه رڳو چنڊي ڦُوڪي فضيلت سان رکيا هئا، پر انهن ۾ مبهم ئي سهي، پر موضوع وغيره واري عالمانه ترتيب به موجود هئي. هن جي دل ۾ شڪ جو ڪنڊو پيجي پيو هو.

”ڇا منهنجي اڻموجودگيءَ ۾ ڪوئي لڪي لڪي منهنجا ڪتاب پڙهي ٿو؟!“

هن پر پاسي جي ڪيترن ئي پڙهيل لکيل ۽ ادبي ذوق رکندڙن متعلق مختلف زاوين سان وري ويچاريو هو. جيئن جيئن هُو سوچ جي پاٽيءَ ۾ پرتي ويو ٿي، ڪيس وهمن جا وهڪرا ويتر ورائي رهيا هئا!

”عورت ۽ اُٺ تي اعتبار ڪير ڪري؟!“

بي اعتباريءَ جي بازار ۾ سُهيند جي هر ڳالهه هن لاءِ انومانن جو آئينو ٿي پئي هئي. جنهن ۾ معنائن ۽ مفهومن جا مبهم عڪس ڳوليندي، هُو الاءِ ڪٿي پهچي ويندو هو.

”گذريل ڪجهه مهينن کان منجهس عجيب تبديلي آئي آهي. هوءَ تيل ڦُليل ۽ سهسين سينگار ڪرڻ لڳي آهي. سياڻا واقعي سچ چوندا آهن. عشق ۽ مشق لڪيا ڪون لڪن!“

وهمن ۽ وهلُورن جي واچوڙي ۾ سندس وجود ڌور ٽُٽل لغڙ جيان بي وزن بڻجي پيو هو.

ڪاوڙ ۽ ڪيني جي پاڇن پويان سُهيند هن لاءِ نفرت جو نمونو بڻجي پيئي هئي، بس ڪنهن بهاني جي تيلي، پنيٽ بڻجي سگهي ٿي!

سُهيند بہ دلبر جي روَيي جي اها تبديليمحسُوس ڪئي هئي. ڪيس انهيءَ وهم ورايو هو تہ دلبر ريڊيو تي وجي بدلجي پيو هو. اتي ڪا عورت هئي، جيڪا ڪيس چوري رهي هئي.

سهيند بي سبب دلبر جي آس پاس اچي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، جيئن ڪنهن ڳنڍيءَ مان من دلبر جوسهڻو سلوڪ نئين سر نڪري اچي !پر دلبر جو سرد مهريءَ تي مشتمل سلوڪ، ڪيس مايوسين جي عميق اونهاين ۾ اڇلي ڇڏيندو هو. هوءَ پاڻ وٽائڻ لئہ ويتر سينگاربي هئي، پر دلبر لاءِ تہ سندس سينگار ۾ پڻ وهمن جا ولر ويٺل هوندا هئا.

هڪ شام سهيند، ماٺ جي اٿُسهائيندڙ اونده ۾، موضوع لاءِ هٿوراڙيون هنيون، پر تڪڙو ڪيس ڪو گهريلو موضوع ملي نہ سگهيو. هن بس ايئن ئي دلبر کان پڇيو:

”وري سرڪاري امداد واري ڪٽڪ ملي ٿي ڇا؟“

دلبر الٽو سوال پڇيو:

”توکي ڪنهن ٻڌايو؟“

سورٺ مجهندي وراٽيو

”اخبار ۾ لکيل هو ۽ اهو بہ لکيل هو تہ سرڪار ڏوراهنگوٺن ۾ اسپتالون کولي، علاج جون سهولتون پيدا ڪندي، جيئن ٻارن جي موت جو انگ گهٽائي سگهجي“

دلبر ڇرڪي پيو. هن جي اندر ۾ ڪيترن ئي ڏينهن کان اسرندڙ انديشن جي تصديق ٿي پيئي. مطلب ڪو تہ هو. جيڪو سهيند کي دلبر جي پرپٺ اخبارون پڙهي ٻڌائيندو هو. ڪتابن ۽ رسالن جي ترتيب کان سُهيند جي سينگارن تائين, سموريون ڪڙيون ازخود هڪٻئي سان ملي پيون هيون!

دلبر جي اندر جو آتشفشان ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جا لاوا اوڳاڇڻ لڳو.

⦿

# باب ٻيو

اولهه جي تيز ساموندي هوا گهلي رهي هئي. جانمحمد عرف جانوءَ صابُو کوه جي اوائڙي کي ڏنل واڙ جي اوٽ ۾ ڪانيُون ڪڍي وينا هئا. آسمان تي ايڪڙ ٻيڪڙ ساموندي ڪڪر تيزيءَ سان اوپر طرف وڃي رهيا هئا. جانُوءَ آسمان تي اکيون کُپائي، ٿڌو شوڪارو ڀريو. صابوءَ چيس:

”ڪاڪا لڳي ٿو هيل به ٽر ڪون وسندو!؟“

جانو وراڻيو:

”آسمان جا پار به ته اهوئي پيا ٻُڌائين!“

صابُوءَ جي مُنهن تي هَڪِيڊ هارجي پيئي. بيوسيءَ مان چيائين:” پاڻ ته بڪ جا ڏاڍا آهيون. ڳالهين جا ڳُڙ ڪائي، ڪارا ڏڪار به ڪتي آيا آهيون، پر اڄ ڪله جي ٻارن ڪان ته صفا صبر نٿو ٿئي!“

جانوءَ به ڳالهه جي سر جهلي:

”ڏڪار اڳ به ايندا هئا. پر هُيڙي ڪاري-واري ڪڏهن ڪون ٿي. ماڻهن ۾ صبر ۽ شڪر هو پر هاڻ ته ويڙهو ويڙهي کي پيو کائي. اسين رب جي وٽي ۽ اڄ جي ڪٿوري تي سڄو ڏينهن سَرها سُنرا هوندا هئاسين. وڏڙن ته ان ڪان به اڙانگا ڏينهن ڏٺا. چون ٿا بک ۾ ڍڳين رنيُون ڪري، واري ڪاڏي ۽ ڪن ماڻهن چم مان نهيل ورت جا سيٽ ڪرتيا، پر ننڍڪ ايترا جو ڏڪار جا ڏينهن آگرين تي ڳٽي پار پوندا هئا“

صابوءَ چپ تي آڱر رکي جانوءَ ڏانهن اچرج مان ڏٺو ۽ پڇيو:

“ماڻهو به ساڳيا، ڏڪار به ساڳيا، اڄڪله آسانيون به گهٽيون آهن، پوءِ به ماڻهو بک بک پيا ڪن، بيماريون مارين ٿيون، آخر ڪارڻ ڪهڙو آهي؟“

جانُوءَ ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ وراڻيو:

”هڪڙو ته ماڻهن ۾ جسماني جهلو ڪونهين، ان جو هڪ ڪارڻ ڪير مڪڙ جي ڪوٽ آهي، وڪري ۽ مهانگائيءَ ٻنهي کي غريبن ڪان پري ڪري ڇڏيو آهي، گڏوگڏ زمينن تي قبضن ۽ گئوچر جي ڪيڙيءَ به مال کي گهٽايو آهي ۽ جهنگلي جيوت کي نقصان رسيو آهي. برساتون گهٽيون آهن ٻيو وري ماڻهن جو جسم به گهٽ محنت ۽ نقلي خوراڪ تي هِري پيو آهي، بيمارين جي دپ نٿو جهلي. پر صابوڙا ماڻهن کي قدرت جي ڏڪارن ڪان به وڌيڪ ماڻهن جي آفعالن جي ڏڪارن ماريو آهي. “

صابو سوچ ۾ پئجي ويو:

”ڪاڪا افعالن جو ڏڪار وري ڪيئن؟!“

”اڙي صابُوڙا ٻُچڙا افعال! مطلب تہ رشتن مان رس ۽ واسطن مان واس وڃائجي ويو. سمورا سنگ سياپا مفادن مروڙي ڇڏيا آهن. لُچائي، لالچ ۽ لليچائي ايتري وڌي آهي جو ماڻهو ماڻھُوءَ جو ويري ٿي پيو آهي. محبتن جي ڪاري ڏڪار، ماڻهن ڪان انيڪ خوشيون ڪسي ورتيون آهن!. ڏڪار تہ گهڻو ڏِيل ڏُڪائيندا آهن پر آسپاس جا ٻُچڙا آفال روح روڙيندا آهن!“

صابو سوچ جي لهرن تي لُڏندو رهيو.

جانوءَ ڳالهہ جاري رکي:

”اڳي گهڻوٽڻو سڀ هڪجهڙا هوندا هئا، وڏ_ننڍائيءَ جو ويڇو عمر ۽ عقل تي هوندو هو. پر هاڻ تہ هر پاسي هُونگار وارا هوڪا آهن. تون جي غريب آهين ۽ تنهنجو ڀاءُ جي تونگر آهي تہ ان جي گهر ڀاتين جا نٽ ٽانگر ۽ ڪاڻ پيڻ تنهنجي گهر وارن کي پنهنجي هيٺي حال جو روز مهڻو ڏيندا رهندا، جيڪي انهن کي اندران ڀاهران اڌوهي ٻڻجي کائيندا رهندا“

اوچتو صابُوءَ جي اندر ۾ وهلُورن جو واچوڙو نهي پيو. هن کي پنهنجي مفلسي، فاقن ۽ زال صدوريتوڻي ٻارن طرفان پنهنجي بدحاليءَ متعلق وري وري پڇيل سوالن جا تير، پنهنجي وجود مان آرپار اُڪرندي محسوس ٿيا.

گذريل ڪجھ مهينن کان صابو سخت ذهني مونجهارن جو شڪار هو. سندس عمر پنجاه جي لڳڀڳ هئي. هن جي جواني، آوارگين، رولاڪين، چاهتن، شوقن ۽ شُغلن ۾ گذري هئي. من_موجي قسم جي هن مٿير مڙس، ڪڏهن بہ پئسي کي اهميت ڪون ڏني هئي. جمع ۽ طمع جي هوا، هن جي پاسي مان بہ ڪڏهن ڪون گذري هئي. جڏهن وٽيئس، جيڪو مليئس، پورهيو ڪري پيٽ پري وٺندو هو. پر اهو سڀ ڪجھ تيسين هو، جيسين ڇڙو هو.

هن جي پيڻ نہ هئي، ان ڪري بدو ڏيئي جوانيءَ ۾ پرڻجي نہ سگهيو هو. چاليهن سالن جي ڄمار ۾، هن ڏوڪڙ ڏيئي صدوريءَ جو سنگ ورتو هو. ان وقت هن جي منيءَ واري هوٽل سُٺو ڪمائي رهي هئي ۽ هن وٽ پنهنجي نيمي بہ هئي. ماڻهن کي ڀائيواريءَ تي ڏنل مال بہ هو. شاديءَ کانپوءِ چند ئي سالن اندر هن منيءَ واري هوٽل مان هٿ ڪڍيا هئا، ڇوتہ هوٽل جي آسپاس گهڻيون ۽ بهتر هوٽلون کليون هيون، جنهن ڪري هن واري هوٽل بند ٿيڻ تي آئي هئي. صدوريءَ مان ٻن پُٽن ۽ ٻن ڌيئرن جو اولاد هئس.

گذريل چند سالن ۾ اڪثر آيل ڏڪارن سبب، هن جو سمورو مال ڪاڇي کپي چُڪو هو. ۽ گذريل ڪجھ مهينن کان هن جي گهر ۾ گهڻو ڪري لانگهن جي لالٽين ٻري رهي هئي! ڳوناڻن دڪاندارن جون اوڌرون هن تي وڌ ويڙهيءَ ول جيان چڙهي ويون هيون. ڪٿي بہ سندس ڪار نہ رهي هئي.

هڪ ڏينهن جڏهن سندس گهر ۾ ٽين وٽ ٻن ڏينهن جو لانگهو ترسيل هو ۽ هن جي ٻارن جهنگلي ٻير کائي کائي پيٽ ڀريو هو:

”ابا ڏڪار ۾ ٻه ٻيرين ۾ ٻير ٽين ٽا ۽ چارين ۾ پيرون پچن ٽا پر ٻنين ۾ ٻاجهر ڇو نٿي ٿئي!؟ابا اتو وٺي اچ بک ماري ٿي!“

تڏهن هن پنهنجي زندگيءَ جو گهٽيا ترين فيصلو ڪيو هو. صدوريءَ کي قادوءَ جي دڪان تي اوڌر سامان آڻڻ لاءِ اهو چئي موڪليو هئائين ته

”مون ڏانهن اڄي اوڌر گهُري پيو وڏيڪ کون ڏيندو. تون وڃين گهُر، من نياڻيءَ جون اکيون آڏيون اچنس. بختاور کي به ڪونيو وڃ!“

پر ڪجهه دير بعد صدوريءَ هٿين خالي واپس آئي هئي. سندس اکين ۾ لڙڪ هئا. چيائين

”مُئو بيلڇڻو آهي. چئي ٿو چمي ڏيڻ ڏي پوءَ پلي اوڌر کڻي وڃ. “

صابوءَ مٿي تي هٿ رکي دير تائين پنهنجو پاڻ کي بروپلو ڇيو هو. ڪيترين راتيون ان ضمير جي ڦوڙائي ۾ ڦتجي گذاريون هيون. پر هن وٽ هڪ رهيو به نه هو جو ننڊ جي گورين سان اوجاڳن جو سودو ڪري سگهي!

هن ٻئراج ڏانهن وڃي محنت مزدوري ڪرڻ جو به سوچيو هو. پر هڪ ته سندس پوڙهو جسم سخت ڪم ڪار لاءِ ساٿ نه ڏيئي رهيو هو. ٻيو وري پويان جوان جماڻ صدوريءَ کي اڪيلو ڇڏي وڃڻ جو الڪو به کيس ايئن ڪرڻ کان روڪي رهيو هو. هن جي قبيلي ۾ ستن پيڙهين کان ڪڏهن به ٻارن ٻچن محنت مزدوري لاءِ ٻئراج لڏڻ جو رواج ڪون هو بلڪه لڏڻ وارن کي سماج ۾ هيڻائين حيثيت ملندي هئي. جنهن ڪري صابوءَ جڏهن به ان حوالي سان سوچيو ٿي ته هن جي اڳيان اهي سمورا تصور ايري آيا ٿي، جن کان هو پاڻ جوانيءَ ۾ متاثر رهيو هو! هن سوچيو:

”جيڪڏهن جوان زال وٺي ٻئراج ويئس ته ماڻهو ڇا چوندا؟ اجايو اولاد کي مهڻياب ڪندس، برادريءَ ۾ ساڻن ڪوبه رشتيداري نه ڪندو. اتي ٻئراج ۾ وري ڪهڙيون ڪير جون نديون پيون هلن. آئون ۽ صدوري اتي وري ڪهڙا ڦاڙها مارينداسين؟!“

صابو ذهن جي ڇتي ڇڪتاڻ ۾ ڦيريون کائڻ لڳو هو. سامهون ويٺل جانو ڳالهائي رهيو هو پر صابوءَ کي ڪجهه به سمجهه ۾ ڪون پي آيو. هن جانوءَ جي جملن مان ڪجهه جهٽڻ چاهيو، جهٽي نه سگهيو. هن وري ساڳي ڪوشش ڪئي، هن پيري هڪ جملو هن جي هٿ چڙهيو:

”انسان جناور ٿي پيا آهن“

”انسان. . . جانور. . . . !!“

هن جو ڌيان جانوءَ جي ڳالهين تان هٽي وري وجود جي وراڪن ۾ وچڙي پيو:

”جانورن تي زندگيءَ جو ڪوبہ بار نہ هوندو آهي، آٽڻ چاڙهڻجا اُلڪا، لوڪا چاريءَ جي پت پاڙڻ ، ننگ ۽ ناتا نڀائڻ جا بار تہ انسان تي هوندا آهن. چونہ جانور ٿي وڃجي، ڪمن ۽ غمن کان آجو“ هن سچ پچ جانور ٿيڻ چاهيو. ”پر ڪهڙو؟!“وارو سوال سندس سامهون اچي بيٺو. هن جي تصور ۾ مختلف جانورن جي شبيهن جا عڪس نهڻ ۽ ڊهڻ لڳا. ڪتي کي هن ڏک سان رد ڪري ڇڏيو ڇوتہ هن جي شعور توڙي لاشعور ۾ ان جو موچارو سماجي ۽ مذهبي تصور موجود نہ هو. هن مور ٿيڻ جي سڌ ڪئي پر ظالم شڪارين جو تصور ايندي ئي هُو ان تان هٽ ڪٽي ويو. هن ڊگهو ٿيڻ چاهيو پر ڌرتي سنگهن تي ڪٽي بيهڻ واري خيال، هن کي ڪنبائي وڌو! هن گابي تي بہ سوچيو پر ڪير وڪڻڻ وارن پاڳين جو خيال هن کي پڇائڻ لاءِ ڪافي هو!

اوچتو جانُوءَ رڙ ڪئي:

”گهوڙا صابوڙا توکي ڇا ٿيو آهي، آئون ڳالهايان پيو پر تولاءِ جهڙو ڌٻي ۾ نڪريون. خيالن جا ڪهڙا پوهہ وينو پچائين؟!“

صابوءَ پاڻ سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي:

”نہ ڪاڪا توکي ٻڌان پيو پر مڙئي مٿي تي بار آهي، ان ڪري اکيون ٻوٽيو وينو هئس“.

”مٿي تي بار . . . ايئن چئو. ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ آهي، تڏهن منهنجون ڳالهيون تنهنجي مٿان لنگهي رهيون آهن“

صابُوءَ وري پاڻ کي ميڙڻ جي ڪوشش ڪئي. منتشر ڪيفيت لڪائڻ لاءِ هن جانُوءَ جي ڳالهين ۾ مصنوعي دلچسپيءَ جو اظهار ڪندي چيو:

”ڪاڪا اڄ تنهنجي جوين ۽ ڪڇ گجرات واريون ڳالهيون وري ٻڌائي تہ ڪي ٽڪ لهن “

جانو سادو سودو ڳوناٺو ٽريو هو. صابُوءَ کان ويهہ-پنجويهہ سال وڏو هو. لٺ تي هلندو هو پر اڃان جڙد مڙد لڳو پيو هو. ملاوت هن جي پاسي مان بہ ڪون گذري هئي. بنا ڪنهن ڇڪ ڇڪان ۽ نخريبازيءَ جي، ڪنگهي گلو صاف ڪري ڳالهہ شروع ڪيائين:

”ٻيلي! ابو هتان ڊڳا وٺي، ڪڇ گجرات ڏانهن وڪڻڻ ويندو هو. چوٿين پنجين مهيني موٽندو هو. چڱو چوکو نفعو ٿيندو هئس. امان سندس اوسيئڙي ۾ ٽر جا ڪانگ اڏاريندي هئي. پر ورهاڱي سبب ابا جو اهو وڻج واپار بند ٿي ويو. سگهوئي ڪيس سلهہ جهڙي موذي مرض اچي وڪوڙيو. جنهنجو ان زماني ۾ ڪوبہ علاج ڪون هو. ابا بيماري وچڙڻ جي ڊپ سبب مونکي پري کان پيار ڪندو هو. مونکي مس مس ڏينهن ياد پون ٿا، جڏهن هي جهان ڇڏيو هئائين تہ عزيز قريب رُنا هئا، ۽ امان اُلهي-ڪُلهي پهريل عاج

جا اڇا چُوڙا لاهي ٻانھُون ٻُسيون ڪيون هيون. سيوٽ گج لاهي، ڪاري پيٽي پاتي هئي. ڳوٺ جي عورتن هن سان همردي ڪئي هئي. ماسي مونکي راند ڪرائڻ پنهنجي گهر وٺي هلي هئي. مونکي ان وقت اها سُرت نہ هئي تہ ماڻهو اسان کي آٿت ڇو ڏيئي رهيا هئا. مون ان ڳالهہ تي اعتبار ڪيو هو تہ ابا ولايت وڃي رهيو هو.

جڏهن ڪجهہ سُرت سنڀاليم تہ امان بہ هي جهان ڇڏي هلي ويئي. ايئن آئون يتيم ٿي ماسي وارن وٽ ڏڪا ڪائيندو رهيس. چوندا آهن تہ لتاڙيل سلو هميش سُنو ٿيندو آهي، سو آئون بہ ڏُکن سان ڏورٽا ڏيئي، مڇي مڙس ٿي ويئس. جڏهن موسر ڦُٽي، تڏهن خبر پيئي تہ وينجي تہ شينهن بہ بک مرن، سو ڪجهہ ڪرڻ لاءِ سينو ساهڻ لڳس. الئي ڇو؟ ابا جي رِيس هئي يا جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا واري ڪار هئي، جو دل ڪڇ گجرات وڃڻ لئہ واجهائڻ لڳي. ان زماني ۾ پاٻر(بارڊر) تي ڪنڊيدار تار ڪون لڳي هئي. لِڪ ڇپ ۾ سملنگ(سمگلنگ) ٿيندي هئي. مون بہ ابا جي هڪ واسطيدار کان موچارو ڍاتي اٺ، اوڌر تي ورتو. اٺ ڇا هو، جهڙو مور جو ٻچو. چڙهي ويهہ تہ جهڙي ورت هٿن مان نڪتي! سوڪو بہ اهڙو جو پلي هٿ جي تريءَ تي لوٿو گيه جو رکي ڇڏ، مجال آهي جو ڦُڙو بہ هارجي! هڪ دوست سان گڏ لڪ چوري هُن پار پهچڻ جو سَٽل ناهيوسين. اهو همراه تہ اڳي ئي رڻ جو سُونهيون هو پر مون پهرين پهرين جڏهن ڪڇ ۽ ٿر وچان رڻ جي پيٽ ۾، رات ٽاٽي پير پاتو تہ دل ڌڙڪو کاڌو هو. مون واري سنگتيءَ مونکي رستن جي پُرپيچ پاسن کان بچڻ ۽ ڏِسائن جي ڏس پتي لاءِ، آسماني نکٽن جي سنوت جو سهارو وٺڻ سيکاريو. آهستي آهستي سڀ گُر سکياسين.

سستيون شيون جن جا اگهہ اتي ٻيڻ تي هوندا هئا، سي هتان کڻيو ويندا هئاسين. جڏهن تہ ٻيڙين ٻڌڻ وارا پن، سون، ڪپڙو، شراب ۽ ٻيو سامان وري اتان آڻيندا هئاسين. جيڪو هتي انوٽو ڏهوٽو وڏيڪ مُله ۾ وِڪبو هو. هن پاسي جي چوڪين وارا، جن وٽ ان زماني ۾ اٺ هوندا ها، سي ڪڏهن ڦري ايندا هئا، پر اسين بہ هُئاسين ٿماڙ پيتارين جي کُرن جي کيه، اک نہ ڏسي گوڏي کي! گهڻو ڪري اهڙن گسن تان گذرندا هئاسين، جتي پکي پکڻ جو بہ پير نہ هجي. ان زماني ۾ رڻ ۽ ڪنڌيءَ وٽ جهنگلي جانورن جو بہ ڀئو هوندو هو ان ڪري ڪن ڪن پاسن اچ-وڃ گهٽ هوندي هئي. پر اسين تہ هونئن بہ هئاسين ڪوڏڙ گرهن جا سُورا سوار، سو چونڪين تي لانگن ۾ لغام وجهڻ وارا ۽ روز روز بدلي ٿي ايندڙ ويندڙ ڪٽي ٿا اسان کي رسي سگهن. جيڪي هڪ-ٺُهيَن پيتارن تي سولا لانگ واري بہ ڪون سگهندا هئا. اسان جهڙا آڙيڪاپ تہ ڪين گهوئيون ڏيئي تاڙيون هٽي پچي ويندا هئا. پر ڪي سيڪڙات پڪڙجي بہ پوندا هئا. "

جانوءَ پُونگريءَ ۾ تماڪ وجهي، ڪيسي مان ماچيس ڪڍي پونگري دکائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوا جي تيز جهونڪي ۾ ماچس جي تيلي وسامي پيئي. هن هوا کان بچڻ لاءِ ڪانپ ڪولي ٿوال جي جهُنڊ ناهي. جهٽپٽ تيلي دُکائي هڪ هٿ جي آڱرين کي تيليءَ واري هٿ سان اهڙو پيچ پاتو جو پونگريءَ جي ڏُنڊ ڪانسواءُ ان مان هوا جو گذر مشڪل هو. پونگري دکائي، ٻه وڏا سُوٽا هڻي، هن صابوءَ ڏانهن ڏسڻ بنا پڇيو:

”ٻُڌين پيو نه صابوڙا؟“

صابوءَ جي جواب جو انتظار ڪرڻ بنا ڳالهه جو ڇيڙو اُتان ڇڪيائين، جتان ڇڏيو هُئائين.

”ابا صابوڙا ايئن اسانجي اچ-وڃ ٻه هلندي رهي. رڻ اسانجو دوست هو ۽ رڻ جون راتيون وري اسانجون جهڙيون جيڏلون. سومهڻيءَ مهل ائن کي رڻ ۾ لاهيندا هئاسين ۽ ڪوشش هوندي هئي ته ڏڪيءَ ۾ ٺي هُن پاسي پهچي وڃون.

هُن پاسي گهڻوتڻو لڪيل هوندا هئاسين، ته متان ڪٿي چُغلي نه لڳي. رات جي وقت، سو ٻه ٻَروسي وارن وٽ لڪي ڇپي ايندا-ويندا هئاسين. هڪ پيري بابا جي جاڻ سڃاڻ وارن وٽ ترسيل هئس. ڏينهن جو وقت هو، جنهن گهر ۾ لڪيل هئس، اتي اوچتو ڪا شيءُ اڏارڻ لاءِ ياڳيري اچي پهتي. گهر جا ياتي ڪيڏانهن نڪري ويل هئا. گهر ڏجاٽيءَ کي سڏي، در تي پهرين آهستي پوءِ زور سان ٺُڙٺُڙ ڪرڻ لڳي. نٺو ڪوليان ته سڃي پاڙي ۾ ٺو تماشو ٿئي.

نيٺ در کوليم، هوءَ اندر هلي آئي. مون تي نظر پيئس ته ٺهي پري بيهي رهي. پلڪو مُنهن ڪري، پٽڪو لاهي پيرن تي رکندي، منت ڪيم:

”پرديسي آهيان. واءُ جو لوڏيو قسمت سان توسان مليو آهيان. ڳالهه کُلي ته جهلجي پوندس. راز رکندئين ته بچي پوندس، پرديسي ڇورو ڇنو آهيان“.

هن کي پهرين ته ڪنن تي اعتبار ڪون آيو هو. پر پوءِ جڏهن سربستي ڳالهه ڪري ٻُڌائي هئم ته هن کي مون تي رحم آيو هو. هن ٿر جي باري ۾ پڇيو هو. رڻ جي اڙانگي سفر جا پار پڇيا هئا. مون جڏهن ڪيس پنهنجي جوکن ۾ جڪڙيل جيون جو ٻُڌايو هو ته هن کي وڏيڪ هُرکُر ٿي پيئي هئي. مون سنڌ جي سڃي اجرڪ ڪيس سوکڙي ڪري ڏني هئي ته هن موٽ ۾ مونکي ڪجهه ڏيڻ لاءِ سوچيو هو. مون سندس ريشمي آڱر ۾ پاتل ڇلي ڏانهن اشارو ڪيو هو ته چيائين:

”ڇلو ته زندگيءَ جو سودو هوندو آهي، سودو ڪندين!؟“

بياختيار ” ها“ ڪئي هئم.

بس پوءِ تہ پير ئي پٽ تي نہ لڳو. هوءَ هئي بہ اهڙي. ڪڻڪائون رنگ، هاٺني جهڙي ڪامڻ جي ڪاٺي. هرڻين جهڙيون اکيون، ڪُڙين سان لڳندڙ ڪارا وار، جن ۾ جيڪر ماڻهُو لڪي تہ لڪي وڃي. ٻانهُون جهڙيون بہ جاڙيون اندلنون، چپ جهڙا گُلاليي چانهئين جون قاريون، نڪ جهڙو طوطي جي چُهنب، هلڻين ۾ وري مور جي ٽور، ڳالهائي تہ جهڙا واهوندي واءُ ۾ روهيڙي جا گل پيا ڇڻن !بس قدرت واري ڪيس خاص مٽي مان واندڪائيءَ ۾ ويهي گهڙيو هو.

هن سان جو اک لڳي، تہ سمورا ڪم ڪار وسري ويا. هرهر سندس ڳوٺ وڃيو پهچان. جنهن گهر ترسان ان جي ڏڃاڻي، منهنجي دين جي پيڻ ڪيل هئي، مجبوريءَ ۾ وچوئيي وارو ڪم ان ڪان ئي وٺندو هئس. پر جڏهن ڏنم تہ اها لڪ لڪوٽي گهڻو هلي نہ سگهندي، تڏهن ڪيس چيم:

”ياد ڪر، چلو ڏيئي، زندگيءَ جو سودو ڪيو هيئي، هاڻ تيار ٿي تہ پاڪستان پڄي هلون!“

مرڪي پيئي. پڇيائين:

”زندگيءَ جي سودي جو نالو شادي تہ ڪون آهي؟! شاديءَ ڪانسواءِ بہ زندگيءَ جو سودو ڪري، ان کي پيراڻي ڏڳي جيئن ڪنهنجي نالي ڪري ڇڏبي آهي!“

ڳالهہ دل سان لڳي هئم. چيل ڳالهہ تي پڇتايم. مونکي ماٺڪو ڏسي، چيائين:

”توکان سواءِ زندگي مونکي بہ زهر ٿي لڳي. پانيان تہ هينئر ئي توسان گڏ نڪري هلي سنڌ جا وڻ وسايان، پر هڪ مهڻي جي خوف ماري وڌي آهي. “

منجهي پيو هئس.

”ڪهڙو مهڻو؟!“

وراڻيائين:

”منهنجي امان ڪانياواڙ جي رجپوتياڻي هئي. هن بہ ابا سان زندگيءَ جو سودو ڪيو هو. پر ساهُرن ۾ مايون ڪيس پاجوڪڙ چونديون هيون. اهو ويڻ ٽورو ڏکو ٿي، اجان منهنجي پويان لڳو اچي، چون: ”پاجوڪڙ جي ڏيءَ!“

هن چنيءَ جي پلئو سان ڳوڙها اگهندي پڇيو:

”هڪ واعدو ڪندين؟“

چيم :”ها“

چيائين:

”تون يا تنهنجي ڪا ماڻتياڻي مونکي پاجوڪڙ نہ چوندي“

وراڻيم

“آئون تہ نہ چوندس پر مائٽياٽيءَ کي بہ منهنجي اڳيان اهو لفظ مهانگو پوندو. باقي پرپٺ چوي تہ تون پاڻ ٻُڌجانس“

چيائين:

”مُڇ تي هٿ رک“

جهٽپٽ مُڇ تي هٿ رکي ويٺو هئس. هُن سينڌ تي هٿ رکي ڳالهايو:

”جيئن منهنجي ماءُ ابا سان وچن ڪري زندگي ڪيس ڀيٽا ڏني هئي، ايئن ئي آئون بہ توسان وچن تي ڪريان تہ توسان گڏ جيئنديس ۽ گڏ مرنديس. توڪانسواءِ اکيون ڪنهن ڏانهن ميري نظر ڏسن تہ ڪڏي ڪُتن کي ڏيان. چپ تو آڏو چُرن تہ سُوئن سان سبي ڇڏيان. ڪن تنهنجي گلا ٻُڌن تہ منجهن ٽانڊا وجهي ٺهڪايان ۽ توسان ڪارو ڳالهايان تہ ٻُڏي مران!“

ان ڪانپوءِ ستين رات هن ساڳي جاءِ تي اچڻ جو انجام ڪيو هو. ڇهي راتيون آڱرين تي ڳڻيندي ڪٽيون هئم.

ستين رات ڍاتيڙي تي جُهل وجهي، پاڪڙو رکي پهتو هئس تہ هوءَ گوَن جو پڙو، حُرمچ گج ۽ ٻانڊٽي چُني پهري مون کان اڳ اُتي موجود هئي. آسمان تي چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي رهيو هو. ٻارڙو هئس تہ آسمان جو چنڊ چورائڻ جي سڌ ٿيندي هئي، پر ان رات هوءَ بہ چنڊ کان ڪو گهٽ سُهڻي ڪون هئي! ۽ آئون ڪيس انڊيا مان چورائي پاڪستان اچي رهيو هئس، اها بہ ڪا عام ڳالهہ ڪون هئي!

مون اٺ جهيڪيو تہ هن مون کي نَنيڙي هڙ ڏيندي چيو هو

“ڪرتائي گيہ ۽ ڳُڙ ۾ ماهتيل ٻاجهر جي ماني آهي، متان سمجهين ملڪيت ڪٽيو پيئي هلان. ايئن ڪريان تہ جيڪر چون:

”رن ٻاجوڪڙ پاڻ ويئي گهر بہ ٻُهاري ويئي“

مون هن جي ڏنل هڙوتي پاڪڙي جي پڙٽي ۾ ٽنگيل پاٽيءَ جي سانداريءَ جي ٻر ۾ ٻڌي ڇڏي. اٺ تي چڙهڻ کان اڳ هن پنهنجن اباڻن گهرن ڏانهن ايئن نهاريو، ڄڻ هُوءَ اتي گُذاريل حياتيءَ جون سموريون ساروڻيون اکين سان ميڙي، دل جي هڙوتيءَ ۾ هميش لئہ هٿيڪيون ڪرڻ خاطر ويڙهي رهي هئي. مون ڏانهن مُڙي تہ ڏٺم سندس اکين مان ٻنا ٻِنا لڙڪ ڇٽي رهيا هئا. چُنيءَ جي پلئو سان ڳوڙها اُگهي چيائين:

”پنهنجين پيارين شين کي آخري ڀيرو ڏسڻ بہ ڪاوا ڳڙڪائڻ جيئن ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، سو بہ تڏهن جڏهن اها پڪ هجي تہ اسين ڪين وري ڏسي نہ سگهنداسين!“

هوءَ واقعي هڪ پدمڻي عورت هئي. اٺ تي چڙهي ويٺاسين، تہ پٺارو ٽترن وارا پڙڪا ڪائڻ لڳو. پاڳيريءَ سبب ڪيس تڪو ڪاهي نٿي سگهيس، متان ٿڪجي پوي.

رڻ ۾ چؤڦير اچ ئي اچ ڏسي پڇيائين:

”آسپاس پاڻي آهي؟“

وراڻيم:

”انهن ڪي چئبو آهي اڪ-ڏُوتارا. ماڻهو پائيندو پاڻي آهي، پر هوندو ڪون. جيئن ويجهو وڃ تيئن پري!“

هوءَ کلي پيئي هئي. کلندي کلندي چيائين:

”ءِ ڪي ماڻهو وري دل-ڏُوتارا هوندا آهن. جيئن چاهبو تيئن پري!“

هوءَ ڳالهين ۾ ڪويسر هوندي هئي. آئون ساڻس پُڄي نہ سگهندو هئس.

اسانکي خبر هئي تہ پويان جي جلد ڪنهن ساري ورتو تہ واهراڙو ضرور ٿيندو. ان ڳوٺ ۾ بہ تي همراه رڻ جا سُونهان مونکي سُجهيا ٿي. اهو بہ خيال رکڻو هو تہ متان چونڪين وارا ڪٿي اچي گڏجن، اڳي جيئن اتاڪو اٺ ڪاهڻ سبب متان پاڳيري چونڪ مان نڪري وڃي!؟اهو جتن بہ ڪرڻو هو تہ متان ڏکهي مسافريءَ ۾ هوءَ ٿڪجي پوي؟سو اٺ اڳي ڪان گهڻو آهستي ڪاهڻو پئجي رهيو هو. سمورا جوڪا هڪڙي جائي تي اچي گڏيا هئا.

سج جي روشنيءَ ۾ جڏهن نڪٽ وڃائجڻ لڳا تہ اجان گهڻو رڻ باقي هو. مونکي بہ پئو ٿيڻ لڳو تہ متان واٽ پلجي وڃان. اڳي نکٽن جي سهاري راتورات نڪري ويندا هئاسين. پر اج وچ ۾ ئي سج اُپري رهيو هو. رات شينهن جو وات آهي، سمورا خطرا ڪايو ڇڏي. پر ڏينهن چور جو دشمن ۽ ساڌ جو ساٿاري آهي.

سج اپري بہ پُره متي اچي چُڪو هو. پاڳيري بہ اٺ تي ويهي ويهي ٿڪجي پيئي هئي. هرهر پڇي رهي هئي:

”اجان ڪيترو رڻ جوپنڌ باقي بچيو آهي؟“

آئتون ڏيندو رهيس:

”بس ٿورو صبر ڪر“

ڪجهہ اڳتي هلياسين تہ هن ايلاز ڪندي چيو:

”مهرباني ڪري اٺ جهيڪ، منهنجي چيل سور مان ڦاٽي ٿي “

اٺ جهيڪيم. سانداريءَ جو منهن کولي پاڻي پيتوسين. ناڙا ڇوڙ ڪري، ماهتل ماني کاڌيسين. پاڳيريءَ ٻه گره هٽي بس ڪئي ۽ اٺ جي چانه ۾ ليٽي پيئي. آسپاس ڪو ٻه وڻ يا ڇانهُ ڪون هئي. بيٺل اٺ جي ڪجهه ڇانه ۾ ڪجهه ڪاڙهي ۾ پير پيڪڙڻ جيترو ڦوڪارو ڪائي، پاڳيريءَ کي چيم:

”اٺ هلون، متان ڪو جهنگلي جناور اچي نڪري. گهٽ ۾ گهٽ اٺ تي ته چڙهيل هجون!“

پاڳيري شوڪارو پري اٿي ويٺي. چيائين:

”اٺ جي سواري ڪڏهن ڪيل ڪونهين. ايئن ٿي پايان جهڙو هڏ پڃي پيا آهن، جوڙ-جوڙ مان ٽُٽي پيئي آهيان. “

دلداري ڏنيمانس:

”بس هاڻ ٿورو ڏندن تي ڏي، سگهوئي رڻ اُڪري ويندا سين“

ڳپل پنڌ جهاڳي، ڪس کي ڪجهه اوڏڙو آياسين ته اوچتو پويان پاڳيريءَ رڙ ڪئي. پوئتي جو لوٽو ڦيريم ته مار!! ٻن اٺن ۽ هڪ گهوڙي تي لنين ڪهاڙين سان پنج همراه اچي ويجها پهتا. پاڳيريءَ کي چيم:

”پاڻ سنڀالي ويه، پاڳيا اچو رسيا“

اٺ جي مُهار جو ڪنئيم ته ڀتارو جهڙو ڀڄري مان پکي اُڏاڻو. پويان همراه به پراين مائرن جا پٽ هئا، واءُ-مينهن ٿيندا ڳنڊيا آيا. پر آفرين هجي ڏاتيڙي کي، جنهن وچ واري ڇيتي ڀڄڻ ڪون ڏني. لک آفرينون ته پاڳيريءَ کي به هجن، جيڪا ٿڪ ۽ تڪليف باوجود اهڙي قابُو ٿي ويٺي، جهڙي اٺ جي پوئين چونڪ تي ڪُنڀي اُڳي آئي هئي. رڻ ٽپياسين ته پويان همراه بيهي رهيا. اٺ ڊرو ڪري لوٽو ڦيري جو ڏٺوسين پويان بيٺل همراهن مان ڪن بجا گهروڙي اسان ڏانهن اُيا ڪيا. پايان ٿو هنن پانت پانت جون گاريون به اسان ڏانهن اچليون هيون، پر وڇئين ويڇوٽيءَ سبب اسان تائين پهچي ڪون سگهيون. مون ٻه پُونڊو ڏيڻ چاهيو پر پاڳيريءَ هٿ جهلي ورتو. ڪلي چيائين:

”ساهرن جو ته خيال ڪر“

مون چيس:

”هنن کي ٻه ناني ڪون گڏيا هئا، مون جهڙي نانيءَ کي به ست پيڙهيون ياد ڪندا“

پاڳيريءَ وراڻيو:

”آئون ٻه چونڪ مان نڪرڻ تي هُيس. ٿورو اڳتي اچن ها ته شايد پويان ڪري پيئي هجان ها. مون وارا مائٽ پيا مونتي هٿ نارين ۽ تون وڃي پاڪستان پهچين ها!“

مون ٽهڪ ڏنو.

هن چيو:

”خدا جي واسطي هاڻ اٺ جهيڪ، منهنجو ساهه ٿو نڪري“

هن جملو ئي پورو مس ڪيو تہ سامهون نئين مصيبت نازل ٿي پيئي. ٻن اٺن تان لٿل چار چوڪين وارا سامهان چار جي ٻوٽار جي اوٽ مان پرگهٽ ٿي پيا. هنن اسان ڪي بيهڻ جو اشارو ڪيو. سمجهي ويئس ہ تنگو قاٿو آهيان. سڄي عمر جا ساڙا هاڻ ڪڍندا“

جانُوءَ ڳالهہ روڪي صابوءَ ڏانهن ڏٺو. الاءِ ڪهڙو خيال آيس، وري ڏيان سان صابوءَ ڏانهن ڏسڻ لڳو جيڪو پنهنجن خيالن ۾ گم سم لڳو پيو هو.

”يانيان ٿو اڄ تنهنجو مٽڪو نڪاٽي ڪون آهي، منهنجون ڳالهيون تولاءِ جهڙيون دٻي ۾ ٺِڪريون. !“

صابوءَ خيالن جا وچڙ ڪڍندئي، حواس جانئتا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

”نہ ڪاڪا ٻُڌم پيئي“

”نہ ٻيلي! مون ٻہ ماڻهو چاريا آهن، اڄ تون ڪجهہ ٻيو پيو لڳين!“

جانُوءَ الاءِ ڪيئن چيو پر صابوءَ کي لڳو ڄڻ هو ماڻهو نہ پر سچ پچ جانور ٿي پيو هو. ڪجهہ دير اڳ جڏهن جانو ڳالهہ ڪري رهيو هو تڏهن ٻہ صابو پنهنجن خيالن جي ڏُٻڻ ۾ ڦاٿل هو. عجيب عجيب خيالن جون مکيون، هن جي من ماناري تي اچي وينيون ٿي، جن کي هن حواسن جي هٿن سان هڪلڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪئي.

”هاڻ آئون جانور ٿي ويندس. ٻين کان گرهہ ڦُري پاڻ کائي ونندس، سڀ ڳُڻتيون ختم، جوڳين کهڙي جوءِ، سامين ڪهڙا سنگ. !“

صابو دل ئي دل ۾ سوچيو هو. سندس چهري تي ٻہ ڪي اهڙا تاثر آيا هئا، جيڪي جانوءَ کي عجيب لڳا هئا.

جانو پنهنجي جاءِ تان اٿي، صابوءَ جي ڀرسان اچي ويٺو سندس ڪلهي تي هٿ رکي، چيائين:

”هاڻ اُٿ تہ اُٿون. تون گهر وڃي آرام ڪر. مونکي خبر آهي بک ٻڇڙو ٿول دانا ديوانا ڪري. پر مڙس ماڻهو ٿي. ڏڪار ٻہ مڙسن لاءِ ايندا آهن“

جانوءَ کان موڪلائي صابو گهر ڏانهن هلڻ لڳو. هن ڏٺو تہ جانو، کيس گهر ڏانهن ويندئي اجان ڏسي رهيو هو. هن کي جانوءَ جي لفظن ۾ ” داناءُ ديوانا“ ٽيڻ وارو اشارو پاڻ ڏانهن منسوب ٿيل محسوس ٿيو. گهر ڏانهن ويندئي هن سوچيو:

”ڪنهن ڪنهن ويل مونکي عجيب خيالن جا ولر ڪوهه ٽا ورائين؟ آڻ چاڙهڻ جي ڳڻتين ۽ گهر وارن جي معصوم آسن ۽ پُڇاڻن جي گهرن گهاوَن کان نتائي پڇڻ جو نتيجو اهو آهي، جو آئون ڪنهن ڪنهن ويل هوش ۾ حواس وڃائي رهيو آهيان“

گهر جي گهٽيءَ وٽ پهتو تہ سامهون سندس ننڍڙي ڌيءَ بختاور ڊوڙندي سامهون اچي رهي هئي.

”ابا اٽو ابا ابا اٽو“

تڏهن کيس ياد آيو تہ هو زال ۽ ٻارن کي اها آٿت ڏيئي گهران نڪتو هو تہ اج پڙ واري ڳوٺ جي هڪ واسطيدار دڪان واري کان اوڌر تي اٽو وٺي ايندو. پر ان دڪانواري تهاوڌر ڏيڻ کان ڪُتو جواب ڏيئي ڇڏيو. مورڳو سُڄاڻو ئي نہ ٿئي! چانه جو ڪوپ پيارڻ کان بہ ويو. واپسيءَ ۾ هن کوهه وٽ بيٺل جانوءَ سان ڪچهري ڪئي هئي. اصل ۾ هن کي جانوءَ کان اهو پڇڻو هو تہ“ ڏڪار ۾ ڄاتل سڃاتل اڻ سُڃاڻو ڇو ٿيندا آهن؟!“

پر هن کان تہ سُورن ۾ پُورن ۾ پنهنجو پاڻ بہ وسري رهيو هو. بختاور جو آواز ٻُڌي پيا ٻار بہ چونئرن کان ٻاهر نڪري آيا.

”ابا اٽو ابا اٽو اتو اتو. . . !!“

⊙

# باب ٽيون

واهوندي واءُ ۾ ننڍاڪڙو ٿي پيل ڳوٺ جي ڪنهن اڱڻ تي سورٺ کٽ تي سٽل هئي. هن جي اکين مان ڪڏهوڪو ڏيس وٺو ڏنل سپنا، اڄ وري سله جي مريض جيان آسپاس ڪنگهڻ لڳا هئا. ٿوري دير اڳ هن ريڊيو جو بٽڻ آف ڪري، ڪوري دلي مان ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس پري پيتو هو ۽ چنڊ تي اداس نهار وجهي اچي سُتي هئي. اڄ وري هن کي دلبر جي ياد آئي هئي. دلبر جنهن، هن جي دل-دفيني مان احساسن ۽ جذبن جا اهي موتي ميڙيا هئا، جن جو پتو نه هن پاڻ کي هو ۽ نه ئي ڪو ٻيو هٿ انهن کي ڦُلوري سگهيو هو!

دلبر ريڊيو جو ڪمپيئر هو ۽ ريڊيو پاڪستان مٺيءَ تي هڪ هفتيوار پروگرام جي ميزباني ڪندو هو. جن ڏينهن ۾ سورٺ جي پيءُ سلطان لوڪ جي مهڻن ۽ ويجهو هاءِ اسڪول نه هجڻ جي سببن ڪري سورٺ کي تعليم ڇڏائي گهر ۾ ويهاريو هو، انهن ئي ڏينهن ۾ سورٺ انگل ڪري پڙس ڪان ريڊيو وٺرايو هو.

ڳوٺ ۾ بجلي نه هئي. ريڊيو ئي وندر ورونهن جو اڪيلو ذريعو هوندو هو. تڏهن ايف ايم مٺي نئون نئون شروع ٿيو هو ۽ تڏهن ئي هن دلبر جو پروگرام ٻُڌو هو. پروگرام جي هر لفظ هن جي هانءُ ۾ ڪتڪايون ڪيون هيون ۽ هر جملي سندس دل جي آمڻ ٻير کي جنجهُوڙي جذبن جا ٻير ڇاڻيا هئا، جن کي سندس محسُوسات جو ٻالاپولو ٻارڙو ميڙيندو ئي رهجي ويو هو!

هوءَ سڄو هفتو محظوظات جي مينهن ۾ پڇندي ئي رهي هئي. ۽ پوءِ اهو پروگرام هن لاءِ ٻاڙ ٻڌجي پيو هو. پروگرام ختم ٿيڻ بعد هوءَ پرت پرڻ وارين ٽڪن يا مٽين مان ست عدد ڳٽي چونئري جي جالي تي رکي ڇڏيندي هئي ۽ صبح سويل اُٿي هڪڙو داڻو ڪيڍي واپس برٽيءَ ۾ رکندي هئي. هر داڻو ڪيڍڻ وقت کيس دلبر جي ويجهڙائيءَ جو البيلو احساس اک پڇندو هو ايئن جيئن ڍاڪي پوشاڪ پاتل مخمور ڇوڪري، شاديءَ جي مقرر تاريخن جي ڏوري مان ڳنڍيين جا آخري وراڪا کلڻ ويل محسوس ڪندي آهي!

سورٺ به ان پروگرام ۾شامل ٿيڻ چاهيو هو. هر ڀيري لکڻ وقت هن جي هٿن ۾ رڦٽي ٿي هئي، پر نيٺ هن ڪجهه لکيو هو. لکي وري لکيل پنو ڦاڙيو هو ۽ وري ٻيو پنو پريو هو. لکيو ڇا هو؟ بس هن جا لُڙارن ڇيلڙن جهڙا بيترتيب احساس هئا، جن کي هن قلم جي ڇهبڪ سان هڪلڻ ۽ ڇانگ ڻاهڻ چاهيو هو. ڏٽيءَ جي اک کي عيب نظر نه ايندا آهن، ايئن هن کي به پنهنجا لفظ سٺا لڳا هئا. پاڻس

سارنگ هٿان لفافا گهرايا هئائين. اداس نازبوءِ جي فرضي نالي سان مواد لکي لفافي ۾ ويڙهي، پوسٽ جي دٻي ۾ وجهڻ لاءِ سارنگ کي ڏنو هئائين. پر هن جا سمورا سپنا، گهوڙن جي سُنبن هيٺان اچي ويل واريءَ گهرڙن جيان تڏهن پڄي پُري پيا هئا، جڏهن دلبر پروگرام ۾ اهو چيو هو:

”محترمہ توهانجو موڪليل مواد پروگرام جي معيار ۽ مزاج تي پورو لهي نہ سگهيو. سٺا ڪتاب پڙهو ۽ لکڻ جي مشق جاري رکو“

سلطان رسالا ۽ اخبارون اڳي ئي آڻيندو هو پر هاڻ سورٺ هن کي ڪتاب آڻڻ لاءِ چيو هو تہ هن طوطو مينا جهڙا عام دستياب ٻاراڻي پسند وارا ڪتاب ڪيس آڻي ڏنا هئا پر سورٺ اهي واپس موٽائي ڏنا هئس. اخبارن رسالن ۾ تبصري هيٺ آيل ڪن ڪتابن جا نالا لکي پڻس کي ڏيندي چيائين:

”بابا هي ڪتاب وٺي اچجان“

”هاڻوڪو مٺيءَ ويندس تہ وڏن دڪانن تان پڇا ڪري ضرور وٺيو ايندس“

ڪتاب بہ آيا هئا، هن پڙهيا بہ هئا. هن لکيو بہ هو پر جذبن جي جيتري اٿل پُٿل سان هن مواد موڪليو هو اوتري ئي بيدرديءَ سان دلبر وٽان اهو رد ٿيندو رهيو هو. هن دلبر وٽ پاڻ کي نظرانداز ٿي ويل وجود محسوس ڪيو هو.

هاڻوڪي ڀيري هن پروگرام لاءِ لکيل مواد سان گڏ، دلبر کي مواد شامل نہ ڪرڻ جي ڏوراپن تي مشتمل جذباتي خط بہ لکيو هو. ٻئي هفتي سندس تحرير شامل تہ ٿي هئي پر ان ۾ دلبر ايتري تہ اصلاح ڪئي هئي، جو اها لکڻي سورٺ بہ مشڪل سان سڃاتي هئي. اها لکڻي ريڪارڊ ڪري هن وري وري ڏيان سان ٻُڌي هئي. هرهڪ جملي جي جُزاءَ ۾ هوءَ ڄڻ تہ پوئجي پيئي هئي. لفظن جي لهرن تي لڏي، هن الاءِ ڪيترا دفعا تخيل جي تيراڪي ڪئي هئي. سوچن جي سمونڊ ۾ ٽُٻيون هڻي، هن الاءِ تہ ڪيترا مفهوم جا موتي ميڙڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن پنهنجي موڪليل تحرير کي، دلبر جي اصلاح ڪيل تحرير سان وري وري ڀيٽيو هو. تضادن ۽ باريڪين جي تفاوتن تي سنجيدگيءَ سان سوچيو هئائين. تڏهن ڪيس محسوس ٿيو هو تہ دلبر هن جون لکڻيون ڇو رد ڪندو رهيو هو؟ ان ڏينهن هن ڄڻ پاڻ سان واعدو ڪيو هو تہ هوءَ هاڻ اهڙيون لکڻيون لکندي، جنهن ۾ دلبر جي اصلاح جي گنجائش ڪون هوندي. اها سوچ بہ ڄڻ دلبر سان سندس بيعنوان انسيت مان اُپرندڙ هجتي انا جو بيساختہ ردعمل هئي!

خيالن جي بن ۾ ڀٽڪندي، قلم جي تاڙين سان لفظن جا ڪيئي مور اُڏائيندي، ڪافي ڏينهن لنگهيا هئا. پر هن ڪابہ تحرير ريڊيو ڏانهن ڪون اُڏاري هئي! پوءِ بہ هن جو روح سدائين ريڊيو اسٽيشن ۾ دلبر جي اڻڏٺل وجود لاءِ واجهائيندو رهيو- تاڳهائيندو رهيو.

”دلبر ڪيئن هوندو؟ ڪهڙو هوندو؟ جتان پروگرام ڪندو آهي، اهو هنڌ ڪهڙو هوندو؟ سندس آسپاس ڇاڇا هوندو؟“

هوءَ پنهنجي ساءِ سوچيندي هئي ۽ تجسُس جي ٿوهرن ۾ وچڙندي هئي.

هڪ ڀيري سندس والد سلطان جڏهن بيمار ماڻس سياڳيءَ کي علاج لاءِ مٺيءَ سنبرايو هو، ته هن به گڏ هلڻ لاءِ ضد ڪيو هو. ماڻس ٽڪي هئي:

”ڇوري جوان جماڻ ڏيءَ ڪيڏانهن ٿي هلين؟“

پر پٽس کيس گڏ وٺي هليو هو. مٺيءَ جي رستن تي هن جون نهارون ٽوليءَ مان تاريل ٿهاڙ وڇيرن جيان بيچين ٻڻجي پيونهيون. هن دلبر جي خيالي تصوير سان ملندڙ جلندڙ مُهاندڻن جي ڳولا ۾، آسپاس پاڇولن جي مٿي ڇاڻي هئي. پر ڪٿي به دلبر جو درشن نصيب ڪون ٿيئس يا هوءَ کيس سُڃاڻي ڪون سگهي هئي؟!ڪجھ به هو هوءَ مطمئن هئي ته هن ان شهر کي ڏٺو هو جتان هن جو محبوب پروگرام نشر ٿيندو هو. هوءَ به اتي آئي هئي، جتي دلبر جي موجودگيءَ جو احساس، هن سان لاڳيتو اڪيون ڀيچي رهيو هو.

ڊاڪٽر سندس ماءُ کي تپاسيندي، به ٽي ڀيرا هن ڏانهن اک ٽيٽ انداز سان ڏٺو هو. ڊاڪٽر واپس آفيس ڏانهن ويندي به هن کي، شڪار جي تاڙ ۾ ويٺل جهنگلي ٻلي جيان چتائي ڏٺو هو. زندگيءَ جا اڪيچار گهٽ گهيڙ ڏسندڙ سياڳيءَ سورٺ جي ڪن ۾ پٽڪو ڪيو هو:

”ڏيئم! پاڻ کي ڍڪي ويھ، ڊاڪٻر لوفر ماڻهو لڳي ٿو. “

”نہ امان ڊاڪٽر تہ گهڻا پڙهيل ۽ سنا انسان هوندا آهن“

”ڏوڙ جا سنا !سڀ مرد سهڻين عورتن اڳيان ٻُکيا ڪتا ٿي پوندا آهن“

ڊاڪٽر وري موٽي آيو هو. پر هن ڀيري سورٺ نہ رڳو چُنيءَ سان پاڻ کي ڍڪيو هو پر سندس نظرون بہ جهڪيل هيون. هر ڀيري ڊاڪٽر طرفان غير ضروري طور سورٺ ڏانهن اڇلايل ڳالهين جي ڏڙن کي سياڳيءَ جهٽي ورتو هو.

شام 4 وڳي جڏهن سورٺ جي ڊرپ لٿي هئي تہ ڊاڪٽر ڪمري ۾ ڪرسي رکائي اچي ويٺو هو. سلطان بہ دوائون وٺي موٽي آيو هو. ڊاڪٽر چيس:

”اوهان کي بہ ڏينهن ترسڻو پوندو، اجان چار سيون لڳنديون“

سياڳيءَ سلطان کان اڳ ڳالهايو هو:

”سيون لکي ڏيو. ڳوٺ ۾ ڪمپائونڊر آهي لڳرائي وٺنداسين. ترسڻ ڏُکيو آهي، پويان ڪم ڪار آهن“

ڊاڪٽر سوچ ۾ پئجي ويو هو. هن دوائن جي پرچي لکي سلطان کي ڏيندي چيو هو:
”سامهين واري اسٽور تي ملنديون. ستن ڏينهن بعد اچجو“
سلطان ڪنڌ ڌُوڻيو. ڊاڪٽر کي وري ڪجهه ياد آيو چيائين:
”ليبارٽريءَ واري کي بل ڏنو؟“
سلطان وري ڪنڌ ڌُوڻيو.
ڊاڪٽر پنهنجو بل گهريو. تڏهن سلطان چيس:
”سائين غريب ماڻهُو آهيون. پئسا ڪٿي پيا آهن. اڌ بل وٺو بقيه ستين ڏينهن ايندس. تڏهن وٺجو!“
ڊاڪٽر مُنيماري” نيڪ“ چئي سوچ ۾ پئجي ويو هو. نيٺ ڳالهايو:
”سورٺ ڪيترو پڙهيل آهي؟“
”اٺ درجا پڙهي. ويجهو هاءِ اسڪول نه هو اڳتي پڙهائي نه سگهياسين. “
ڊاڪٽر مرڪي پيو.
”ڪا ڳالهه ناهي. ستين ڏينهن سرٽيفڪيٽ کڻي اچجو داخلائون هلن پيون. في آئون پاڻ ڏيندس. صبح جو اسڪول ۾ شام جو هتي ليڊي ڊاڪٽر کان ڪم سکندي. رهائش ۾ کاڌي پيتي جو بندوبست به ٿي پوندو. به ٽي هزار ڪن. مهيني ۾ اوهان کي به ملي پوندا “
ڊاڪٽر جملو پورو ڪري ڳيت ڏني ۾ جواب جو انتظار ڪرڻ لڳو. سلطان جي وراڻيءَ کان اڳ ئي، سياڻپيءَ وراڻيو :
”اسان ۾ ڌيئرن جي ڪمائيءَ تي گُذارو ڪرڻ جي هير ڪونهين“
ڊاڪٽر کي جڻ ڪاوڙ چڙهي وئي.
”باقي بک مرڻ جي عادت آهي“
هن پيري سورٺ ورندي ڏنس:
”پلي بک پرم جي شال مَ وڃي شان“
ڊاڪٽر ڪرسيءَ تان اٿي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. پيادل ٽرمينل ڏانهن ويندي سورٺ پڻس کان پڇيو :
”ريڊيو تي روز ٻڌائين ٿا ته سرڪار اسپتالن ۾ سهولتون وڌائي رهي آهي. مفت علاج ٿئي ٿو. امان کي اتي وٺي ڇو ڪون هلئين؟“
سلطان سياڻپيءَ ڏانهن ڏسي وراڻيو:

”اڳي چار دفعا اتي ويا هئاسين. مٿو ٽوپيءَ ۾، ٽوپي مٿي تي! ڳالهه مڙوئي ڳُڙ لڳي پيئي آهي. گهڻيون دوائون اسٽور تان پئسن سان وٺيون پونديون آهن. سيول ۾ ڊاڪٽر مريضن تي ڏيان مورڳو نٿا ڏين. هن ڊاڪٽر جي بہ سيول ۾ ڊيوٽي آهي. پوئيين دفعي مونکي چيائين:

”ميان جا فقير هتي رُلي ويندين. فائدو ڪيئي تہ منهنجي اسپتال تي اچج. تڏهن ئي تہ اج وٽس آياسين“

سورٺ ڪنڌ جهڪائي خاموش ٿي ويئي.

مٺيءَ مان واپس ايندئي، ڪجهہ نہ ڪجهہ پويان رهجي وڃڻ جو نماڻو احساس ڇڻ تہ هن جي پرسان ئي بس جي سيٽ تي ويهي رهيو هو. بس رواني ٿيڻ کان ٿورو اڳ هن اخباري هاڪر جي هٿ ۾ رسالو ڏسي پڻس کي چيو هو:

”ابا رسالو تہ وٺ“

پر ٻئي لمحي هوءَ پڇتاءُ جي پاڻيءَ ۾ تڏهن پُسي پيئي هئي. جڏهن سلطان بيوسيءَ مان کيسو ڦُلوري، ريزگارين جي سهاري رسالو ورتو هو. تڏهن کيس والد جي غربت ۽ لاچاريءَ جو احساس وڌيڪ شدت سان محسوس ٿيو هو!

هوءَ واندڪائيءَ جي وقت مطالعي جي مينهن ـ ڪڻين ۾ پجندي رهندي هئي. پر دلبر جو پروگرام تہ سندس سمورين مصروفيتن کي مات ڏيئي ڇڏيندو هو. پروگرام شروع ٿيڻ کان ڪجهہ دير اڳ فريڪوئنسي سيٽنگ لاءِ بٽڻ گُهمائڻ جو لمس کيس عجيب سرور ارپيندو هو. آڱرين ۾ مزيدار ڪتڪائي ٿيندي هئس ۽ هوءَ پروگرام شروع ٿيڻ تائين باربار ائين ڪندي هئي !

پروگرام هلندئي، هوءَ دل جا ڪن کولي رکندي هئي. پروگرام جو دورانيو هن لاءِ ڪنهن سهڻي خواب وانگر هوندو هو. جنهن ۾ ڪيترين ئي رنگبرنگي ڪيفيتين سان سندس آشنائي ٿيندي هئي. پانت پانت جا جذبا، ون ون جي ڪاٺيءَ وانگر احساس! سماعتن ۾ سرهاڻ اوتجي ايندي هئي.

لفظن جي جوانين کي دلبر جڏهن صداڪاريءَ جي ڏُن تي رقص ڪرائيندو هو، تہ هوءَ محظوظات جي ماڪ ۾ ٻاجهر جي ڪچڙن آيُوئن جيان هرسُو هڳاءُ ٿي پوندي هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ دلبر جو پروگرام بہ اوچتو بند ٿي پيو هو. دلبر ريڊيو ڇا ڇڏيو سورٺ کان گهڻو ڪجهہ ڇڏائجي ويو. گهر جي ڪم ڪار ۾ بہ سندس دل ڪون ڪُپندي هئي. بجلي جي سهوليت کان محروم ڳوٺ ۾ ريڊيو ئي سندس اڪيلي وندر هئي پر اهو بہ هن لاءِ دلبر بنا وڏواه جي وجود جيان بيرونق بڻجي پيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ هن هڪ مئگزين جي صفحن تي دلبر ۽ سندس ريڊيو پروگرام متعلق نازڪ جذبن تي مشتمل ڪنهن لسنر جو پوپٽ جهڙو رنگين خط ڏٺو هو. جنهن ۾ ريڊيو تي دلبر جي وري واپسيءَ جو مطالبو به ٿيل هو. هونئن ته هوءَ دلبر جي مداح هُئي، پر ڪنهن ٻئي طرفان دلبر ڪي ڏنل لفظن جي پيتا، هن جي وجود ۾ رقابت جي ڇُهندڙي هنئي هئي، جيڪا پُرستار واري محبت کان به اڳتي ڪنهن جذبي جو عڪس هو جنهن جو رقص هن جي وجود ۾ جاري هو پر هوءَ ان ڪي ڪو نالو ڏيئي ڪون سگهي هئي. عزت ۽ احترام جي پاڇن ۾ پروان چڙهيل پيار جون پاڙون، دل-پاتال ۾ اُونهيون پيوند هونديون آهن. دلبر سان سندس والهاڻي وابستگي به جڙ ته ڏيپ جي پاڙ هئي، جنهنڪي دُورين جا ڏڪار سڪائي نه سگهيا هئا! هڪ خيال هن جي من ۾ ليئو پاتو هو:

"آئون به اهڙو ئي خط لکان"

هن خط لکيو هو. ڦاڙيو هو ۽ وري لکي روانو ڪيو هو. جنهن ۾ ريڊيو ڇڏڻ جي ميارن، سببن ۽ موٽياچڻ جي مطالبن تائين گهڻو ڪجهه سمايل هو. ساڳي رسالي جي ٻئي پرچي ۾ اهو ´ادبي خط` جي عنوان سان ڇپيو هو. هوءَ گدگد ٿي هئي. سندس دل جي دريءَ مان ڪي خيال ٽپي اندر آيا هئا:

"منهنجو هي خط دلبر پڙهيو هوندو الاءِ نه؟! پڙهيو هوندائين ته هن ڇا سوچيو هوندو؟ ٻُڌندڙ طور منهنجو پراڻو نالو به ڪيس ياد هوندو الاءِ نه؟!"

بي اولاد سوالن جي هجوم ۾ هُوءَ سڄو مهينو پٽڪي هئي. ٻئي مهيني جي پرچي ۾ سندس خط جي جواب تي مشتمل دلبر جو خط ڇپيل هو:

"محترمه اداس نازبوءِ!

تنهنجون ڪٿيون مٺيون ميارون به اکين تي!

پوئين پرچي ۾ ڇپيل تنهنجو نوازش نامو مون لاءِ ٽري پٽن ۾ ماڻٽن کان وڃائجي ويل ٻار جيان ٿي پيو. جنهن جي روئڻهارڪين اکين ۾ ڪيئي بيجواب سوال سمايل هوندا آهن. جن جا جواب پپون ۽ ڳاڳيان ڳولڻ جيئن، جيتوڻيڪ دلچسپ آهن. پر توکي ته خبر آهي محترمه ته "ڏُڪار جي ڏينهن" ۾ اهو مشغلو به بي لاپ ٿي پوندو آهي!

تو سميت هزارين ريڊيو ٻُڌندڙ منهنجن مهربان سامعين جي سماعتن جا روهيڙا، منهنجي ڪمپيئرنگ جي يادن سان اڃان ساوا آهن. مون لاءِ اهوئي اتساه ڪافي آهي. مون لاءِ ته اهو به گهڻو آهي ته منهنجي آواز جيڪي لفظن جا پکي اُڏاريا هئا. انهن عام سماعتن ۾ جيڪي آکيرا اڏيا آهن. انهن کي اڻائي وقت جو واءُ، اڃان اُجاڙي نه سگهيو آهي. مون طرفان اوچتو هليو وڃڻ وارو هاڃو اڃان توکان وسري نه سگهيو آهي، پر آئون ڇا سمجهان؟ تنهنجون محبتون گونگن رشتن جو سڏڪو آهن. دادلي دل

جي ، اجڙيل رشتن تي معصوم هُجت آهي يا وري آرٽ جي اڪيلائيءَ ، وڇڙيل رفاقتن ڪي فلائنگ ڪِس اُماڻي آهي!؟

محترم! تنهنجو لفظ لفظ پرديس ويندڙ پرينءَ جي الوداعي ٻاڪر جيان. مون لاءِ ڏکهو سوال ٿي پيو آهي. اڄ ڪله جي دؤر ۾، جتي ماڻهو ڪن پلن ۾ احسان وساري ويهن ٿا. جتي سالن جا ساٿ، وقت وسارايو ڇڏي. جتي يادگيريون، گندي ۽ گره تان گهورجي، ويسر جي واريءَ ۾، نابين ٻار جي هٿ مان ڪري پيل سڪن جيان وڃائجيو وڃن. جتي حالتن جون هيراڦيريون، رشتن جا تقدس رولي ڇڏينديون آهن. ۽ جتي خلوص جي خوشبو ۽ سڪ جي سڳن ڪي، رهزنيون ريلي ۽ بيوفايون پيلي ڇڏينديون آهن، اتي تنهنجن ماڪي لار جهڙن لفظن ۽ ڪبوتر جي نيڻن جهڙن جذبن تي مشتمل خلوص پريو خط پڙهي، سوچيو هئم چارڻ جو چنگ ٻُڌي راءِ ڏياچ جو روح وجد جي ڪهڙين واٽن تان گذريو هو؟ پنهونءَ جي پچارن، سسئيءَ ڪي ڪيئن روهه جيرولاڪ ٻٽائي، پنيور ۾ پٽڪايو هو؟! نوريءَ جي نوڙت، ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي ڪيئن نه تماچيءَ ڪي تڙپايو هو؟ ڪيئن نه ميهار جي محبت، ڪچي گهڙي سان گڏ، سهڻيءَ ڪي لهرن تي لوڏيو هو!؟ ۽ ڪيئن نه راڻي جي روسامي، مومل ڪي اوڙاهه تي اٽڪائي، وفا جي وارتا لکرائي هئي!؟

اداس نازبوءِ! مسافر آواز سان تنهنجي سماعتن جو پاتل ، اهو پُرڪيف ڏکھوپيچ، چار جي ٽار ڪي وسڪاري ۾ وروڪيل دالي گولاڙي جو دادلو ٻاڪر آهي يا وري ڏکهي جدائيءَ پڇاڻا ، ولايت مان موٽي ايندڙ وڃايل گونگي چوڪريءَ جو پنهنجي جيجل ڪي پاتل ڏڪارو ٻاڪر آهي؟!

نازبوءِ! تو منهنجي ريڊيو تان ڏکهي غير حاضريءَ متعلق پڇيو آهي؟ خبر اٿئي دل جي ٻولين ۽ سمنڊ جي ڇولين جون ڪي به وضاحتون نه هونديون آهن. ممنوع چاهتن ۽ وڇوڙي جي ساعتن ڪي دليلن جي بلورن سان ڇِتي ناهي سگهبو! احساسن جي گڏن ڪي تشريح جي گُڏين سان پرٽائي به نٿو سگهجي؟! ۽ نه ئي ڪن بينام وڇوڙن جو ڪوبه نالو هوندو آهي! بس تونايئن سمجهه ته جڏهن ڍنڍون سڪي وينديون آهن ته سفيد ٻگهلن ڪي ڪوبه روڪي ناهي سگهندو! ڏڪار جي ڏينهن ۾ ٿر مان لڏيندڙ ۽ اباڻا اجها ڇڏيندڙ خانه بدوش قبيلن ڪي به ڪو ناهي ترسائيندو؟! ۽ نه ئي ڪير ضديلن بادلن ۽ مسافر هوڏي مهمانن ڪي ڪجهه دير بيهاري سگهندو آهي!

نازبوءِ! تو آس نراس جون چوٽيون چڙهي، ريڊيو تي منهنجي وري موٽڻ جون هجتون هلايون آهن. تو سميت هزارين محبوب ٻُڌندڙن جي هجت جون اجرڪون هانءَ تي اوڍي، وري اوهان سان ريڊيو واري رتيءَ جي رهاڻ رچائڻ لاءِ دل آرس پڳو آهي! سالن تائين سلامت رهجي پيل سڪ جي سُرڪن، وڇوڙن ۾ هارجي ويل لڙڪن، ۽ منگهرن جي مرڪن جا، ڪهڙا ويهي ليکا چوڪا ڪجن. بس وصل جي واٽن تي

وچايل وڇوڙن جا ڪنڊا لتاڙي، وري جي قسمت سان ملياسين، تہ آواز جا ڪي رنگرتا پوپٽ، هوائن ۾ اُڏاري، سداملوڪ لفظن جي سوداگري ۾ ڪومل جذبن جو ڪاروبار بہ ڪنداسين. بس حالتن رعايت ڪئي ۾ وقت مهلت ڏني جيڪڏهن! تيستائين وصل جون واٽون پلجي ويل رفاقتن جي رکوالن اوهان پارن منن ماڻهن کي، موتي ملڻ جي آسرن جا رنگبرنگي ويس وڳا مبارڪ هجن!"

سورٺ خط پڙهي، بسنتي هوائن ۾ ٽڙي پيل باغ جيان وجود جي واس ۾ ئي واسجي پيئي هئي.

"دلبر منهنجو خط نہ رڳو دل سان پڙهيو آهي، پر ان کي جواب جي قابل بہ سمجهيو آهي. جواب لکڻ وقت هن ڇا سوچيو هوندو؟ هن وٽ منهنجو غائبانہ تصور ڪهڙو هوندو؟! هن منهنجي خط جي جواب ۾ هزارين ٻُڏندڙن ڪيريڊيو تي موتي اچڻ جو مبهم سُبهم آسرو بہ اربيو آهي. "

سوالن جا ولر وارينديءَ، الاءِ ڪيڏي محل هن جي اک لڳي ويئي هئي.

صبح سويل اٿي هئي تہ راتوڪن خيالن جي گذري ويل برسات جون چند ڦُڙيون سندس من جي ڪڪائين جهوپڙيءَ مان اجان ٽمي رهيون هيون. ويل وقت جي ساروڻين ۾ حال جي تلخ حقيتن ۾ ڪيترو نہ فرق اچي چڪو هو. سندس سوبچار ماءُ سياڳي بہ هاڻ هن دنيا ۾ نہ رهي هئي. پيءُ سلطان جا پڇاڙڪا ڏينهن بہ ڏاڍا ڏُکيا گذريا هئا. چوپائي مال جو ولر سياڳيءَ جي بيماري ۾ ڏکارن ڳڙڪائي ڇڏيو هو. سندس پٽ کي قالين جي ڪم تي لڳايو هئائين. اتي سيٺ چوپٽين تي اُبتا سُبتا بل لکي کيس قرضي ڪري وڌو هو. سيٺ جڏهن قرض وصوليءَ لاءِ کيس گهڻو تنگ ڪيو هو تہ هن ڪجهہ نہ هجڻ جي مجبوري ڏيکاريندي سال جي مهلت لاءِ منت ڪئي هئي، پر سيٺ رُکو جواب ڏنو هئس. ڪجهہ دير جي ناگوار خاموشيءَ بعد سيٺ ڳالهائو هو:

"توکي هڪڙي صلاح ڏيان؟"

سيٺ کي ڪجهہ ٿڏو ڏسي، سلطان جي ساهہ ۾ ساهہ پيو هو:

"ٻُڌائي؟"

"وڏيري لائق وارا سکيا ستابا آهن. لائق وٽ نينگري نہ آهي جو بدو ڏيئي پٽ پرڻائي. ڪالهہ مون وٽ آيو هو. چيائين سلطي کي جهل تہ پٽ لاءِ سنگ ڏي. قرض بہ پريان ٿو ۽ ڪجهہ ڏوڪڙ بہ ڏيندوسانس!"

سلطان جي چهري تي ڄڻ هئيڊ هارجي پيئي هئي. بيضبط لهجي ۾ وراڻيائين:

"بس بيلي جن جي گُنڊئين ۾ داڻا تن جا چريا بہ سياڻا. لائق جو اڌ چريو ۽ اڌ ڪريو پٽ منهنجي ڌيءَ جو لائق آهي جو هن ۾ توکي، اهو چوڻ جي جرئت ٿي آهي! پر منهنجي نصيب مونکي اهي ڏينهن ڏيکاريا آهن!"

سيٺ کي ڪاوڙ چڙهي ويئي هئي، هونئن به ڏاڍي کي هيٺئي تي ڪاوڙ چڙهندي دير نه ڪندي آهي! ڪامورو، پٽيل، وڏيرو ۽ اقتدار ڌڻين جي ڪاوڙ ته هوندي ئي نيس وهيٺئي آهي، شال نه ڪٿان ٻاهو ملي! وراٽيائين:

”اهڙو غيرتي ۽ وڏو مڙس آهين ته منهنجا پئسا هٿي رک. پوءِ توکي چوان ته چئجان!“

سيٺ ٽپي ٻاهه ٿي ويو هو. سلطان ماحول جي جبر کي محسوس ڪندئي، سندس پيرن تي ڪري پيو. ايلاز ڪندي چيائين:

”تون وڏو آئون تنهنجي گئو آهيان، مونکي معاف ڪر“

سلطان جتي چڪ ۾ ڪٽي ورتي. سيٺ ڏڪار ۾ ڪاوڙمان چيو:

”وڃي ڏُوڙ پائي-پر آخري واعدو ڪر، قرض ڪڏهن موٽائيندين؟“

سلطان چيو :“6 مهينا“

سيٺ چيس:

”نه نه ڇه مهينا گهڻا آهن. قالينن جا اگه ڪونهين. هونئن به آئون اهو ڪاروبار ختم ڪري ٻاهر ئين ملڪ وڃان پيو. تڏهن ته قرضن جون وصوليون ڪري رهيو آهيان“

”ته پوءِ ٽي مهينا“

چلو ٺيڪ آهي، پر تيستائين تنهنجو ڇوڪرو اڌ رقم ۾ مونکي هڪڙو غاليچو ناهي ڏيندو“

”قبول سائين قبول“

سيٺ هليو ويو هو. سلطان وقتي ئي سهي سک جو ساهه کنيو هو. پر پريان بيٺل سورٺ محسوس ڪيو ته سندس والد ڏٻري ٻڪر جيان لالچي واپاريءَ هٿان هڪ پيرو ته ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڪيائي ويو هو. پر اها ڪاتي دير سوير سندس سِر تي اچڻي ئي هئي!

سلطان جو سڪيلڌو پٽ سيٺ جو غاليچو ناهڻ ۾ رُڌل هو. سلطان هتان هُتان سيٺ جو قرض لاهڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو. پر هن جو ڪٿي به هٿ نٿي پهچوءِ نه ئي پير ٽي لڳو. آس پاس ڏڪاري حالتن سبب ٻڪ ۽ بدحاليءَ جي ڏائڻ چڳن چوکن کي کائڻ لڳي هئي. سلطان ڪندين جا پن لاهي شهر ۾ وڪڻي گهر جو سيڌو سامان آڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پر پن لاهڻ وارن جي لوڌ، پنن جا به اگه ڪيرائي ڇڏيا هئا. تڏهن هن ۽ گهر ڀاتين هڪ ويل رب ۾ ٻئي ويل مرچ مانيءَ تي گذارو ڪرڻ شروع ڪيو هو. ٻن مهلن واري چانه به هڪ ويل تي اچي بيٺي هئي. ان بچت کي سلطان “سِيس-وِيس” چوندو هو. ٻه سال اڳ تائين ته هن وٽ رڍن ۽ ٻڪرين جو وڏو ولر موجود هو. پر ڏڪارن ۾ چاري پاڻيءَ جي کوٽ، سياڳيءَ جي بيماري ۽ ڏڪار جو ٻهانو ٺاهيواپارين طرفان اگه ڪيرائڻ جي سببن ڪري، هو ڪنگال

ٽي پيو هو. غاليچي واري سيٺ جي بدديانتيءَ ويتر ڪيس قرضي ڪري وڌو هو. ڪجهه ڏينهن کان سندس سپوٽ پٽ کي به کنگه رهڻ لڳي هئي. هو وڏيڪ ڪمزور ۽ ڏٻرو ٿي رهيو هو. جنهنڪي هڪ پيري ڊاڪٽر وٽ وٺي ويو هو جنهن ايڪسري ۽ ڪن ٽيسٽن لاءِ ليبارٽريءَ ريفر ڪيو هو. پر هن پئسه نه هجڻ جي مجبوري ڄاڻائي هئي ته ڊاڪٽر اندازي تي دوائون لکي ڏيندي چيو هئس:

”ڇوڪري کي غاليچي جي ڪم تان اُٿار. ڌاڳن جي سنهڙي دز ساهه جي نالين منجهان ڦڦڙن تي نقصانڪار اثر ڇڏي رهي آهي. “

پر هو ڇوڪري کي ڪڏهن جي ڪم تان اٿاري نه سگهيو هو. ڇوته ڪيس سيٺ جو غاليچو مقرر تاريخ کان اڳ لاهڻو هو!

سيٺ سان قرض پرڻ جي ڏنل تاريخ جو واعدو جيئن جيئن ويجهو اچي رهيو هو. سلطان جي درديلي دل کي وهلُورن ۾ وسوسن وروڪي وڌو هو.

”قرض واپس نه ٿيو ته سيٺ ڇتو ٿي پوندو. چار ڇڳا به مونکي ڏوهي ڪندا! صوبيدار به سيٺ سان گڏ ڪائيندڙ پيئندڙ ماڻهو آهي، منهنجي مرمت ڪندي دير نه ڪندو. ڳوناڻو وڏيرو به سيٺ جو ڪاڀو هٿ آهي. ٻني ٻارو يا ٻي ڪا ملڪيت به ناهي جو ڪپائي قرض پريان!؟ آخر وڃان ته ڪيڏانهن وڃان؟ ڪوهه ۾ ٽپو ٿو ڏيان ته به اولاد رُلندو! سيٺ واري صلاح تي هلي، سورٺ کي وڪڻان ته به ٻُڏي مرڻ آهي. نيٺ ڪجي ته ڇا ڪجي؟“

⊙

# باب چوٿون

پٽ جي چوٿيءَ تي ايڊووڪيٽ ملوڪ کي ڪال ڪرڻ لاءِ سگنل اچڻ جو انتظار ڪندي، دلبر سوچيو:

"شڪ ۾ تصديق کان سواءِ تحقيق اندي هوندي آهي، جڏهن ته ڏٺي مان به وري ڏسڻ بنا رڳو شڪ اتاڪي ڪتيءَ کي اندا گُلر ڄڻائيندو آهي. رشتن جي بقا لاءِ اعتبار ضروري آهي. جڏهن ته دليل ۾ ناقدانه نظر رشتن کي روڳ ٻڌائي ڇڏيندا آهن. چوته ناقداڻي نظر ۾ رشتا ايئن نه لڳندا آهن، جيئن اسين کين ڏسڻ چاهيندا آهيون، مون پنهنجا ڪيئي رشتا ايئن وڃائي ڇڏيا، جو جيئن هو هئا، ايئن کين آئون قبولي ڪون سگهيس ۽ جيئن مون کين ڏسڻ چاهيو ٿي، تيئن هو ٿي نه سگهيا!"

هُو پنهنجي ساءِ کلي پيو هو.

"تشڪيڪ پسندي عقل جي سُريت آهي، پر غير متوازن شڪ عقل جي اکين تي ڇيچڙي ۾ وهندڙ اٺ جيان پٽيون ٻڌي ڇڏيندو آهي!"

ان ڏينهن ڪيئن نه سهيند تي شڪ ڪري وينو هئس؟! سنو ٿيو جو ڪاوڙ ۾ ڪروڌ جي طوفان ۾ ڪو انتهائي قدم کڻڻ کان اڳ، جوش جي اندي گهوڙي تان لهي، هوش سان هٿ ملايو هئم"

هن کي سهيند جو هيسيل چهرو ياد اچڻ لڳو. ڪاري ڪري ماريل عورتن جي مرڻ کان اڳ سندن محسوسات متعلق سوچيندي، اها شام ڪيس هانءُ تي هُتڪڻ لڳي هئي، جڏهن هن سُهيند کان رعب مان پڇيو هو:

"آخر اخبار جي خبر توکي ڪنهن ٻڌائي؟"

هوءَ لچاري لوئيءَ ۾ ويڙهجي ويئي هئي. ڪاوڙ جي اندي گهوڙي وري هٽڪو ڪيو هو.

"مڙس آهين ته پڇينس مٽڪو نه ته طلاق. . !؟"

پر ٿُرت ئي سهيد هبڪندي هبڪندي چپ چوريا هئا:

"مون پاڻ تنهنجي ڪالهوڪي آندل اخبار ۾ پڙهيو هو ته جلد سرڪار ٽرين کي امدادي ڪٽڪ جي ٽئين قسط ڏيندي"

دلبر ڇرڪي پيو هو. سوچيو هئائين:

”پئو ٻچڙي بلا آهي، خوف ۾ تڪڙ ۾ انسان اهڙو ڪوڙ به ڪري گذرندو آهي، جيڪو بظاهر اڻ ٿيڻو هوندو آهي. “

اها اخبار سامهون جالي تي سنڀالي رکي هئي. دلبر سُهيند جي چهري تي نظرون کُپائي ڇڏيون. هوءَ شڪار جي گهيري ۾ آيل سهي جيان ٿڙڪڻ لڳي هئي. دلبر چيس:

”ڏيکار! هن اخبار ۾ اها خبر ڪٿي آهي؟“

”هن هراسيل ڊيل جهڙين نظرن سان اخبار جا صفحا ڦوليا هئا. دلبر سوچيو:

”نه ڪو نو مڻ تيل گڏ ٿيندو ۽ نه ڪو راڌا نچندي“!

پر ٻئي لمحي تڏهن حيران ٿيو هو جڏهن سهيند پنهنجي نازڪ آڱر ان ئي ساڳي خبر تي رکي، اخبار هن اڳيان آندي هئي. پر وري به بي اعتباريءَ جي باه پڙڪو کاڌو هو:

”خبر سڃاڻڻ ۽ پڙهڻ ۾ فرق آهي!“

سهيند کان اخبار ڪٽي، ساڳي خبر تي آڱر رکي چيائين:

”پڙهي ٻُڌائي“

هوءَ ويهين صدي جي سخت مزاج سنڌي استاد اڳيان سبق وساري ويٺل حساس شاگرد جيان مُنجهي پيئي هئي. حراسجي پيل هرڻيءَ جيان ڇِپي دلبر ڏانهن ڏٺو هئائين.

دلبر چيس:

”شاباس! پڙهي ٻُڌائي“

هن ڪنگهي گلو صاف ڪيو، چڻ مٿي تي آيل اڻ مَيو بار ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، پر بار نٿي ڪٽاڻُو!“

ٻئي لمحي دلبر جي حيرت جي حد نه رهي هئي، جڏهن هن حرف بحرف سڄي خبر ڪيس پڙهيبُڌائي هئي.

هڪدم دلبر جي چهري جا بدلجي پيل تاثر ڏسي، سهيند جي ساهه ۾ ساهه پيو هو. بيساخته چئي ويٺي:

”گهوڙا منهنجو ته هيئون ٿي ڦاٽو! سمجهيم منهنجو اخبار پڙهڻ توکي بُرو لڳو آهي. اهوئي ڊپ هئم جنهن ڪري تنهنجا ڪتاب لڪي لڪي پڙهڻ واري ڳالهه توکان لڪايم. متان تون مون لاءِ بدلجي پوين!“

دلبر اچرج مان پڇيو هو:

”سهيند تون ته اڻ پڙهيل هُئيين نه؟“

”اٽيڙهيل ئي سمجهه . ننڍي هوندي وڏي ڀاءُ وٽان صرف سنڌي ٻاراڻو ڪتاب پڙهي ڇڏيس. پر جڏهن ڪان ٽون پائنڊ لڳو آهين، تنهنجي هر شيءُ پنهنجي پنهنجي ۽ سٺي لڳندي آهي. تو وٽ پاڻ وٽائڻ لاءِ ضروري سمجهيم ته پڙهان. اسڪول وڃڻ وس ۾ نه هو جنهنڪري اخبارون ۽ رسالا ڪُنڊي ڪنڊي پڙهندي هيس. پهرين ته ڪجهه به سمجهه ۾ ڪون ايندو هو پر پوءِ به خبطي شوق اهڙو جو پڙهڻ جي ڪوشش ڪون ڇڏيم. نيٺ ڪجهه نه ڪجهه پلئي پوڻ لڳو. آهستي آهستي اخبارن ۽ رسالن کان اڳتي وڌي، ڪهاڻين جي ڪتابن تائين پُڳي آهيان. تنهنجي پيار، پاڻُوهه ۽ ٻاپيس منهنجا حوصلا هيڪاندا وڌائي ڇڏيا جو هاڻ ڪهاڻيون، سفرنامه ۽ آتم ڪٿائون شوق سان پڙهندي آهيان. جتي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ اٽڪ ٿيندي آهي، اتي لُغاتون ڪڍي ونندي آهيان. هڪ نئين دنيا منهنجي اکين اڳيان کُلي آهي. “

هوءَ دلبر جي ويجهڙو سُري آئي هئي. دلبر ڪيس داد ۾ جس ڏيئي، پيار مان ڳلن تي ٿپڪي ڏني ته هُوءَ اُري پيل گدريءَ جيان هيڪاندي هپُڪار تي پيئي هئي!”

سگنل موٽي آيا هئا ته دلبر جو به ڌيان ڇڪاٽو هو ۽ ويل وقت جي ساروٽين جا پکي به پڙڪو ڪائي اُڏاٽا هئا.

هن ملوڪ جو نمبر ملائي رنگ وڃڻ ۽ دلبر جي ڪال ڪٽڻ جو انتظار ڪيو.

“هيلو دلبر پيارا، خيريت آهي؟“

”توهانجو ميسيج مليو، تڏهن ڪال ڪيم“

”تون سڀاڻي منيءَ اچ. ريڊيو جي هڪ نئين آيل پروڊيوسر مٿو ڪائي ڇڏيو آهي. تنهنجو انٽريو ڪرڻ چاهي ٿو. ۽ ها- ٻي ڳالهه ته مون تولاءِ هڪ اين جي او ۾ نوڪريءَ جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي. سنو ٿيو جوان جو هيڊ خيبر پختون خواه جو پناڻ آهي، نئون ماڻهو آهي، هتي وارا همراه سندس آءُ ڀڳت ۾ لڳا پيا آهن، پر اجان وٽن ڦاٽو ڪونهي. منهنجي هڪ لاهوري دوست جو مائٽ آهي، مون ڪيس تو متعلق ٻُڌايو آهي، جنهن توکي پنهنجي اداري ۾ مقرر ڪرڻ جي حامي ڀري آهي. جلدي ڪر، متان تو وارا مخالف اتي به پهچي نه وڃن!۽ها- هڪ ٻئي ڳالهه جو خيال رکجان. هاڻ اڳوٽيون تيريون-ميريون ڇڏي ڏي، ڪتابن واريون سچايون ڳوٺ ڇڏي اچجان، قول ۽ عمل جي هڪجهڙائي ڪرڻي اٿئي ته درويش ٿي دنيا تياڳي ڇڏ. باقي دنيا داريءَ ۾ ڪاميابيءَ لاءِ دل جي دوکي بدران دماغ سان سوچڻو پوندو. ضمير کي به ملو چلو معاف ڪرڻو پوندو. هينئر موقعو اٿئي زندگي ناهڻ جو. ڏڪار سبب ٿر ۾ ڏڙاڏڙ اين جي اوز جي نالي ۾ پراجيڪٽ اچي رهيا آهن. بس ڪٽي پير کُپائي وئين ته پئسو ئي پئسو اٿئي، ڏوڪڙن سان رانديون وينو ڪجان...!”

سگنل وري هيٺ مٿي ٿيڻ لڳا، ايڊووڪيٽ ملوڪ جو آواز ڪنجڻ لڳو. دلبر چيو:

" توهانجو آواز ڪنجي رهيو آهي. چڱو سياڻي مٿيءَ ۾ روبرو ملبو. "

ملوڪ جو آواز ڪنجي رهيو هو. دلبر وڪريل اکرن کي ملائي اندازو لڳايو ته ملوڪ او ڪي بائي چوڻ کان اڳ "اچجان ضرور " به چيو هو.

پٽ جي چوٿي تان لهواري لهندي دلبر سوچيو:

"لاڳيتن ڪيسن ۾ ڏڪارن منهنجا معاشي حالات ساڳي رهڻ ڪون ڏنا آهن. تڏهن ئي ته ايڊووڪيٽ ملوڪ جي ڪنهن ڳالهه کان اختلاف نه پيو ڪري سگهان. شايد ناسازگار حالتون، انسان جا سنگ پيچي موڙو ڪري وجهنديون آهن! جن ڳالهين کان منهنجا ايڊووڪيٽ ملوڪ سان زبردست نظرياتي اختلاف رهيا آهن، اڄ هُن جي ڳالهين سان متفق ٿيڻ بنا مون وٽ ٻيو ڪو چارو ڪونهي. مونکي هن وقت هرحال نوڪريءَ جي گهرج آهي ۽ اها ملوڪ جي ڳالهين سان سهمت ٿيڻ بنا ممڪن ناهي، جيڪو هميشه موقعن، مصلحتن، حالتن ۾ تعلقدارين مان ڀرپور فائدا وٺڻ جي تلقينڪندو آهي"

ملوڪ ئي ڪيس اقتداري پارٽيءَ ۾ شموليت جو مشورو ڏنو هو. پر دلبر جي دل ڪيس ايئن ڪرڻ ڪون ڏنو. سمورا انتقام ڀوڳي ڪنگال ٿي وڃڻ باوجود، هن ڪڏهن اقتداري ڇتيءَ هيٺان لڪڻ جي ڪوشش ڪون ڪئي. هن ڪڏهن ڪو اهڙو ڪم ڪون ڪيو جنهن کي هن جي دل نه مڃيو هجي.

ايڊووڪيٽ ملوڪ چوندو هئس:

"دلبر تو سول سوسائٽيءَ جا چڱا چوڪا ماڻهو رڳو ان ڪري ناراض ڪري ڇڏيا، جو تنهنجي بقول اهي قول عمل جو تضاد رکندڙ هئا. اهي اڄ ڪروڙن ۾ مٿو ڏوئي رهيا آهن ۽ تون. . . . . !؟"

ملوڪ هن جو پيارو دوست هو. ٻنهي جي خيالن ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق هجڻ باوجود ملوڪ کيس ان ڪري سٺو لڳندو هو جو سندس نيت ۾ دلبر متعلق ڪو خلل ڪون هو. دلبر سان هن کي همدردي هئي ۽ هُن جي بقول دلبر کي ڪتابي ڳالهيون ڇڏي حقيقتن ۽ حالتن موجب پاڻ کي بدلائجڻ گهربو هو. پر دلبر هيستائين بدلجي نه سگهيو هو!

پٽ جي چوٽيءَ تان واپس گهر ايندي، دلبر کي ملوڪ سان ماضيءَ ۾ رچيل رهاڻين مان ڪيئي عڪس اکين اڳيان اچڻ لڳا. ڪي جملا ڪنن ۾ سُس پس ڪرڻ لڳس. ملوڪ چيو هئس:

"دلبر توکي ٿر جي سول سوسائٽيءَ جي ماڻهن سان تعلقات بهتر بڻائڻ گهرجن. پر تون ته مورڳو انهن تي ڇتيون تنقيدون ڪندو رهيو آهين"

دلبر سوچ ۾ پئجي ويو هو. مختصر ماٺ بعد وراڻيائين:

”منهنجو انهن سان ڪو ذاتي اختلاف نہ آهي، بس انهن جي بڇڙن افعالن سان اختلاف آهي. اهي صحافيءَ جي روپ ۾ ڪامورن ۽ بااثرن جا چمچا ٿيندي بہ دير نہ ڪندا آهن. ڇوتہ ڪين اشتهارن ۽ مراعاتن لاءِ وٽن ويٺو پوندو آهي. ڳالهيون ڪندا آهن قلمي جهاد جون، پر جهاد ڀلا لالچ ۽ بدديانتيءَ سان گڏ ڪيئن ٿو هلي سگهي؟!

اهي سماج سڌارڪ جي روپ ۾ ٽري عوام لاءِ آيل ڪروڙن جي فنڊن تي هٿ صاف ڪندا آهن، پر پاڻ کي سڏائيندا عوام جا سچا خيرخواه آهن. ڀلا گهوڙو گاهہ جو خير خواهہ ڪيئن ٿو ٿي سگهي!؟

هينئين يا مٿئين سطح تي سياست ۾ هوندا آهن تہ وٽن ڪرپشن بہ جمهوريت جو حسن ٿي پوندي آهي. ڀلا ڪرپشن ۽ عوام جا مفاد، شينهن ٻڪريءَ جيان ساڳي گهاٽ تان پاڻي ڪيئن ٿا پيءُ سگهن؟!

اديب يا شاعر جي روپ ۾ ڏينهن کي رات چوندي دير نہ ڪندا آهن. اهو ڪجهہ ڪندا آهن، جنهن جا وڏا نقاد پاڻ هوندا آهن. لابين جي ڪلهن تي چڙهي قلمي قد وڌائڻ جي چڪر ۾ ٻاراڻيون حرڪتون ڪندا آهن. پاڻ يا سنگتين ساٿين کان پاڻ سان شامون ملهائڻ جو اهتمام ڪرائي وٺندا آهن. ڪي تہ سنگت ساٿ کان خود کي عظيم اديب قرار ڏياري وجهندا آهن. ڀلا ماءُ واڪاڻيو پٽ ۽ ڏٽيءَ واڪاڻيو گهوڙو ڀلو ڪيئن چئبو؟!

سرڪاري ملازم هوندا آهن تہ سندن فرض رڳو ڪاغذن جي زينت بڻبا آهن. رشوت سندن سهيلي هوندي آهي، پر پاڻ کي قانون جا پاسدار ظاهر ڪندا آهن. ڀلا رشوت قانون سان لانئون ڪيئن ٿي لهي سگهي!؟

بس اها هڪ ذهنيت آهي، جيڪا ادارن کان فيس بڪ تائين، هرهند ڪائڻ جا ڏند لڪائي، ڏيکارڻ وارن ڏندن جي نمائش ۾ پوري آهي!

ايڊوڪيٽ ملوڪ دلبر جون ڳالهيون ماٺ ميٺ ۾ ڌيرج سان ٻڌيون هيون. ۽ پوءِ پڇيائين:

”انهن ڳالهين جو تو وٽ ڪو ڪاغذي ثبوت آهي؟“

دلبر وراڻيو:

”مٿائين منصف ۽ اندر جي قاضيءَ کي ڪو بہ ڪاغذي ثبوت گهربل نہ هوندو آهي!“

”ڇا اهي ماڻهو ڪي علم کان خالي آهن، جن کي تون صحيح ۽ غلط سمجهائيندين؟!“

”آئون ڇا سمجهائيندس! بس علم بہ تيستائين سُنڌ عورت جي هنج ورتل ٻار جيان آهي، جيستائين پاڻ تي لاڳو ڪري تخليقي باريڪين سان نٿو پرکجي!“

”اهو سڀ ڪجهہ غلط ئي سهي، پر ان تي ايترو سخت ڳالهائي، سول سوسائٽيءَ ۾ اڪيلو ٿيڻ ۽ ذاتي نقصان ڪائڻ جو ٺيڪو صرف تو ئي کنيو آهي؟!“

دلبر وراڻيو هو:

”غلط کي غلط ۽ درست کي درست چوڻ علمي فرض آهي“

ملوڪ کلي پيو هو. چيائين:

”ڪيترا فرض آهن، جيڪي اسان وٽ پورا ٿي رهيا آهن؟!“

دلبر بہ کلي پيو هو، وراڻيائين:

”پينگ ٿي پيئي آهي، بس ماٺ ڀلي آهي!“

خيالن ۾ شديد تفاوت هوندي بہ هُو ٻئي جڻ هڪٻئي سان متفق هئا! اختلاف رائي باوجود هڪٻئي لاءِ وٽن هجت ۽ احترام هوندا هئا. سنجيده بحثن مباحثن جي ممڙين، ڪڏهن بہ سندن روسامن جي ٻارڙن کي ٻڪ ڪون وڌا. اهوئي سبب آهي جو هُو هڪٻئي سان اسهمت هوندي بہ سهمت هئا! رنل هوندي بہ پرتل هئا !گڏ هوندي بہ ڌار ۽ ڌار هوندي بہ گڏگڏ هئا. ستارن جهڙي سنگت ۽ درياءُ جيڏي دوستيءَ کين ساڻ ساڻ سلهاڙي رکيو هو.

ڪڏهن ڪڏهن تہ سندن گفتگو جي انداز مان ايئن لڳندو هو جڻ هُو ٻئي اختلافي موضوعن تي بہ متفق هوندا هئا، فرق رڳو اهو هو جو ملوڪ هڪ دوست جي حيثيت ۾ دلبر طرفاندنياداري اپنائڻ جو آرزومند هو!

”هُن ڪهاڻيڪار همراه پنهنجي چاچا کي ٿر جو ايڏي قرار ڏيارڻ لئہ وري ورسي تقريب رکي آهي، جنهن ۾ مٿس مقالا ۽ لکندڙن کي ايوارڊ بہ ڏنا ويندا. جڏهن تہ چاچل مرحوم تہ ڪالهوڻي ڪالهہ پاڻ بہ ڏنو هو سندس'ڪارنامن' کان تہ سڀ واقف آهيون!“

ملوڪ ٿوڪيلي مرڪ مُرڪي چيو هو. دلبر وراڻيو:

”اهائي گهوڙا گهوڙا ڪندي، مون کي سال ٿي ويا آهن تہ اقرباپروري ۽ مفروضات مڃائڻ لاءِ ٿري تاريخ سان هٿ چُراند ڪري، ايندڙ نئين نسل جي اکين ۾ ڌُوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي. هونئن تہ هرهنڌ تاريخ ۾ وڏو ترڪتال ٿيل آهي، پر اهو سڀ ڪجهہ هينئر ايڪويهين صديءَ ۾ عجيب لڳي ٿو!“

”پئسو واقعي پئسو آهي. دماغ سان ان جو استعمال ڪجي تہ هُوند گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو! غير ٿري علائقن جي قلمڪارن کي ٿر گهمائي، خدمت چاڪري ڪري، ايوارڊ ڏيئي، مفروضن تي مبني ڪهاڻيون ٻڌائي، چاچن مامن کي ٿري هيروز قرار ڏيارڻ اجڪله مسئلو ئي ناهي. ڪير ڇا هو؟ ماضيءَ ۾ ڪير ٿو جهاتي پائي؟ ڪو دستاويزي ثُبوت تہ ڪپي ڪون ٿو!“

”پئسو برابر گهڻو ڪجھ آهي، پر سڀ ڪجھ ناهي. اصل خرابي اها آهي جو سمجهڻ وارن چپ سبي ڇڏيا آهن. وقتي خواهشن آدرشن کي لتاڙي ڇڏيو آهي. هرڪو چوي ڪير ڇا هو ان سان منهنجو ڇا وڃي؟ مونکي تہ منهنجو مفاد ڏسڻو آهي. “

”فطرت جو قانون ئي طاقت ۽ مفادن جي مٿيءَ ۾ ڳوهيل آهي. هيٺن جي حقن جي ڪابہ ضمانت ڪونهي. ۽ اڄڪله طاقت جو سرچشمو پئسو آهي!“

”ڇا پئسن سان هُن جهان ۾ بہ ماڙيون اڏائي سگهبيون!؟“

”اهڙيون ڪوششون اڳ بہ ٿيون آهن. هينئر بہ ٿين پيون. متارو ۽ موليڏنو جڏهن مئٽرڪ ۾ ناپاس ٿيڻ بعد منيءَ ۾ اچي رهيا هئا، تڏهن شروع ۾ ٻي ٽي ٽڪ ماني لاءِ اوطاقون ڳوليندا هئا. پوءِ هڪ همراه صحافت ۾ ڦاڙها مارڻ لڳو. خبرون بہ ٻين کان لکائيندو هو. پوءِ بہ رهيل سهيل درستگيون اداري وارا پاڻ ڪندا هئا. موليڏنو هڪ اين جي اوز واري وٽ بورچي هُوندو هو. هن وقت اهو همراه هڪ اين جي او جو هيڊ آهي. جڏهن تہ موليڏنو جديد ٽري صحافت جو باني ليکجي ٿو. ٻنهين پنهنجن پنهنجن شعبن ۾ ايترا هٿ صاف ڪيا آهن، جو چڱو چوکو پئسو ناهڻ بعد همراهن ڳوٺ وارين ارينج ميريجن مان نامطئمن ٿي، شهري عورتن سان ٻيون شاديون رچايون آهن“ملوڪ کلي پيو. دلبر اتان ئي ڳالھ جو سنڌو ملايو، جتي ملوڪ ڇڏيو هو.

”۽ جڏهن ٻنهين کي محسوس ٿيو تہ اهي شيون مئي کانپوءِ ڪنهن ڪم جون ناهن، تہ هنن تاريخ ۾ ٽنگجڻ خاطر گهر جا پئسہ ڏيئي، ڊونيشنون ڪرائي، پاڻ سان شامون ملهائڻ جا اهتمام بہ ڪراياءِ ذاتي ۽ قلمي واسطا استعمال ڪري پاڻ کي عالي ۽ عظيم بہ قرار ڏياريوپر وري کين محسوس ٿيو تہ هي جهان هٿيڪو ٿيو پر هُن جهان جو بہ ڪو بلو ڪرڻ گهرجي، تہ ٻئي حج تي بہ گڏ روانا ٿيا. واپس جو موٽيا آهن تہ ٻنهين ۾ بس هڪڙي تبديلي آئي آهي، ڇهري تي سونهاري، هٿ ۾ تسبيح، ۽ ڇپن تي نيڪ ڪمن جي تبليغ! باقي ڪو خاص فرق ڏسڻ ۾ نٿو اچي. !انهي ساڳي رستيجي پنڌ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي همراه آهن“!ملوڪ وري بہ کلي پيو هو. حيرت مان پڇيائين:

”تون تہ اڪثر ڳوٺ هُوندو آهين، پوءِ توکي اهي خبرون ڪير ٿو ٻُڌائي؟“

دلبر مرڪي ڏانهس ڏٺو هو. وراڻيائين:

”مونکي اها بہ خبر آهي تہ جيڪي ڏات ڏٺي اين جي او ۾، مسڪين ترين لاءِ آيل پئسن مان ڪروڙين رپيا هڙپ ڪري، آڊٽ کان بچڻ خاطر پرڏيه ويا هئا، اهي آهورن جا هيراڪ اتي پاهُرن تي ٻيهي ڪون سگهيا. هتي ماحول ٺڏو ڏسي پاڻ سان شام ملهائڻ جو بندوبست ڪيائون. سنڌ جي ناليوارين هستين کي مدعو ڪري، خاص يارن کي سمجهايائون تہ اهڙو ماحول ناهيو جو پنڊال وارا سڀ

اٿي بيهيمطالبوڪن تہ اسين واپس اچون. ايئن ئي ٿيو بس گهر جا پوپيا، گهر جا پاوڙيا! چند ماڻهو هزارين پڙهيل لکيل ماڻهن جي اکين ۾ سرمو پارائي، بدترين ڊرامہ ڪري رهيا آهن!“

ملوڪ وري وڏو ٽهڪ ڏيئي کلي پيو هو. چيائين:

”لڳي ٿو فرشتا تنهنجن ڪنن ۾ ڦُوڪون ڏيندا آهن“

دلبر مرڪندي وراڻيو”تون منهنجين ڳالهين کي درست بہ سمجهين ٿو ۽ وري وڙهين بہ ٿو تہ آئون اهي ڳالهيون نہ ڪريان!“

ملوڪ سنجيده ٿيندي، پيار مان وراڻيو:

”دلبر ڏس! پاڻ نندپڻ کان گڏ گڏ پڙهيا آهيون. آئون تنهنجو خيرخواه آهيان. تو پهرين سياست جي پُڏندڙ بيڙيءَ ۾ سرگرميون شروع ڪيون، جڏهن بيا سڀ ڇپيا وينا هئا. ڪيترا نقصان ڪاڏئي، پر منهنجي صلاح باوجود اقتداري پارٽيءَ ۾ شموليت نہ ڪيئي. شموليت ڪرين ها تہ اڄ نہ رڳو پاڻ پر عزيزن قريبن لاءِ بہ نوڪريون وٺيو وينو هجين ها. ٺيڪا بہ ملنئي ها. تو وٽ ذاتي ووٽ بينڪ بہ هو ان ڪري پاڻ يا خاندان جي ڪنهن ٻئي لئہ بلدياتي چونڊن ۾ پارٽي طرفان سيٽ بہ ملنئي ها!

ٽڙ جي سول سوسائٽي ۽ قلمڪارن جي سيني لابين سان بہ ڦٽايو وينو آهين. انهن جا همراه ٽڙ جي گهڻن ادارن تي قابض ٿيل آهن. مون جتي جتي بہ تنهنجي نوڪريءَ لاءِ ڳالهايو آهي، تنهنجو نالو ٻُڌي هرڪو ڇرڪي پيو آهي!

آئون توکي صرف اهو ٿو چوان تہ تون پاڻ کي بدلائي ڇڏ. ڦٽايل تعلقات وري سنوارڻ جي ڪوشش ڪر. ڪجهہ ماٺ، ڪجهہ مصلحت ۽ ڪجهہ دنياداري بہ سک!“

”دنياداريءَ مان مراد جيڪڏهن رات کي ڏينهن ۽ ڪانديري کي درخت مڃڻ آهي، تہ شايد آئون اهو سبق سکڻ لئہ اهل شاگرد نہ آهيان!“

پر اڄ پٽ جي چوٽيءَ تي دلبر سان منيءَ اچڻ جو واعدو ڪري موٽڻ ۽ سندس هدايتن تي خاموش رهي، هن ڄڻ تہ سندس مؤقف مڃي ورتو هو. حالتن جي جبر هيٺ، هن جي دل چُپ چاپ واري چادر اوڍي، سامين واري ننڊ سمهي پيئي هئي. ۽ ڏکهي عرصي کان جبري جلاوطن ڪيل سندس دماغ وري موٽي آيو هو. جيڪو هرهر هن کي ايڊوائيز ڪرڻ لئہ آتو هو!گهر پهتو هو تہ سهيند چانه جو ڪوپ سندس اڳيان رکندي چيو هئس:

”ڪجهہ دير اڳ ريڊيو پاڪستان منيءَتي ڪمپيئر ٻُڌايو پئي تہ سياڻي شام ست کان اٺ وڳي تائين واري پروگرام ۾، تنهنجو انٽرويو نشر ٿيندو، ٻُڌندڙن کي سوال پڇڻ لئہ نمبر بہ نوٽ ڪرايو ويو“

دلبر مرڪي چيس، ”توکي جيڪو پڇڻو آهي، هينئر ئي پڇي وٺ“

هوءَ بہ مرڪي پيئي هئي. مرڪڻ بعد هوءَ ماگهہ جي مهيني ۾، لامن تي لڙڪي سج ڪان اُس اُڌاري وننڌڙ پکين جهڙي چلولي ٿي پوندي هئي. پڇيائين:

”ڪجهہ وقت ريڊيو ڇڏي وري ريڊيو تي ويو هئين. ڪجهہ مهينن بعد جنهن اداس نازبوءَ جون تحريرون هلائيندو هئين، ان جي ڪا خبر اٿئي، اڄڪلہ ڪهڙي حال ۾ آهي؟“

سورٺ پهريون پيرو هن ڪان ان قسم جو سوال پڇيو هو. ۽ دلبر ڪي زندگيءَ ۾ پهريون پيرو دماغ جي صلاح تي هلي، ڳالهہ کي گول مول ڪرڻو پئجي ويو هو.

”هوءَ سندم پروگرام جي سڄاڻ ليکڪ ۽ ٻڌندڙ هُئي. منهنجو ساڻس بس ايترو ئي تعلق هو. ڪي سال اڳ ريڊيو ڇڏيم تہ پوءِ ڪا خبر ڪون رهي تہ ڪير ڪٿي آهي!؟“

سهيند شرارتي نگاهن سان دلبر ڏانهن ڏٺو هو. اهڙيون نگاهون جيڪي جڻ اهو چئي رهيون هيونتہ:

”ڏس توکي سڄي عمر سليقي سان ڪوڙ ڳالهائڻ ڪون آيو. هاڻ اهڙي ڪوشش نہ ڪر، پکن گهڙن کي ڪنا ڪون چڙهندا!“

سهيند تہ شرارتي نگاهون هن تي اُڇلي، گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ ڪي لڳي ويئي هئي. پر هُن جڻ دلبر جي ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکيو هو. ڪيس ڪي سال اڳ جو زمانو اکين اڳيان تري آيو هو. مختصر وقت ريڊيو کان دُور رهڻ بعد وري جڏهن ريڊيو تي آيو هو تہ هن جي دل اداس نازبوءِ نالي لسنر جي تحرير لئہ وڳ ڪان وڇڙيل گونئري جيان تڙپ مان تانگهايو هو!اها اداس نازبوءِ، جنهن هڪ رسالي ۾ سندس ريڊيو تي وري واپسيءَ جي مطالبيتي مشتل خط لکيو هو جنهن جو کيس جواب بہ ڏيڻو پيو هو. ان خط ئي هن ڪي وري ريڊيو تي آندو هو. اداس نازبوءِ جي غائبانہ تصور جي گولاڙي، تجسُس بنجي سندس سوچ ڪي ياڪر ۾ پريو هو. پرڪجهہ هفتا هُن جي ڪابہ لکٽي دلبر جي هٿن تائين ڪون پهتي هئي. آسرا پلجڻ جي پيچرن تي پهتا هئا تہ هڪ شام ريڊيو خطن واري ٽپال مان، نامعلوم ماڳ ڪان موڪليل اداس نازبوءِ جي تحرير نڪري آئي هئي. اهو مور جي صدائن ۽ پرينءَ جي ادائن جهڙو خوبصورت خط هو ۽ ان خط جي لفظ لفظ ۽ جملي جملي ڪي، دلبر پروگرام ۾ پنهنجي مخصوص انداز جي اُتار چڙها سان، پس منظر ۾ جهيٽي جهيٽي بانسريءَ جو سگنيچر ٽيُون هلائي، صداڪاريءَ جي ڌُن تي رقص ڪرايو هو!”ڏکهو عرصو لنگهيو آهي، هينئڙي مٿان بہ ڪيئي هر هلي ويا آهن. يادگيرين جا قافلا ، دل ڳوٺ جي گهٽين ۾، الاءِ ڪيترو پتڪي پتڪي ٿڪا آهن. ڪي ڏينهن دادلي چمار جا پير چاٽي لنگهيا آهن. ڪي راتڙيون اٿپورن خوابن سان ڳراٽڙيون پائي، پويان رهجي پيل حسرتن جيبارڙن کي دلاسن جي ڪتمتڙن تي ڌُتلائي، بس ايئن ئي گذري ويون آهي، جيئن ناري جي رستن تان لاڏائُو قبيلا

گذري ويندا آهن. جيئن آسمان تان پرديسي پکي گذري ويندا آهن. ۽ جيئن دل جي گسن تان اوبلا درد گذري ويندا آهن.

ياد اٿم گهڻو اڳ ڪنهن سرمئي شام ۾ هڪ پاڙيسرڻ سهيلي جي گهر ويئي هيس. اتي ئي تنهنجو پروگرام ٻڌو هئم. پروگرام ڇا ٻڌو هئم، ڄڻ پنهنجو پاڻ کي نئين سر دريافت ڪيو هئم. تنهنجو ساڳي ڪينچلو انداز، تنهنجون ساڳي دل کي مهٽي وجهندڙ ڳالهيون، ۽ تنهنجي آواز جي ساڳي رمجهم وسڪار!

۽ پوءِ لاڳيتو تنهنجا پروگرام ٻڌا هئم. انهن ڏينهن ۾ مون اٺون پاس ڪري ڪن مجبورين سبب پڙهائيءَ کي خدا حافظ چيو هو. واندڪائي ۽ بوريت ۾ تنهنجا پروگرام ئي هئا، جن لکڻ جهڙي محبوب وندر ۾ لڳائي جيون ۾ دلچسپي وري آڻي ڏني هئي. انهن ڏينهن ۾ مون جڏو ڦڏو لکڻ شروع ڪيو هو. پر تنهنجي سخت معيار واري ڪاتيءَ تہ مرڳو منهنجي دل ئي ڪپي ڇڏي! تو وٽان تحريرون رد ٿيڻ پڄاڻا سوچيو هئم، ڪڏهن بہ سنو لکي ڪون سگهنديس. انهن ڏينهن ۾ لکندي هيس ۽ وري ڪنهن چلولي ٻار جيئن پاڻ ئي پاڻ ڊاهي بہ ڇڏيندي هيس. ان دؤر جون منهنجون لکڻيون ڪنهن پورالي پرينءَ طرفان ساحل جي ريٽ تي پاتل ليڪن جهڙيون هيون. يا وري اهڙيون جهڙيون سيڪڙاٽ ڇوڪريءَ جو هلواڻ جي ڪپڙي تي پيريل هُرمچ پيرت!!

تون منهنجون موڪليل لکڻيون بيرحميءَ سان رد ڪندو رهين، پر مون اوترو ئي ثابت قدميءَ سان لکڻ جاري رکيو. هڪ اڌ لکڻي تو اصلاح ڪري هلائي بہ هئي، پر اها منهنجي لڳي ئي ڪون ٿي، بس رڳو نالو منهنجو بچيو هو. مون کي اهڙيون شيون ناهن وڻنديون دلبر، جيڪي رڳو نالي جون منهنجون هجن. آئون وري توکي تحريرون موڪلڻ بدران رڳو لکڻ ۾ سُڌارو آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس. جذبن جا ڪڪر دل جي ڌرتي مٿان جڏهن بہ مانڊاڻ مچائيندا هئا ، تہ بس ٻن ٽن ڪوسن لڙڪن سان گڏ ڪي چار ڇڳا لفظ بہ ڪاغذ جي چولي تي، ڪارڪ جهڙو پيرت ٿي پوندا هئا. ان وقت تنهنجي پروگرام ۾ اداس ڇوڪريءَ جا اداس ڪري وجهندڙ خط نشر ٿيندا هئا، سچ پڇين دلبر تہ مونکي بہ ڏاڍو رُئاريندا هئا، ڇا تہ غضب جا خط هئا.

جڏهن پاڻ کي ڪجهہ لکڻ جهڙي ڀانئڻ لڳيس، تڏهن توئي ريڊيو ڇڏيو هو. تنهنجو پروگرام مون لاءِ ٻاڙ ٻڻجي پيو هو. تنهنجا پروگرام بند ٿيا تہ ڪيفيت ان ماڻهو جهڙي ٿي پيئي، جيڪو سگريٽ ڇڏڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو آهي.

مون پنهنجو پاڻ کي ڏُتلائڻ لاءِ ڪن ٻين ريڊيو چينلن تي بہ لکيو آهي. ڪن رسالن ۽ ڪن اخبارن لاءِ بہ قلم سان ڪيتا ڪيا اٿم. پر سچ پڇين دلبر تہ تنهنجن پروگرامن لاءِ لکندي سدائين ڪنهن اڻچاتل

خوف ۽ خدشن ۾ وروڪيل رهي آهيان. تہ الاءِ تنهنجي نظر ۾ ، منهنجو هي ناچيز مواد پروگرام ۾ شامل ٿيڻ جي لائق هوندو بہ يا الاءِ نہ!؟پر اها پڪ اٿم تہ تون ڪڏهن بہ ناانصافي ۽ ميرٽ جي لتاڙ نہ ڪندين. مواد شامل نہ ٿيو تہ پنهنجو پاڻ کي ڏڏ سمجهي، وري سٺو لکڻ جي ڪوشش ڪنديس ۽ بس!تون مواد شامل ڪرين نہ ڪرين پر تنهنجو پروگرام منهنجي لاءِ سدائين جذباتيڪمزوري جيان رهيو آهي ۽ رهندو! ايئن جيئن ٻارن لاءِ رانديڪا، عاشق نيڻن لاءِ دلبر جو درشن ۽ ڏڪار جي ماريل ماروئڙن لاءِ مندائتي مينهن جي ڪنوڻين جا ڪيل!جڏهن بہ چيتي چانڊوڪين ۾ ، واهوندي واءُ سان گڏ ڪٿان ريڊيو جو رولاڪ آواز ڪنايو اٿم، سچ پڇين تہ ان ويل تنهنجن پروگرامن جي ڪوٺ اندر اڏ ڪيو آهي. پورالي پرينءَ جهڙن بادلن جڏهن بہ ٿر تي ڪي چلولايون ڪيون آهن، تڏهن تنهنجي پروگرام مان ڇڻي سماعتن ۾ سانڍجي پيل لفظن جي رنگين جهرڪين، ڪي ساروڻين جا سفر بہ ڪيا آهن. تون مڃين، مڃين، نہ مڃين، زندگي جي هيڪلن رستن تي، ڪن سرمئي سانجهين ۾، ڪن پنل آڏين ۾، ڪن سُنهري صُبحن ۾ ۽ ڪن شرميلين شامن ۾، تنهنجو پروگرام ۽ ان ۾ لکندڙ مهربان ساٿين جا نالا اڄان بہ ڪڏهن ڪڏهن ياد ايندا آهن. اڄان بہ ساروڻين جي ديس ۾ لفظن ۽ نغمن جي سڳنڌ سان سينگاريل، تنهنجا ڪي پروگرام دل جي سليٽ تي پيچي اکرن ۾ اڄ بہ لکيل آهن.

اڄ وري ڊگهي عرصي ڪانپوءِ تنهنجي پروگرام ۾ لکڻ جي جرئت ڪري رهي آهيان. هي لفظن جا ٻالاپولا پکي تنهنجي پاراُڏاريندي سوچيان ٿي، تون انهن کي الاءِ ڪهڙي موٽ ڏيندين؟! تنهنجي پروگرام جي ڪيتن منجه لهڻ جي لائق بہ آهن يا الاءِ نہ؟پر تنهنجي پروگرام جي معيار ۽ نشرياتي گهُرجن تي پورو لهي نہ بہ سگهن، تڏهن بہ بيرُخين جي تاڙين سان اڏارين متان! ڇوتہ حساس جذبن جا پُرڪيف پکي هڪ دفعو جن وڻن تان اڏري ويندا آهن، انهن لامن تي وري لڏڻ پسند ناهن ڪندا. اهو بہ مڃيان ٿي تہ تون ڪنهنجي بہ ڊڪٽيشن قبولناهين ڪندو. پر منهنجي ستن سالن جي محنت، منهنجي قلمڪاريءَ کي ڪيترو نکاريو آهي؟اهو سرٽيفڪيٽ تنهنجي پروگرام ڪان وڌيڪ ٻيو ڪو ٿي نٿو سگهي. منهنجا هي ناچيز لفظ تنهنجي آواز سان همسفر ٿي پيا تہ اهوئي مون لاءِ پلو پاڳ ڇٽبو.

دلبر! ست سال اڳ، تنهجي پروگرامن ۾ جنهن اداس نازبوءِ نالي ماڻهوءَ جون تحريرون، تون بيدرديءَ سان رد ڪندو هئين، آئون اها ئي ويراڳڻ، اڄ وري تنهنجي پروگرام ۾، پذيرائيءَ جي پنجڪٽيءَ لاءِ جهول جهلي، بيک گهُري رهي آهيان. ڪانگن جي ڪانءِ ڪانءِ ، هڏڪين جي هلچل ۽ گره ڪرڻ جي گواهي، جيڪڏهن اڄوڪي دنيا ۾ سچي نہ بہ رهي آهي، تڏهن بہ ساروڻين جي سنسارمنجه، ڪن هڏڪين ۾ حصوپتي اسانجي بہ آهي. "

تحرير جي لفظ ۾ ڪو سوز هو جيڪو ڪٿو هوندي ٻہ مٿو لڳي رهيو هو. جملو جملو درد هو جيڪو دل ۾ ٽڏڙا ڪيڏي رهيو هو

⊙

# باب پنجون

“ابا اٿو. . ابا اٿو. ابا ا. . .!!؟؟”

اهي آواز جڻ ماڪوڙا هئا. جن وات جي ٻرن مان نڪري ڪيس ورايو هو. جن جي بيشمار چڪن ۾، هن جا حواس منتشر ٿي رهيا هئا. پنهنجي ٻارن جي بيجواب سوالن جا پٿر ڳڙڪائي، جڻ تہ هُو مستانو فقير ٿي پيو هو. جنهن کي ٻارن تماشو بڻائي وڌو هو!

صابوءَ محسوس ڪيو جڻ هو گُلر هو. جنهن کي عذيت پسند ٻارڙا ڇيڙي رهيا هئا. اوچتو هن جي خيالن ۾ واچوڙو نهي پيو. هن پٽر ڪٽي، بختاور کي واهي ڪيپو. هوءَ دانهُون ڪري پوئتي ڀڄي. ٻيا ٻارڙا هيسجي حراسجي ڇڊا ٿي بيهي رهيا. بختاور جي لوٽي تي لڳل پٽر جي زخم مان وهندڙ رت ڏسي، هو کلڻ لڳو. هن جي دل چاهيو. هُو کتو ٿي وڃي ۽ بختاور جي وهندڙ رت تي زبان ڦيري. هن رت هاٽي واريءَ جي مُٺ ڀري، ڪجھ داڻا زبان تي رکي، ان جو ذائقو چکڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پانيو جڻ ڪو بکايل ڪتو، هن جي وجود ۾ پيچ لوڏي رهيو هو. سامهون صدوري ڪجھ چئي رهي هئي، جيڪو هُو منتشر حواسن سان سمجهي نہ پئي سگهيو. الاءِ ڪيئن هڪ جملو، سندس سوچن جي اُلجهيل سُٽ ۾ اٽڪي پيو. ڪو چئي رهيو هو:

“گُرڙ پکي بہ بک ۾ پنهنجا ٻچا کائيندو آهي!”

صابوءَ گُرڙ پکيءَ تي سوچڻ چاهيو. ڪجھ بہ سوچي نہ سگهيو. آسپاس اوڙي پاڙي وارن جو هُجوم گڏ ٿي پيو. هو ڇا چئي رهيا هئا؟ هن جي سمجھ ۾ ڪجھ ڪون پئي آيو. هن بس اهوئي پئي سمجهيو تہ هو جانور هو ۽ هاٽي هن کي جانور ٿي ئي رهڻو هو! هن زور زور سان کلڻ چاهيو تہ وڏا وڏا ٽهڪ پاٽمرادو هن جي زبان واري پينگھ تي لُڏڻ لڳا. ماڻهن هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ۾ ڪيس ڇاڇا چيو هو؟ هن موٽ ۾ ڇاڇا وراڻيو هو؟ کيس ڪا بہ سُڌ ٻُڌ نہ هئي. بس ٿورڙي دير لاءِ هن کي محسوس ٿيو تہ هو ڪتو آهي ۽ کيس اگهڻ جي نم سان ٻڌو ويو آهي. هن زور زور سان پونڪڻ جي ڪوشش ڪئي. آسپاس گهيرو ڪري بيٺل ڳوناٽي هجوم مان کي ٻارڙا کلڻ بہ لڳا. هن بہ کلڻ چاهيو ۽ کليو تہ بس کلندو ئي رهيو.

❁❁❁

ورهاڻدڙيءَ ويل، جانُو گهر جي اڱڻ تي، نم جي ڇانءُ ۾، ڪپ جي واڻ سان واڻيل کٽ تي ليٽيل هو. هن ڏُور آسمان جي نظر ايندڙ ڇيڙن تي نظر وڌي، ڪوبہ ڪڪر موجود نہ هو. هيڪر تہ سندس دل چاهيو تہ وڏي آواز سان استاد محمد جمن واري انداز ۾ ملهاري جُهونگاري، پر موسم جي مناسبت نہ ڏسي، ماٺ ٿي ويو. ڪن پل رکي هن ڪنائڻ جي ڪوشش ڪئي. گهر ۾ سورٺ سان ڪا عورت ڳالهائي رهي هئي. سورٺ پڇيو:

”ڪاڪو صابُو تہ ٽيون ڏينهن صبح جو تہ تڙ وٽان چڱو ڀلو وڃي رهيو هو آخر ٿيو ڇا؟“

صدوريءَ وراڻيو:

”ٻنهرن جو جيئڻ ئي گهر آيو بتال ٿي پيو. بختاور کي ڪڙو هٽي مٿو ڦاڙي وڌائين. پاڙيوارا مڙي آيا. ڪنهن ويل پونڪي پيو ڪنهن ويل ڪلي پيو. بس هلندي ڪل ٽِڙي ويئي. ادي ڙِي مُنيس آئون. . . چار ڪچا ٻار، ٻي اٺهُوند آخر ڪيڏانهن وڃان؟“

”ڪاڪي جو علاج ڪرائي نہ ادي؟“

”ادي وري بہ ساڳي ڳن، ساڳي ڪهاڙي! اسانجي گهر ۾ ٽن ڏينهن کان اٽو ڪونهي، تڏهن تہ تو وٽ آيس تہ من ڏبي اٽي جي ملي پوي ۽ تون چوين ٿي علاج ڪرائي؟!“

سورٺ جڻ پنهنجي ڪيل ڳالهہ تي پاڻ شرمنده ٿي پيئي. صدوريءَ ڳالهايو ڪاڪو خُدن ڪمپائونڊر وٽي آيو هو جنهن هن کي سُيون هنيون ۽ ٽڪيون کارايون آهن. ڪالهہ راتڪان رُڳي ننڊ ٿي پيو آهي. ادي ڏکيو تہ گهٽوئي لڳي ٿو پر ڪوه ڪريون. رات ۽ ڪالهہ رات ڪاڪي خُدن هٿ ۾ سنگهر هٽي کٽ سان ٻڌي ڇڏيو هوس، جيئن پروَس ماڙهو ڪيڏانهن نڪري نہ وڃي!“

صدوريءَ جون ڳالهيون ڪنائيندڙ جانو لٽ جي سهاري کٽ تان اٿي ويٺو. ماين جي پر ۾ اچي صدوريءَ جي مٿي تي هٿ رکيائين.

”آئون ڪنن سان ٿورو پوهرو آهيان وريڀُڏائي صابُوءَ کي ڇا ٿيو آهي؟“

صدوريءَ سربستي ڳالهہ ڪري ٻُڌائي هيس تہ شوڪارو هٽي وراڻيائين:

”صابُو ٽيون ڏينهن مون وٽ تڙ تي وينو هو مون تڏهن ئي لکي ورتو هو. بس اٺهُوند بڇڙي بلا آهي. “

سورٺ صدوريءَ کي چيو:

”ادي صدوري اسان وٽ بہ اٽو گهٽ آهي، اڌ ڏبي ڪٽي وڃ“

جانوءَ چيو:

”نہ امان سورٺ نہ! بک ويرا آهي، ٻارن جي گل، اڌ ڏبيءَ مان ڇا ٿيندو؟ !ٻہ ڏبيون ڀري ڏي، مون وري اڪ جو آنڪارو ڪتي تيه ڍيرا ناهي ڇڏيا آهن، سياٽي وڪٽي مڻ اٽو وٺي ايندس، باقي ڳُونڊڻ تہ آهي

ڪون، جو اڃو ڏند ڪريون. پاٽيءَ ۾ مرچ پُسائي گره ڪائي وڻيا. بس گُوندر گهٽجي ۽ لُڙ لهي ويندا، رڳو هينئون نه هاريو، ڪڻ ۽ ڏند جو وير سدائين سريڪو ڪون هلندو؟!“

جانُوءَ جي ڳالهين ۾، تنگدلي، مايوسي، ڪلفت ۽ بيوڙائيءَ بدران درياءُ دلي هئي، ويساه هو، اميد هئي، محبتون ۽ ميناج هئا، جن سورٺ جي دل وڏي ڪري وڌي. هن صدوريءَ کي ٻن بدران ٽي ڏيهون اٽي جون پري ڏنيون.

صدوري وڃڻ لڳي ته جانوءَ چيس:

”يانيان صابُوءَ کي پڇڻ هينئر ئي هلان، پر سڄبه وڃي گوڏا کوڙيا، واپسيءَ ۾ انڌاري ٿي ويندي، ٻيو اوهانجو پاڙو به پراهون ۽ ٽيون وري وچان پٽ به وڏي. هاڻ صبح جو اڃبو ڏينهن شينهن آهي. “

صدوري هلي ويئي ته هُوبه ڍيري ڪٽيندو گهران ٻاهر نڪتو. گهر جي گهٽيءَ مان لنگهندي کيس محسوس ٿيو ته صابُوءَ جي عيادت کي سپاٽيءَ تي چڙي، هو ڪجهه غلط ڪري رهيو هو. جنهنجون هن سان ٻتيه دليون لڳنديون هيون ۽ جنهن تي سندس هزارين هُجتون هلنديون هيون. تنهن جي بيماريءَ جو ٻُڌي بروقت وٽس نه وڃڻ بنه ڪميڻي ڪار لڳيس. هن اکين مٿان هٿ جي ڇٽي ناهي، سڄ ڏانهن ڏسي سوچيو:

”اهڙا سج ڪيئي لٿا اُڀريا، پر دوستن جون ميارون چڙهيون، سي ڪون لٿيون. ناٽو هٿ ايندو پر ٽاٽو هٿ ڪون ايندو“

هن جا پير بيساخته صابُوءَ جي گهر ڏانهن وڌڻ لڳا. وچئين پٽ چڙهي هن مختصر ساهي پٽي، ۽ وري اڳتي وڌڻ لڳو. صابوءَ جي گهر جي گهٽيءَ مان لنگهندي، صابُو کيس سامهون اڱڻ تي بيٺل نم جي هيٺيان رکيل کٽولي تي ويٺل نظر آيو. هن کي اهو ڄاڻي خوشي ٿي ته هاڻ صابُو گهٽ ۾ گهٽ رسن ۾ ٻڌل ڪون هو.

”صابُوڙا تو ته ماڳهين ڍيڄاڙيو هو“

جانوءَ جي جملي جو آواز ٻُڌي، صابُوءَ ٽڪل نيڻ کڻي جانو ڏانهن نهاريو.

پرسان بيٺل صدوري ٺڪي:

”ڪالهه کان يڪو سُتل هو، هينئر اٿيو آهي، ته ڪجهه بود ۾ آهي. “

جانو صابوءَ جي پرسان کٽ تي ويهي رهيو. پڇيائين:

”ڪيئن آهين، صابو؟“

”هاڻ ڪجهه ڪجهه نيڪ آهيان“

جانوءَ چيس:

”تيون ڏينهن، مون وٽان روانو ٿئين، تڏهن بہ نيڪ ڪون ٿي لڳين“

”هائو تڏهن برابر ديماغ تي بار هو“

”مون ڳالهايو پئي پر تنهنجو من ناچڃي ۾ ڪون ٿي لڳو“

”ڪاڪا تو ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي هئي، هاڻ ٻڌائي!“

”ڇڏ ٻيلي! ڇڱو ڀلو ٿي پوءِ ٻُڌائيندس. “

صدوري وچان ڳالهائي:

”اڳاڻُو آيس تہ چئي وجان تو ڳوٺ گهمڻ!ڪاڪاجانُو سنو ٿيو تون آئين، ڳالهيون ڪري وندرائينس!“

جانوءَ پُڇيس:

”يلا ٻُڌائي مون ڳالهہ ڪٿي ڇڏي هئي، جيڪڏهن صحيح ٻڌائي وئين تہ مڃينداسين، تون برابر نيڪ آهين، پوءِ توکي ڳالهہ اتائين ٻُڌائيندس، جتي ڇڏي هئم!“

صابو سوچ ۾ پئجي ويو. ڪالهہ ڪان ننڍ جي ڊگهي ٽُٻيءَ مان اٿڻ بعد سندس حواسن تان گهڻو ٽڻو بار گهٽجي چڪو هو. پر اڃان ڪنهن ڪنهن ويل جڏهن سندس سوچ، پنهنجو پاڻ، گهر وارن ۽ آٽڻ چاڙهڻ ڏانهن ورڻ لڳي ٿي تہ سندس ذهن ۾ زلزلي جا هلڪا لوڏا شروع ٿي ويا ٿي. جن ڪان بچڻ لاءِ ئي هن گهران نڪري ڪٿي وندر ورونهن ڪرڻ چاهي ٿي ۽ هاڻ جانو آيو هو تہ پنهنجن خيالن کي جانوءَ جي ڳالهين ۾ اٽڪائي رکڻ چاهيو ٿي!

ڪالهوڪي ذهني طوفان سندس ياداشت جي وڻ کي ايترو تہ ڏنڊُوڙيو هو جو تيون ڏينهن جانوءَ واري ٻُڌايل ڳالهہ بہ هن کي ياد ڪرڻ لئہ ذهن تي تمام گهڻو زور ڏيڻو پئجي رهيو هو.

صابو ڳالهاڻو ”چوڪين وارن اٺ جهيڪڻ جو اشارو ڪيو“

جانو مينهن ڪٽين ۾ مهڪي پوندڙ مريڙي جيان ٽڙي پيو پڇيائين:

”ڪير ٿو چئي تہ صابوءَ جي ڪل ٽڙي هئي!؟هن کي تہ تيون ڏينهن منهنجي ٻُڌايل ڳالهين جي اِچي-پِچي ياد آهي!“

جانوءَ ڪنگهي گلو صاف ڪيو ۽ اتان ئي ڳالهہ وري شروع ڪيائين، جتي ڇڏي هئائين.

”ٻيلي! رڻ جي ڊگهي سفر ۾، اٺ جي سواري ڪري، پاڳيري بہ ٿڪجي پيئي هئي. رڻ پار مس ڪيوسين تہ سامهون سرحدي چوڪين وارن اٺ جهيڪڻ جو اشارو ڪيو. مون اٺ جي رفتار ڍري ڪري ڪائنڻ ڪجهہ اڳتي گُذرندي، انداز ڪجهہ اهڙو ڪيو جو پانياٺون تہ اٺ جهيڪي ٿو سو ٻيڏيانا ۽ ڊِرا ٿي بيهہ رهيا. مون پٺڪي ۾ پاڳيريءَ کي پاڻ سنڀالڻ جي تاڪيد ڪري، جيئن ئي ڀاتي اٺ کي آڙي

هٽي مُهار ڪنئيم تہ پٽارو جهڙو آسمان مان تارو ڪڙيو. پوئين همراهن واهراڙو ٻہ ڪيو پر آئون ڪين ٽر جي پٽن مان گهُٽون ۾ گهوئيون ڏيئي، ناري جي پٽن تي وچي پهتس. هڪ دوست اسان ڪي سندس گهر پرسان رهڻ لاءِ ديوين جي گهاٽي جُهڳٽي ۾ ڪٽ رکي ڏني. پاڳيري ٽڪل هئي، سو لولو ڪائي لسي پيءُ جيئن ئي ليٽي تہ ٻئي ڏينهن اُٿي! باقي مون لاءِ اهو پنڌ جهڙو سانَ لاءِ ڀڳائي، سو اک پيڙي ڪري جو اُٿس تہ جهڙو گهوڙو ڪيڏانهن ويا ٽڪ، ڪيڏانهن ويا لڪ؟! ان زماني جا ڪاڏا نج ۾ صحتمند هوندا هئا. هڏ ٻہ محنت تي هريل هوندا هئا. منهنجا تہ اڳي ٻہ رڻ سان ڏورٽا ڏنل هئا، پر پلاپلي تہ پاڳيريءَ ڪري چڏي!

ڪي ٿورا ڏينهن ئي ٻي اونا مس گذريا تہ پاڳيريءَ هڪ ڏينهن منهنجا ڪن ڪنيا:

”تو واري ميزبان يار جي نيت ۾ خلل آهي، هل تہ هتان نڪري هلون“

پر مون ڪون مڃيو. چيم ”توکي اجايو وهم آهي، همراه اهڙو ڪونهين“

هوءَ ماٺ ٿي ويئي هئي.

هفتي بعد هڪ رات ستل هئس تہ اوچتو ڏُڪي لڳڻ جي آواز جاڳائي وڌم. اٿي جو ڏسان تہ مون وارو ميزبان سنگتي ڍيري ٿيو ڪريو پيو آهي ۽ سندس مٿي مان رت وهي رهيو آهي. سندس مٿان پاڳ پري بيٺل هئي ۽ سندس هٿ ۾ مون واري ڪهاڙي هئي. ڏند ڪرٽيندي چيائين:

”ڪهاڙي ڪٽي تو سُتل کي مارڻ آيو هو پر مون جهٽ پٽ اٿي کيس ڪهاڙي واهي ڪڍي. هٿن مان ڪهاڙي ڇڏائي ويئس، اهو ڳونچڙي ٿيو پيو آهي!“

ان اوچتي واقعي مونکي ماڳهين واڙو ڪري ڇڏيو. اٺ ميزباب همراه جي گهر ٻڌل هو. سندس لوڙهو ٽپي چورن جيان اهو کولي گهٽيءَ مان نڪتس تہ پويان مائيءَ هڪل ڪئي:

”چور. . . چور! “

مون تڪڙو تڪڙو پاڳيريءَ اڳيان وچي اٺ جهيڪيو. هوءَ صورتحال کي سمجهي ويئي. پاڪڙا ٻيا اتي رهيا، اپلاٽي تي ئي چڙهي ويني. مون لانگ وارِي، تيسين سجو ڳوٺ اٿي پيو. پر مُهار ڪٽندي ئي پٽاري ايئن ڇال ڏنو جهڙو سهي پڙڪو ڪاڏو. رات سُهائي هئي، جهڙو ڏونئرو ڏينهن !بس پوئتي مُڙي ڪون ڏٺوسين. سج اُيرڻ کان اڳ پٽن پيڙا اچي ٿياسين. بس پوءِ توڪل ٽُرهي اچي ڳوٺ پيڙا ٿياسين. پاڳيري واقعي پاڳن واري هئي. اٺ وڪٽي ڊڳي ورتي سين. ان مان 32 ڊڳين جو ولر ٿي ويو. آئون پٽارين جو ولر وارينده هئس تہ جهڙي ڪونجين جي قطار! پٽارين جو مونسان آسابند اهڙو جو جتي وانجهيل لٺ رکندو هئس، اتان وک ٻہ پاسي نہ ٿينديون هيون.

هڪ پيري ٻئراج ۾ هڪ ڏنگي مڙس جي زمين جي پيل ڪرائي وينس، تہ ڪمدار ۽ سندس چاڙتا گهوڙن تي چڙهي ڦيري آيا. مون پٽارين کي آڪراڙو جو ڪيو تہ مونکي چوڦير ورائي ويون. هڪ

گهوڙيسوار اڳتي اچي مونکي لٺ هڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مون رانپاٽ جو ڪيو تہ هاراهڙيون ڏڪيون، ايئن بتال ٿي پيون، جڻ تازيون وياميون هيون. آئون سندن ڦر هئس ۽ گهوڙن وارا همراه خونخوار جانور، جيڪي مونکي نقصان پهچائي رهيا هئا. پوءِ تہ پٽارين سنگ پرائي گهوڙن تي چڙهيل همراهن کي بہ ڪيرائي وڌو. ڪي ڦٽاٽا، ڪي گهوڙا ڪاهي ڀڳا. بس دز ٿي ويئي. مون ڀهنالون ڪري سندن اڳ ورتي جلدي واڙي تي پهچي گابا کوليا ۽ ولر جي اڳ جهلي لٺ ڪلهي تي رکي روانو ٿيئس، جيسين زميندار ۽ ڪمدار ٻي مله لاءِ تيار ٿين، تيسين سندن ٽَر ڇڏي وڃان!

جڏهن اسان وٽ ڏڳين جو ڌڻ هوندو هو، تڏهن گابن کي اڌ ڪير ڇڏيندا هئاسين. پوءِ بہ پاڳيري بہ ٿي ماڻيون ولوڙيندي هئي. سڄي ڳوٺ جون مايون اسان وٽان اچ ونڻ ايندڀون هيون. مجال آهي جو پاڳيري ڪنهن کي ڇڙٻ ڏي يا مُنهن ۾ گهُنڊ وجهي. عورتون اهي هيون. مونکي ڪڏهن بہ ڪيس سندس واعدا ياد ڏيارڻا ڪون پيا!

اسان کي بہ پٽ ڄايا پر ننڍي هوندي گذاري ويا. سپاڳي پيٽ گهروڙي ڏيءَ هئي، جڏهن سپاڳيءَ پڇي سلطان سان شادي ڪئي، تڏهن پاڳيريءَ مونکي چيو هو:

”پنهنجي ڪڙم قبيلي جي عزت ڪون سُڃاتئين. مٺي سمجهي وساري ڇڏ. باقي منهنجي ڏيءَ آهي، جيئري واپس ڪون ايندي، پڪ سان ڪنهن کي سيند تي هٿ رکي واعدو ڏيئي چُڪي آهي“

هوءَ جيسين جيئري هئي، سپاڳيءَ جي ڳالهہ ڪنين ٻُڌڻ پسند ڪون ڪيائين. ڏائفائن جا اُصول اهي آهن. “

جانو ڏکي ڳالهہ جي ڳنڍ کولي، ٽڏو شوڪارو پري، صابوءَ جي مُنهن ۾ چٽائي ڏٺو. ڪيس محسوس ٿيو تہ صابُو بظاهر تہ سندس ڳالهہ ٻُڌي رهيو هو پر هن جي خيالن ۾ ڪا هلر هلي رهي هئي.

ڳالهہ جي نشي مان نڪرڻ بعد هن کي واپس وڃڻ ۾ دير ٿي وڃڻ جو احساس ٿيو. اٿندي چيائين:

”صابو هاڻ هلان ٿو. رات پئجي ويئي آهي، هوندي حياتي تہ سپاٽي يا پَرئينءَ توکي ڏسڻ وري ايندس“

صابو خاموش ويٺو رهيو. صدوريءَ چيو:

”ڪاڪا جانُو رات تہ چانڊوڪي آهي پر پوءِ بہ بلائن جو خيال ڪجان“

”بس امان جيڪو نصيبن ۾ لکيو هوندو“

جانُو لٺ جي سهاري واپس پنهنجي گهر وڃڻ لڳو.

صابُوءَ هڪ نهار اڱڻ تي ويٺل بختاور جي نراڙ تي وڌي، جتي زخم جو نشان موجود هو. هن جي من ۾ پڇتاءُ جي چٽنگ ڏُکي، وري اجهامي ويئي. پر هن سگهو ڏيان هٽائڻ لئہ صدوريءَ تي نظر وڌي، جنهن جي

چئوڦير ٻارڙا وينا هئا. هُوءَ کين مانيون ورهائي ڏيئي رهي هئي. پر ٻارڙا وڏيڪ هُڙچُڙ ڪري رهيا هئا. هن کين ڇڙٻيندي چيو:

”جانُوءَ جي گهران اٿو پِني ڪٽي آئي آهيان. سيني لاءِ هڪ هڪ ماني آهي, وڌيڪ نہ! سُياٽي ڪيڏانهن ويندا ؟“

صدوريءَ جو پويون جملو“سُياٽي ڪيڏانهن ويندا؟!!” هٿوڙو بڻجي صابُوءَ جي سوچن سان ٽڪرايو. هن جي ذهن ۾ وري اُٿل پُٿل ٿيڻ لڳي. پر هن پيري صابُوءَ سمورن خيالن جي نڙيءَ تي نُنهن ڏيئي ڇڏيو. هن صرف ايترو سوچيو تہ جانور سوچي نہ سگهندا آهن, هُو بہ جانور هو, سمورين ذميوارين ۾ جهنجٽن کان آجو !

هن وڏو ٿهڪ ڏنو. سندس سمورا غم ڄڻ تہ ٿهڪ سان گڏ ئي مورن جيئن اُڏاڻا هئا. پر ساڳيو ٿهڪ سندس ٻارن لاءِ حيرت انگيز, جڏهن تہ صدوريءَ لاءِ اذيت جو سائرن ثابت ٿيو هو!

⊙

# باب ڇهون

سورٺ چونئري جي ڏگهي ٿيندڙ پاڇي ۾ ڪٽ رکي ليٽي پيئي هئي. هن نيري امبر هينيان پکين جا ولر اڏندي ڏٺا. ڪٿي به ڪو ڪکر جو ٽُڪرو ڪيس ترندي نظر ڪون آيو. هن سوچيو:

”هيل به ڪارو ڏڪار ڪڙڪيو ته ڪيڏانهن ويندا سين؟!“

گهڻو ٿو مال ته پوئين ڏڪارن ۾ ڪاڄي ڪپي ويو. نانا جانوءَ جي ڪڍيل آنڪاري ۾ ٻچيل چئن ڍُڪين ٻڪرين جي سهاري ڪيئن گذارو ٿيندو؟ ڪنڍين تي چڙهڻ نانا ۾ به ناهي، ڏانتيءَ سان ٿڻ سل ڪري پن لاهي پيو. پر ساه مان ٻُڏيو وڃي. ٻنيون ته به آهن، پر نه ونو ته جهڙي ڏُوڙ!

نانا به الاءِ ڪيترو وقت هوندو؟ منهنجو پٽڙو به اڃان روئي رب گهُري. منهنجو ڇا ٿيندو؟“

هن جي اکين مان آئيندي جي اُڳرن انديشن جا ڪنڊا، لڙڪن جو روپ ڌاري نڪري آيا. چنيءَ جي پلئه سان ٻُوڙها اُگهي، هن خاردار خيالن ڪانفرار ٿيڻ خاطر، من جي ڪرهي ڪي ويل وقت جي وٽن ۾ وڙڪائڻ چاهيو. هونئن به هن وٽ حال بيحال هوءِ آئيندو اذيتناڪ انديشن جو آئينو!

ماضيءَ ۾ به هن لاءِ ڪجهه خاص ڪون هو. بس ماڻس سياڳيءَ جي هنج جون ڪي ٻُهريل ڳالهيون هيون. پڻس سلطان جا اڇلايل ڪي شفقت جا ڏڙا هئا. جيڪي هن ننڍپڻ ۾ جهپيا هئا. ماڻس جي موت تي، هوءَ روئڻ باوجود روئي نه سگهي هئي !لڙڪ جڻ ڏڪار ۾ ڏُرت جي ماريل ترياٽيءَ جي ٿڃ هئا، سُڪي ويا هئا. هن درد جو درياءَ اندر ۾ اوتي ڇڏيو هو. جنهن جي سُرڪ سُرڪ رت جي گُرڙي هئي، اهو رت ڪڏهن ٽيپو ٽيپو ٿي، هن جي قلم مان نڪرڻ چاهيندو هو!

هن لاءِ اهي ڏينهن به ڏيڄاريندڙ خواب جيئن هئا، جڏهن پڻس سلطان سيٺ جو قرضي ٿي پيو هو. سيٺ ڪيس آخري مهلت ڏني هئي، ان بعد قرض نه پرڻ جي صورت ۾ سورٺ ڪي وڏيري لائق جي لُولي لنگڙي ڇوڪري سان لائنُون لهڻيون هيون. جتان سندس مليل مُله مان سيٺ جو قرض پرجڻو هو! انهن ڏينهن ۾ هن محسُوس ڪيو هو ته هوءَ ڍور هئي، جنهن کي اڳ پوءِ وڪامڻو هو. پر ڍور جي قيمت جي ڪٿ ۾ وڪڻ، نه وڪڻ جي مُکياري ته مالڪ وٽ محفوظ هوندي آهي، پر سورٺ جو معاملو مختلف هو. مقرر ڪيل تاريخ تي قرض نه چُڪائڻ جي صورت ۾، سمورا حق واسطا سيٺ وٽ محفوظ هئا. پنهنجو قرض وصول ڪرڻ لاءِ جيئن ۾ جتي وڪڻيس، هوءَ جڻ وڪري جو جانور هئي!

انهن ئي ڏينهن ۾، دلبر جي ريڊيو تي تازيواپسي ٿي هئي. هن به هڪ تحرير لکي اماڻي هئي، جنهنجي جملي جملي کي، دلبر ايئن جو ايئن، مڌر آواز جي مُرليءَ سان ڪلاداري واسينگ جيان جهيڻو جهيڻو جهُولايو هو!

گهڻو اڳ دلبر طرفان سندس تحريرون رد ٿيڻ بعد هُن به پاڻ کي رد ٿيل وجود ڀانيو هو. عام طور ناڪامي ۾ ذلت جو احساس جستجو جو جذبو ماري ڇڏيندو آهي، پر هن وٽ اهو احساس انا ۾ ضد جو مثبت ردعمل ٿي پيو هو. جنهن ڪيس قلمي طور ساڳي سلسلي جي معيار ۾ مزاج جي بلندين تي پهچايو هو ۽ هن کي پنهنجي ڪامراني ۾ سرفرازيءَ جي سُڳنڌ محسوس ٿي هئي. خوشيءِ ڪاميابيءَ جي ڪرن تي ليٽندئي، ڪيس اهو به وسري ويو هو ته سندس پيٽ ۾ بک جا ڪُوئا ڪُڏي رهيا هئا. ۽ سُرور جي سائي وڻ ۾، ور هٽي وينل اهو وسيهر به هن ڪان وسريل هو ته هن جي زندگي سيٺ جي قرض ۾ مقروض پيءُ جي پهچ سان مشروط هئي!

ٻئي هفتي هوءَ وري آسمان تي اُڏرڻ لڳي هئي، جڏهن دلبر پوئيين هفتي نشر ٿيل سندس تحرير جو جواب ڏنو هو:

”پٽن جي پر ۾ رهندڙ نازبوءِ جهڙا خوشبودار ۽ ماڪيءَ جهڙا مٺا ماڻهو_اداس نازبوءِ!
شال تنهنجين اداسين جا ڪارا ڪڪر، هنيليون هوائون ڏور اُڏاري وڃن!

ڊگهي عرصي ڪانپوءِ پهتل تنهنجو سيوٽ ڪنجري جهڙو خوبصورت خطڙو، اسان تائين پهتو. لفظن جا ٽانڪيل ٽوٽر، خيالن جي سندر سڳن ۾ انمول احساسن سان اُٽيل جذبن جون جرڪندڙ ٽڪون، ڏاڍيون سهڻيون لڳيون. اسان ايئن جو ايئن سونهن جي اها سداملوڪ سوکڙي، هوائن جي حوالي ڪري، سوچيندڙ سماعتن جي پار آڙيءَ جيان اُڏاري ڇڏي. اميد ته اسان جي ڪا ڪوتاهي، اوهان نازڪ ماڻهن کي گهڻي ناگوار نه گذري هوندي!

نازبوءِ! احساس ۽ تصور جي انوکي آميزش تي مشتمل، تنهنجو ڀڳڻي ڀاٽيبڙ جهڙو ڪينچلو خطڙو، جيئن ئي هٿن ۾ آيو منهنجي من_اڱڻ تي گهڻو اڳ وارو زمانو، ڪنهن ڀالاپولي ڀارڙي جيان ڪيڏڻ لڳو. ويل وقت جي ان چلهر راند ۾، خيالن جا ڍارا هٽندي، ساروڻين جون ڪيئي ساريون مرنديون ۽ رچنديون رهيون. گهڻو اڳ تنهنجون لکيل تحريرون، مون طرفان رد ڪرڻ واريون تنهنجون ميارون به سورهن آنا سچيون. پر جي ڦُڙي نه سهبي ته وسون ڪيئن چربيون! گرمين ڪان ڀڄبو ته انب ڪيئن پچندا!؟ ۽ جي جبل نه جهاڳبا، ته پنهونءَ جا پيرا ملي ڪون سگهندا. بس ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهه سهبو به آهي، ته وڃائبو به آهي. سوڀون سر گهُرنديون آهن. ڪاميابين لاءِ جستجو جي جوت جلائي رکڻي پوندي آهي. ناڪامين ۾ شڪستن ڪان گهبرائي، منزلن جا عشق اڌ ۾ ڇڏبا ناهن!

محترمہ اداس نازبوءِ! حوصلا شڪن حالتن جي هوندي بہ قلمڪاريءَ سان تنهنجي محبت، توکي اج سون سريکي ليک ڪ ناهي ڇڏيو آهي، ڇا اهو ڪافي ناهي!؟ڇا اهو بہ ڪافي ناهي تہ تنهنجو قلم باه مان گذري سچو سون بڻيو آهي؟! ڇا اهو بہ ڪافي ناهي تہ سرهن لفظن جي سوداگريءَ ۾ تو هزارين تمنائن جا هيرا موتي هارائڻ باوجود، ذات جي ڏيهہ ۾ تخليق جا تاج محل اڏيا آهن!؟ ڇا اهو ڪافي ناهي تہ نصيبن جي نگريءَ ۾، سالن پڇاڻا هي علمي ادبي رهاڻ وري شروع ٿي آهي ۽ تنهنجا خط بہ وري نئين سر انگوريا آهن. لفظ لفظ گلاب، جملو جملو سُرهاڻ! ڇا تہ معصوم نغمگي ۽ شيرين جذبن جي دلبري آهي. ڇا تہ خيالن جي خوشبوءِ آهي. بس رڳو زمانو بدليو آهي. جن آڱرين لکيا آهن، انهن جي ڪوملتا ۽ نفاست ۾ ذرو بہ فرق نہ آيو آهي. جن اکين انهن کي وري وري پڙهيو آهي، انهن جي لڙڪن جو رنگ بہ ساڳيو هوندو. ۽ جن چپن انهن خطن کي وري وري ڏنو آهي، انهن چپن تي وري وري ترڪي آيل ڪي اظهار، ڪي سنيها، بس قيمتي قلمي لباسن ۾ ملبُوس ٿي پيا آهن!

محترمہ اداس نازبوءِ! اسانجو هي حقير فقير علمي ادبي پروگرام، توکي پنهنجي وجود جي نئين سر دريافت جيان محسوس ٿيو اسان لاءِ تہ اهوئي اعزاز ڪافي آهي. تنهنجي نوڙت ۽ معصوميت تي مشتمل لفظن، اسانجو اندر بہ ايئن ئي اڏ ڪيو آهي، جيئن هن پروگرام جي ڪوٺ، تنهنجو اندر اڏ ڪندي هئي. تون رشتن ۾ اشتراڪيت کي پسند ناهين ڪندي-توکي اهي شيون بہ ناهن وڻنديون، جيڪي رڳو نالي جون تنهنجون هجن. تنهنجي اها مالڪانہ پسند سوچ توکي مبارڪ هجي. پر ڪڏهن انهن شين تي بہ سوچجان، جن جا مالڪاڻا حق ڪٽي ڪنهن وٽ بہ هجن، پر هونديون ڪنهن ٻئي جون آهن. چيٽ جي چٽي چانداڻ ۾ چنڊ سان ڪينچل ڪري ويندڙ بادل بہ تہ ڪنهنجو نہ ڪنهنجو تہ هوندو آهي!

محترمہ اداس نازبوءِ! وقت سان گڏ تنهنجي تخليقي هنر بہ واه جي ترقي ڪئي آهي، پر رومال ۾ ويڙهيل ميارن سچ تہ جهوري وڌو. تون پذيرائيءَ جي پنج ڪٽيءَ لاءِ جهول ڇو ٿي جهلين؟ تنهنجا انمول لفظ ۽ خوبصورت خيال ئي تنهنجي اهليت جو سرٽيفڪيٽ آهن.

محترمہ! جيئن تنهنجي دل سليٽ تي گهٽو اڳ نشر ٿيل اسانجا پروگرام اڄ بہ پيپچي اکرن ۾ لکيل آهن. ايئن ٻلا اسين اوهان ٻارن پيارن ٻُڌندڙن کي ڪيئن ٿا وساري سگهون؟! ڪيئن ٿا وساري سگهون انهن چاهتن کي جيڪي، اسانجي رولاڪ آواز سان پيچ پائي، سماعتن جي صحرا ۾ اُجارين هرڻين جيان پٽڪيون آهن. ايڪويهين صديءَ جي آڱنڌ تي پهتل هن دنيا ۾، ڪانگن جي ڪان ڪان ۽ هڏڪين جي هلچل تي پلي ڪير اعتبار ڪري، نہ ڪري، پر دل تي لکيل دستاويز ڪوڙا ناهن هوندا. روح جا ريلا ۽ دل جون چُغليون تہ سچيون هونديون آهن. پلي تہ ڪي زمانا گذري وڃن، ڪي نالا وسري

وجن، ۽ ڪي ساٿ وڇڙي وڃن. پر ڪن بينام رشتن ۾ وڏجي پيل واسطن کي وسارڻ لاءِ تہ زمانا گهربل هوندا آهن!“

دلبر، آواز جي مخصُوص اُتار-چڙهاءُ، مُترنم تلفظ ۽ انداز بيان جي بازگشت کي، اداس ڪري وجهندڙ بانسريءَ جي سُريلي سگنيچر ٽيون سان، ايئن هم آهنگ ڪري لفظ لفظ اُچاريو جو سچي تحرير دل ۾ سينگاري رکڻ جهڙن موتين جي مالها ٿي پيئي. ايتري وڻندڙ نغمگي جو ماڻهُو گُم سُم ٿي وجود جي وراڪن ۾ ئي وڃائجيو وڃي. ايترو منو منو درد، جيڪو ڳوڙهو اکين کان ٻاهر آڻڻ بنا بہ رُئاڙيو وجهي! جذبن کي جنجهوڙيندڙ صداڪاريءَ جي اها سُرهاڻ، جيڪا محسُوسات جي نڪ تي نقاب ويڙهي بہ سُنگهي سگهجي! بس خيالن جي اهڙي انوکي ڪينچل، جيڪا دل ۾ ڪتڪائي ڪري درد جاڳائڻ باوجود وڻندڙ وڻندڙ لڳي !

دلبر سان سورٺ کي هميشہ انوکي اُنسيت رهي هئي. جسماني دُوريءَ باوجود، دلبر سندس سوچن تي سدائين ڇانئيل رهيو هو. پوريل اکين ۾ بہ پرڇٽ جي پرينءَ جو پرتوو پوندو هئس، تہ ننڊ جي نڪيتي ٿي پوندي هئي ۽ جاڳ ويراڳ جي واٽن تي، هوءَ دلبر جي خيالي تصور جي ترائيءَ مان، جيئن جيئن پاڻي پيئندي هئي، تيئن تيئن تن جي تؤنس وڌندي هُيس! پر پوئيين هفتي سندس تحرير ڪانپوءِ ساڻس مخاطب ٿي ڏنل جواب نشر ٿيڻ بعد سندس ڪيفيت جي ڪميت گهوڙي انهن رستن تي گهُنڊ هڻي گُهمڻ لڳي هئي، جن رستن جي ڌُوڙ اڳ ڪنهن بہ ڪون اُڏائي هئي!

ڪجھ ڏينهن اڳ سندس پاءُ پنهنجو ڪتارو فون کيس ڏنو هو. جنهن جا بٽڻ گسي ڦِٽي ويا هئا. نمبر بہ اندازي تي لڳائبو هو. کيس دلبر سان ڳالهائڻ جي خواهش خوشبودار ٻڻائي وڌو هو. هن گُنل ڦٽل موبائيل ڏانهن حسرت سان ڏٺو هئائين. دلبر واتان پروگرامن ۾ اڪثر ٻُڌايل ڊيوٽي روم جو نمبر کيس برزبان ياد هو پر جڏهن پيٽ ۾ ڪجھ نہ هجي تہ پوءِ سم ۾ بيلنس ڪٿان ايندو؟! هن ٻن پُراڻين سمن کي چيڪ ڪيو. هڪ بند ٿي چڪي هئي، جڏهن تہ ٻيءَ ۾ هڪ رپيو موجود هو. هن لون ڪٽڻ لاءِ رڪيوسٽ موڪليو. ٻي لمحي ٻن هٿن جي آڱرين جيترو بيلنس پهچي آيو. هن جهٽ پٽ ڊيوٽي روم جو نمبر ملايو ان اميد سان تہ من دلبر سان ڳالھ ٻولھ ٿئي. پر ٽيليفون تي موجود ڊيوٽي آفيسر، عورت سان مخاطب ٿيڻ ڪري مورڳو نمونيبازيون ڪرڻ لڳو. سورٺ التجا ڪيس:

”ادا منهنجي دلبر صاحب سان ڳالھ ڪرايو“

”منهنجي ڪابہ پيڙ ناهي، آئون تنهنجو ادا ڪيئن ٿيئس؟“

”ادا چرچا نہ ڪر، مون وٽ بيلنس ناهي!“

”بيلنس مون وٽ آهي، توهان پنهنجو نمبر لکايو آئون پاڻهي توسان ڳالهائيندس. “

”پر مونکي تہ دلبر صاحب سان ڳالهائڻو آهي“

”ايترا سنگدل نہ ٿيو پيارا، آئون بہ انسان آهيان“

”ڏُوڙ جو انسان، تون تہ گڏھ آهين!“

هن ڏند ڪرٽي، ڪاوڙمان فون بند ڪري چڙيو ۽ سوچيو:

”هي پڙهيل لکيل هوندي بہ جاهل ماڻهُو هنن کي انسانيت ۽ اخلاق ڪير سيکاريندو؟!“

هوءَ سوچ ۾ پئجي ويئي:

”دلبر بہ ايئن ئي هوندو تہ ڪهڙي خبر!؟ منيءَ واري ڊاڪٽر جهڙو؟! ريڊيو واري ڊيوٽي آفيسر جهڙو!؟نہ نہ. . !...؟ عورت کي مرد جو پاڻي گَهٽُو هجي تہ اڪيلائيءَ ۾ ساڻس هُجتي گفتگو ڪري ڏسي! “

هن جي چپن تي مرڪ تري آئي. وري پاڻ کي جڻ دلاسو ڏنائين:

”نہ نہ...دلبر ايئن ڪون هوندو. جنهن دل مان اهڙا سهڻا لفظ نڪرن ٿا، اها ايتري ڪاري ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟! جيڪي چپ روز سندر لفظن سان رانديون ڪن ٿا، تن مان اهڙا جملا ڪيئن نڪرندا؟! ۽ جن سوچن جي سُرهاڻ، سماعتن جون سڄيون ساريون واٽون واسي ڇڏيندي آهي، تن سوچن جي سلن ۾ ڪميڻن ڪاريهرن لاءِ گنجائش گهٽ هجڻ گهرجي!“

هن جڻ پاڻ کي آٿت ڏني

ٻي هفتي هن دلبر جو پروگرام شروع ٿيڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ، ڊيوٽي روم جو نمبر ملايو. انهي دعا سانت” شال ساڳيو منحوس ڊيوٽي آفيسر فون نہ کڻي!“

ٽيليفون جي رنگ وڃي وڃي بند ٿي ويئي. هن وري نمبر ملايو. هن ڀيري ٽي رنگ تي سامهون پوئين هفتي واري ساڳي همراه فون کنيو ”هيلو“

سورٺ جي دل جي ڪنارن سان، مايوسيءَ جي ڇولي ٽڪرائي موٽي ويئي. پر ٻي لمحي هن کي ڊيوٽي آفيسر جي ”هيلو“ جي پس منظر ۾ دلبر جو ڄاتل سُڃاتل آواز آواز ٻُڌڻ ۾ آيو.

هن ڊيوٽي آفيسر کي چيو ”دلبر سان ڳالهہ ڪرايو“

”اڌ ڪلاڪ بعد ڪال ڪجو“

هن ڀيري سورٺ جي صبر جو گهڙو ٽُٽي پيو“ڪميڻا دلبر تنهنجي پر ۾ موجود آهي، سندس موبائيل بند آهي، تڏهن هي نمبر ملايو اٿم. پڙوت ڇڏ. آئون دلبر جي ماڻتياڻي آهيان. فون دلبر کي ڏي!“

”ج ...جي...ها اجهو دلبر سان ڳالهايو“

دلبر جو آواز آيو” :هيلو“

”دلبر اداس نازبُوءِ ڳالهايان پيئي. مون وٽ بيلنس ناهي. جلد نمبر نوٽ ڪريو متان ڪال ڪٽجي وڃي!“

”جي محترمہ نوٽ ڪرايو“

”0345......“

ڪال ڪٽائي تہ سورٺ هٿ مليندي رهجي ويئي.

”دلبر نمبر نوٽ ڪري ورتو الاءِ نہ!؟“

هوءَ غيريقنيءَ جي ڏينهُوئن ۾ ڏنگجڻ لڳي.

”مون تہ آخري انگ بہ ڪون ٻڌايو هو. هاڻ تہ مون وٽ بيلنس بہ ناهي، جو وري ڪال ڪريان. نہ ئي ويجهڙ ۾ بيلنس وجهائڻ جو آسرو!؟“

اذيتناڪ ماٺ جو مختصر وقفو

هوءَ نااميديءَ جي اوڙاه ۾ اٽڪي پيئي ! عين ان وقت هن جي ڪناره موبائيل جي گهنٽي وڄڻ لڳي. گڏوگڏ سندس دل جي ڌڙڪن بہ تيز ٿي پيئي. هن تڙتڪڙ ۾ ڪال رسيو وارو بٽڻ دٻائي ڇڏيو.

”هيلو ڪير؟“

”دلبر اداس نازبُوءِ پيئي ڳالهايان“

”ڇڱو ٿيو توهان ئي آهيو. توهانجي ڪال ڪٽائي تہ آخري انگ نوٽ ٿيڻ کان رهجي ويو. آخري انگ ڏُکي تي ملايم. پهرين “هڪ”. اهو نمبر بند آيو وري “ٻہ” اهو ڪنهن مرد کنيو وري “ٽي”. اهو رينج کان ٻاهر هوءِ هاڻ “چار” پاڳن وارو نڪتو جو توسان ملائي ڇڏيائين. “

”دلبر! آئون توهانجي مداح آهيان. مونکي تنهنجو پروگرام، تنهنجي ڪمپيئرنگ جو انداز ۽ تنهنجون لڪٽيون ڏاڍيون وڻنديون آهن! مون تنهنجي واتان نڪرندڙ لفظنڪي ڳيرن جيان اڪثر دل ۾ آکيرا اڏيندي ڏٺو آهي!“

”ان ۾ منهنجن لفظن جو ڪمال گهٽ پر توهانجي ذوق ۽ شوق جو معجزو وڌيڪ آهي، جو سنڌ محسُوسات جو پارس پٿر، منهنجن لفظن کي سچو سون بنايو ڇڏي، جيڪي سنڌ دل جي اُجري آئيني ۾ سهڻا ۽ من موهڻا ٿي پون ٿا!“

“دلبر آئون توهانجي ٿورائتي آهيان جو توهان هاڻ منهنجون تحريرون شامل ڪريو ٿا“

“ڪو ٿورو ناهي، توهان محنت ۽ مطالعي سان پنهنجي ذات ۽ ذانءُ ۾ زبردست نکار آندو آهي جو آئون پاڻ بہ حيران آهيان. “

”مهرباني دلبر“

”مهرباني ته توهان جي جو منهنجي حوالي سان رسالي ۾ خط لکي، وري واپسيءَ جو مطالبو ڪيئي، اداس نازبوءَ! سچ پڇين ته تنهنجي ڪري ئي ته مختصر وڇوٽي بعد ريڊيو تي وري موٽي آيو آهيان!“

هُوءَ بيساخته چئي ويٺي هئي ”دلبر منهنجو نالو سورٺ آهي!“

”چڱو ڀلا هاڻ توکي سورٺ سڏبو“

”مهرباني دلبر“

”پروگرام جو وقت ڪنڌ تي چڙهي آيو هتان موڪلايون ٿا، باقي ڳالهيون اُتي ڪنداسين. او ڪي بائي“

دلبر سان غيرمتوقع طور ٿيل ملاقات جي لاريءَ مان لهڻ بعد هن جي ڪيفيت ان ڪولهي ٻارڙي جهڙي ٿي پيئي هئي، جنهن کي ڪارونجهر جي پٿرن ۾ وسريل اميراڻو ٿيلهو هٿ اچي ويندو آهي!

انهن ئي ڏينهن ۾ ٽيليفون تي، دلبر سان هن جون ڊگهيون رهاڻيون رچڻ لڳيون هيون. هوءَ چڻ لوهي وجود هئي، جنهن کي دلبر جون چقمقي ڳالهيون پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيون هيون. هن ڪڏهن به دلبر کي پنهنجي غربت متعلق ڪون ٻڌايو ڇوته هوءَ انهن عورتن مان ڪون هئي، جيڪي انئي پهر پنهنجو پٽڙُو پٽينديون آهن ۽ پرائي پٽر تي به پنهنجا سُور آلاپي وجهنديون آهن. هن ته بس دلبر جي ڳڻاٽيل ڳالهين ۾ پاڻ کي خوشبُوءَ جيان تحليل ٿيندي محسُوس ڪيو هو. هُوءَ ته چڻ دلبر جي لفظن ۾ پاڻ کي اتي ڪٿي وساري آئي هئي، جتي عقل جا پکي به پهچي نٿي سگهيا! جتي ڪيس ڪنهن ڏند ڪٿائي پريءَ جا پک به ميڙي نه پئي سگهيا!

اُها به هڪ رات هئي. چانڊوڪيءَ جو پيلو وڳو پاتل حسين بخملي رات!

هُوءَ دلبر سان ملڻ لاءِ ڳوٺ جي پرسان وڏي پٽ تي وڃي رهي هئي، جتي دلبر اچڻ جو انجام ڪيو هو. هوءَ بس ڳالهين ڳالهين ۾ ”ها“ ڪري ويٺي هئي. شايد پورائيءَ جي پِٽ تان تِرڪي پيئي هئي. هڪ ڏارئين مرد سان اڪيلي ويرانيءَ ۾ ملڻ باوجود ست سيل سلامت رکڻ جي اجائي خوش فهمي رکي رهي هئي. دلبر چيو هئس:

”بس رڳو هڪ ڀيري کي پرپور نگاهن سان ڏسنداسين. واعدو ٿو ڪريان ته تو طرفان مقرر ڪيل حدون ڪون اورانگيندس!“

هوءَ بس هڪ مرد جي ان ڏُوتاليئي درياءُ جهڙي واعدي تي، ترڻ وڃي رهي هئي، پر ان خودفريب ڪچي گهڙي جهڙي آس آڌار ته جوڀن جي پروَس پاڻيءَ ۾ پلئوپُسائڻ بنا ئي موٽي ايندي!

هن پٽ جي چوٽي چڙهي آسپاس نهاريو ڪوبه موجود نه هو. دير تائين انتظار جي ٿوهر کي پاڪر ۾ پري ويهڻ باوجود جڏهن دلبر ڪون پهتو هو ته محروميءَ جي واريءَ جون مُٺيون ڀري هوءَ واپس وڃڻ لڳي

هئي. پر جلدي پرسان گذرندڙ روڊ تي اوبلي موٽر سائيڪل جون بتيون ڏسي، هوءَ بيهي رهي هئي. موٽر سائيڪل روڊ تان لٿو ۽ هڪ ڪڙ پرسان ان جون بتيون وساٽيون هيون ۽ انجڻ جو آواز بند ٿي ويو. ڪجهه دير بعد هڪ قداور شخص جو ڏنڊلو وجود، سورٺ کي پاڻ ڏانهن ايندي محسوس ٿيو هو. هوءَ روح جي لامن تائين لُڏڻ لڳي هئي. هڪ اوپري شخص سان ويرانين ۾ ملڻ آئي هئي. هن جي اناڙي جوڀن ۽ اڻجهل پيار ڪيس ڪنهن ڄار ۾ ته نه ڦاسايو هو؟! اهوئي سوچي، هُوءَ وجود جي سمورن ورن وڪڙن سميت ڪنبي ويئي هئي!

اوپري شخص سندس پرسان اچي چيو:

”سورٺ موٽرڀي جو ٽائر پنڪچر نه ٿئي ها ته توکي انتظار جي اڪ جو ڪارو ڪير ايترو پيئڻو نه پوي ها!“

هوءَ ٻوهه جي ٻوڙي ۾ هراسجي لڪيل تتريءَ جيان دلبر کي ڏانهن ڏسڻ لڳي هئي. ڪيس دلبر سندس ڪمپيئرنگ جيان وڻندڙ لڳو هو پر سورٺ جي خيالي خاڪي کان ٿورڙو ٿورڙو مختلف هو. دلبر ڪيس ڳراٽي پائي، ٿڌي واريءَ تي ويهاريو هو ته هوءَ ڄڻ لٽڪيل لام تي پڇي پيل ڳاڙهي پيرُون جيان ڇٽي پيئي هئي. دلبر جي بدن جي هڳاءُ ۾ ڪيس پنهنجو وجود وسرندي محسوس ٿيو هو. دلبر چيس:

”سورٺ تون تنهنجن لفظن کان به وڌيڪ سهڻي آهين“

ته ڄڻ هوءَ دلبر جي واتان نڪتل ان هڪڙي لفظ تان سئو جنم قربان ڪرڻ لئه تيار ٿي پيئي هئي! هن جي دل چاهيو هو ته هُوءَ دلبر کي ڀاڪر جي ڀاڪُوءَ ۾ ڀڪي، لوڪ کان لڪائي ڇڏي، پر هوءَ چاهڻ باوجود ڪجهه به ڪري ڪون سگهي هئي. دلبر چيو هئس:

”سورٺ! سندم ڇپن جا ڇاڳلا پوپٽ، تنهنجين گلابي ڳلن جو واس وٺڻ لئه آتا آهن، پر تو ته مون کي ان واعدي جي ڏور ۾ ٻڌي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ تو مونکي حدون اورانگهڻ جي منع ڪئي هئي! تنهنجن ذوالفن کي هوائن سان همقدم ٿي رقص ڪندي ڏسان پيو پر ڇا ڪريان؟! آڱرين کي اها اجازت ناهي ته انهن سان گڏ رانديون رئن!“

لمحن لئه سورٺ کي محسوس ٿيو هو ته هن دلبر کان اهو واعدو وٺي ٻن جوانين سان وڏو ظلم ڪيو هو! هن جي دل ۾ ان چور احساس پڻ جهاتي پاتي هئي:

”دلبر پنهنجو واعدو ٽوڙي ته مونکي ڪو اعتراض ڪونهين! “

پر دلبر پنهنجو واعدو ڪون ٽوڙيو هو. واريءَ جي وچاٽي تي، دلبر جي ڳڳاٽيل ڳالهين ۾ ڪيس ننڊ اچڻ لڳي هئي، پر اوپر جي آسمان تي پري کان پرگهٽ ٽيندڙ پره جي پس منظر ۾، لوڏي تارو اُڀري آيو هوءِ ڏُور اولهه ۾ ڪتين ڪر موڙيا هئا! ته هوءَ به واپس وري هئي. دلبر به موبائل جي بتي ٻاري ڪجهه قدم

ساڻس گڏ هليو هو. پر اوچتو اڳيان نانگ ڦڻ ڪڍي ڦوڪ ڏني هئي. دلبر جهٽ پٽ پهرين هڪ پير مان ۽ پوءِ ٻي پير مان سينڊل لاهي واسينگ کي وڄايا هئا!ٻئي ڏڪ نانگ کي ڦُڻ ۾ لڳا ، جنهنڪريجلدي موت جي مُنهن ۾ هليو ويو هو. دلبر سورٺ کي سندس گهر ويجهو ڇڏي واپس وريو هو. پر نانگ مارڻ متعلق هن ڪجهه بہ ڪون ٻڌايو! بس هن سورٺ کان موڪلائڻ محل رڳو اهو چيو هو تہ” سورٺ! نانگن جا مٿا ڪيسين لتاڙيندا سين! هاڻ تہ گڏجي جيون گهارڻ متعلق سگهوئي سوچڻو پوندو.

⊙

# باب ستون

وڻ ڦُٽڻ واري ڪينچلي موسم جي شرارتي شام ڌاڌي، هن جي اندر ۾ ڪا اداس سانجه اٽڪي پيئي هئي. مٺيءَ شهر جي پُرهجوم رستن تي، هن جي هينئڙي جي هيڪلائيءَ هن کان پُڇيو:

”اڄ ايترن سالن ڪانپوءِ هتي آيو آهين، ملوڪ ڪانسواءِ ٻيو اٿئي ڪو دل گهُريو دوست، جنهن سان اندر جا احوال اوري هانوُ هلڪو ڪري سگهين؟ ڪٿي آهن تنهنجا اهي دوست، جيڪي ڪنهن وقت توکي پنهنجي شهرت ۽ مفاد لاءِ استعمال ڪندا هئا ۽ هاڻ اقتدار ۽ دولت جي هندنيا ۾، پنهنجو پاڻ جا ڄاڻو سُڃاڻو به نه رهيا آهن!

ريڊيو ڪمپيئرنگ واري عرصي ۾، تنهنجي واتان دوستي، خلوص ۽ قربانين متعلق آواز جا سنيها، ڇا رڳو ڪتابي ڳالهيون هيون؟ يا وري شاعراڻن خيالن جي خود فريبي؟! تنهنجي ڪمپيئرنگ ۽ ادبي لکڻين تنهنجا هزارين مداح ته پيدا ڪيا، پر زندگيءَ جي خاردار رستن تي، اها تلخ سچائي به سامهون آئي ته رشتن ۽ واسطن جا رنگين لغڙ ڪيترا به پيارا ڇونه لڳن، پر انهن جي ڏور جو ٻيو ڇيڙو مفادي آڱرين ۾ اٽڪيل هوندو آهي! تنهنجو اڄ ريڊيو تي انٽريو آهي، ٻڌندڙن جا تفريح خاطر پڇيل پاروٿا سوال ۽ جوابن ۾ تنهنجون ساڳي رنگين بلوري ڳالهيون، دل جا درد لڪائي ٻين جي سستي وندر خاطر ادب ۽ صداڪاريءَ جو تماشو-بس نه!؟

ڪي ورهه اڳ هفتي ۾ به ادبي ۽ رومانٽڪ مزاج وارا پروگرام ڪرڻ لاءِ تون جڏهن به ايندو هئين، رڳو هن شهر ۾ رهندڙ تنهنجا ڪيئي چاڳلا لسنر، مهمانيءَ جون دعوتون ڪري توکي ڇڪيندا هئا، جيئن تنهنجي پاپيولر پروگرام مان قلمي ۽ شخصي شهرت حاصل ڪري سگهن. پر تنهنجي مغز ۾ ساڳي سچائي ۽ ميرٽ واري جهڻ جميل هئي. جن وٽ ڏيڻ لاءِ گهٽو ڪجهه هو، سي تو واري ميرٽ تي پورو لهي نه سگهيا ۽ جن وٽ لکڻ جو ڪجهه نه ڪجهه ڍنگ هو، تن ڪي تو پالش ڪري ايترو ”اهم“ ناهي ڇڏيو جو خوش فهمين، هنن جو پير پٽ تي لڳڻ ئي ڪون ڏنو. ريڊئي توکي ڇا ڏنو؟ وقتي واه واه-بس نه!؟ پروگرام لاءِ پنج سيڪڙو محنت به نه ڪندڙ پروڊيوسر، اسي هزار ماهوار پگهار کڻندو هو، جڏهن ته توکي ته ياڙي وارا پئسه به نه ملندا هئا. جڏهن ته تون هڪ پروگرام جي اسڪرپٽ لاءِ، قلم کي ايترو ٿيهلائيندو هئين، جيترو موچي هفتي ۾ آر کي به ناهي هلائيندو! ڇا مليو؟ عارضي خوشي، وقتي واه واه-پر اها ته سرڪس جي مداريءَ کي به ملي ويندي آهي، ويتر انعام ۽ تحفن سميت!“

دلبر جي دل تي، دماغ جون ٽوڪيليون ۽ نوڪيليون نصيحتون بمباري ڪنديون رهيون. آسپاس لنگهندڙ سوارين جا هارن، هن کي لاڙي ميڇرن جي ڀُونءُ ڀُونءُ جيان لڳي رهيا هئا. اٽوٽندڙ روڊ جي گهماگيهمي مان جان ڇڏائڻ لاءِ هن موڙ ڪٽيو. ڀرسان هڪ ڇپرا هوٽل اڳيان، ڪجيءَ جي واڻيل کٽن وٽ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. بيري سندس اڳيان جڳ گلاس آڻي رکيا. يڪ ساهي پاڻيءَ جا ٻه گلاس پي ويو. چانه جو آرڊر ڏيئي، هو وري ڏُڀيءَ ۾ پئجي ويو. هن جو دماغ وري واڍي جيان سندس سوچن تي هٿوڙو هلائڻ لڳو:

”ڪي سال اڳ، جڏهن هوءَ توکان ناراض ٿي هئي، بس ڳالهه ئي ڪيتري هئي؟! تون هرويرو ان ڪلٽي ميزبان زُليءَ کي پروگرام ۾ وٺي آيو هئين. توکي ڪهڙي لاچاري لڳي هئي، اهو ايڊونچر ڪرڻ جي؟! زُليءَ جو هر ٺهڪ، سورٺ جي لاءِ ائٽم بم بڻجي پيو هو. ٽر جي ڀراڙيءَ ۾ رهندڙ ۽ اتون پاس سورٺ کي ڪهڙي خبر ته، لائيو پروگرام ۾، بي تڪلف شعرن، ۽ هُجتي لهجي ۾، زُليءَ جو توسان ايئن فري ٿي ڳالهائڻ، بس شهري ڪلچر جو عام رِينگٽ هو جنهن ۾ ڪجهه به دل جي ترجماني ڪندڙ نه هو، جيئن مارڪيٽ ۾ موجود پاروٽن ايس ايم ايس جا لفظ، لکيل هڪڙن لاءِ ۽ موڪليل ٻين کي هوندا آهن!

سورٺ ته توکي ٻن انتهائن وچان چاهيو هو. هڪ طرف تنهنجي پروگرام جو افسانوي انداز ۽ ٻيو توتي پنهنجي مالڪيءَ وارو عاشقانه تصور-پر تو پروگرام ۾ ڪلٽي ميزبان کي ويهاري، هن جي حساس دل ۾ شڪ جو خنجر کُپائي ڇڏيو هو جنهن آهستي آهستي سورٺ جي وجود ۾ واردات بڻجي پيل، تنهنجي محبت جي ڦوڳ کي ڪپڻ شروع ڪري ڇڏيو. پر تون به ته خوش فهمين جي ماڙين مٿي چڙهيو وينو هئين! سمجهيو هيئي، هڪ به دردبلا پروگرام ٻُڌي، هوءَ وري پرچي پوندي، ان ڪري سورٺ جو شڪ مٽائڻ ضروري نه سمجهيو هيئي. ۽ ايئن هڪ سچي محبت کان محروم رهجي وئين! اڄ ڪٿي آهي اها زلي، جنهن سان ڪلي خوار ٿيو هئين؟ مٺي ريڊيو ڇڏي پرائيويٽ ايف ايم تي وڃڻ پڄاڻا، هن ڪڏهن ڀُلجي ڀياد نه ڪيو اٿنئي!“

بيري پريان رڙ ڪئي:

”سر چانه ٿڌي ٿي وئي!“

دلبر ڇرڪي نهاريو. چانه واقعي ٿڌي ٿي چُڪي هئي ۽ ان ۾ مک به ڪريل هئي. آسپاس موجود گراهڪن ۽ هوٽل عملي جون نظرون، کيس شرمسار ڪرڻ لڳيون. چانه جو ڪپ اتي ئي رکي، بل ادا ڪري ناڪي واري روڊ تي هلڻ لڳو. ريڊيو ۽ آسپاس ڏانهن ويندڙ رڪشه وارا هوڪا ڏيئي، مسافرن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي رهيا هئا، پر هن ريڊيو اسٽيشن تائين پيادل وڃڻ جو فيصلو ڪيو. بلڪل ايئن

جيئن گهڻو اڳ اداس ڪيفيتن ۾، هو ڪشمير چوڪ کان ريڊيو اسٽيشن تائين، پيادل هلندو هو ۽ سورٺ جو تصور بہ اڪثر هن سان گڏ. هن جي دل جي ڇيڇ جهلي، ڳراٽيون پائيندو گڏيو هلندو هو.

اڄ بہ هو ايئن ئي هلي رهيو هو، پر هن سان گڏ سورٺ جون ساروڻيون، ڪونجين جي قطار جيان ڪون هيون. بس ڪنهن ڪنهن ويل، وڳر کان وڇڙيل ٻگه پکيءَ جهڙي ڪا ريشمي ياد. هن جي من_آڪاش مٿان مختصر اڏام ڪري ڪري موٽي رهي هئي. هنن ئي رستن تان گذرندي، ٻڌندڙن طرفان پروگرام ۾ سندن نالو شامل ڪرائڻ لاءِ ، سندس پرسنل نمبر تي ڪيل لاتعداد ڪالز دوران، هنڪيئي رنگين ڦوڪڻن جهڙيون ڪالون سورٺ جون بہ جهڙيون هُيون. سورٺ جي ڍاٽڪي ڳاڙهو لهجي مان ڇڻندڙ اُڏندڙ چمين جون اٺڳڻيون پنيوريون، هن دل جي شيشيءَ ۾ بہ بند ڪري رکيون هيون. پر اڄ انهن جي ڇهاڻ ۾، اها نفيس آلاڻ ۽ رنگين ڪوملتا ڪون هئي، جنهن ڏگهي عرصي تائين سندس جيءَ کي جڪڙي رکيو هو. هن وات جي پچري مان لفظن جا ڪيئي رنگبرنگي پکي، فون سگنلز ۽ ريڊيو فريڪئينسي جي سهاري، سورٺ جي پار ڏانهن اماڻيا هئا، پر اڄ انهن جا پر ڪٽيل لڳي رهيا هئا. وقت جو طوفان، سورٺ جي دل ۾ اڏيل محبتن جا سمورا آکيرا اُجاڙي ويو هو شايد! تڏهن ئي تہ هُن ايترن ڏينهن کان رابطن جي گهوڙن تان سنج لاهي رکيا هئا. ڪير ڪٿي هو؟ ڪا خبر نہ هئي. بس دلبر ٻڌو هو تہ هُن شادي ڪري ڇڏي هئي. دلبر بہ ريڊيو ڇڏيو هو، اصل ۾ هن کان گهڻو ڪجهہ ڇڏائي ويو هو. زندگيءَ مان عشق هليو ويندو آهي، تہ گهڻو ڪجهہ هليو ويندو آهي. هوءَ بہ هلي ويئي هئي، هن جي زندگيءَ مان. هو بہ سورٺ جي زندگي مان هليو ويو هو پر سورٺ جون ساروڻيون، هن جي دل جي دري ٽپي، ٻاهر نڪري نہ سگهيون هيون، بس ڪنهن ڪُنڊ ۾ ڪاريهر جي زهر جيان ڇُپي ويون هيون! جن کي ڪڏهن ڪڏهن جمالياتي لمحن جو جوڳي جهاڙي، جاڳائي وجهندو هو!

راضي خوشي هن، ٻہر جهڙن وڇوڙن کي ياڪر ۾ ٽوري پريو هو. بس مجبورن کيس سيڪجهہ سويڪار ڪرڻو پيو هو. ايئن جيئن سماجي مجبورين ۾ لائون لهندڙ سنڌي عورت کي، ڪُڏي ڪانڌ سين بہ راتيون گذارڻيون پونديون آهن، جن کان هوءَ چاهيندي بہ نٽائي نہ سگهندي آهي!

پيٽرول پمپ وٽان موڙ ڪاٽي ناظم هائوس جي اڳيان گذري رهيو هو تہ، پرسان جهوپڙا هوٽل ڏانهنمُڙڻ کان، پنهنجا قدم روڪي ڪون سگهيو. ريڊيو ڪمپيئرنگ واري عرصي ۾، پروگرام کان اڳ بچيل وقت، پروڊيوسرن جي آفيسن ۾ نُوس نُوس ڪرڻ بدران، هن ئي هوٽل جي مالڪ چاچي صابوءَ سان سندس رهاڻ رچندي هئي، جيڪو اڪثر هن کي ڳوٺڙن جي ڳالهڙين جا جوُس پيئاريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هجت مان هن کي ترسائي تاش کيڏائيندو هو! عمر ۾ هن کان گهڻووڌو هجڻ باوجود،

هُن ڪڏهن بہ سينيئر ۽ جونيئر واري ديوار کي آڏو اچڻ ڪون ڏنو. هُن جي سادگيءَ مان ڇڻندڙ هُن جون ڳالهيون، اڪ ڦُلڙين جيئن محبوب مالهائون ٽي پونديون هُيون.

”دلبر پايا! وني جون خبرون پانڌيڙُو ڏيندا آهن. پر عشق جي چُغلي اکيون هڻنديون آهن. پايان ٽو تنهنجي بہ ڪٽ نہ ڪٽ، لنئون لڳي آهي، بہ ٽنگو قاسي پيو آهين!“

”چاچا مونسان چرچا ٽو ڪرين!؟“

”نہ بابلا نہ! ڪڏهن ساسوُڙي بہ ڀهُوڙي هئي. ٽو واري وهيءَ ۾ اسانجو بہ پير پٽ تي نہ لڳندو هو. اکين ۾ پاءُ سرمو مٿي تي اڇو پٽڪو هرک جي صدري، سچي اجرک هيٺ، چاندي رنگ جي پرت پريل چاملي جتي، هٿ ۾ ڪڙيءَ واري وانجهيل لٺ، مُڇ جا شهپر، جهڙا بہ واسينگ ڪارا نانگ، هاءِ، هاءِ. . . خبر نہ ڪو چار، هوا تي پيا هلندا هئاسين. بلي ڪو زمانو هو!“

چاچا پنهنجي زندگيءَ جو ڪو نہ وسري سگهندڙ واقعو ٻُڌائي ؟“

”ڇڏ ڀيلي، اڄ تہ تاش کيڏون، پوءِ وري تون ڪندين اِڙِي، چوندين هاڻ پروگرام جو ٽيئم ٽي ويو. “

”اڄ هرگز نہ ڇڏيندس. هر پيري لنوائي ويندو آهين چاچا! نٽو ٻڌائين تہ اڄ منهنجي بہ هن هوٽل تي آخري شام آهي، ڏاريون ٽو سمجهين نہ مونکي!؟“.

چاچو صابو ميڻ جيئن وِگهرجي پيو هو. دلبر کي ڀاڪر ۾ پريندي چيو هئائين:

”اڙي دلبر مونکي بہ ڏاريون ٽو سمجهين!؟ يارن سان کهڙيون لِڪون. ٻُڌايان ٽو پر تون بہ واعدو ڪر تہ پروگرام ڪري اُتان آڏو پچي نہ ويندين؟ هتي اچي تاش کيڏنداسين، جنهن تي 104 لِنبا ٽيا، اهو ٽيندو ميمبر، ان خوشي ۾ ڏيڊ پاءُ مرغي، اڌ ڪلو ڏونئرو ۽ مانين جو بل پريندو، قبول!؟“

”قبول چاچا قبول، پر واقعو سچو ۽ دلچسپ هجي، نہ تہ معاهدي کي نہ قبوُلڻ جواختيار مون وٽ هوندو!“

“وڏو ڪو تِرڪتاليو آهين. ڳالهہ کي وٺيين ڪوہ ٽو ڇتو نٽو چئين تہ مونکي ڦِرٽو آهي. پر آئون پنهنجي ڳالهہ کي پاٽي ضرور ڏيندس“

بہ گراهڪ هليا آيا هئا تہ هنن جي گفتگو جي گاڏيءَ کي بہ بريڪ لڳي ويو هو. مزدور ڇوڪرو سيڌو سامان وٺڻ لاءِ بازار ويل هو ان ڪري چاچي صابوءَ پاڻ چانہ ناهي گراهڪن کي آڻي ڏني. هڪ آڏيو پاڻ ۽ هڪ دلبر کي ڏنائين. گراهڪ چانہ پيءُ، بل ڏيئي روانا ٽيا تہ هُن واعدي موجب، دلبر اڳيان ويل وقت جي چوپڙ پکيڙي ڇڏي.

”ڀيلي مون ورتو ڪنوات. ننڍڙو صفا ڪو ماٺو هو. ٻاوريءَ جي لٺ ٽُنيو وجي پر ڪنوات ڪُونهانس وڪ نہ ڪٽي هڪڙي. آئون پلن اٺ تي چڙهيل هوس، سو ڪنوات ران کي مزو ئي نہ ڏي.

جيسين وڪجي وڪجي، تيسين تہ ساڻس ڏورٽا ڏيڻا پئجي ويا. ان زماني ۾ پلن اٺن ۽ گهوڙن جي سواري ماين لاءِ هرڪائيندڙ هوندي هُئي، اهوئي پوٽ منهنجي من تي بہ سوار هو سو هڪ پيري ، پرواري ڳوٺ وٽان لانگهائُو ٿيئس تہ ڏُوراهين ڳوٺ مان پرڻجي، اُتي آيل ڇوري پاڻي ڀرڻ لاءِ وڃي رهي هئي. ان زماني ۾ ڪوہ ڳوٺ ڪان پرپرو هوندا هئا. ڇوري صفا بوسڪي لڳي پيئي هئي. ڳاڙهو ڪپڙو جو ڏنم، سو ونيڪنواٽ جون واڳون ڪنئيم. اڙيون هنئيم، چار جي ڪچڙي ڪام توڙيئم، پر ڪنواٽ ٽُنيئو ڏيئي ڇڏيو. ڳوٺ ويجهو ڏسي، مورڳو گهوئي ڪرڻ لڳو. بوسڪي بہ ماڳهين ڪا استادن جي گهمايل هئي، تنهن منهنجي نيت سمجهندي، وڏي واڪ چيو:

”صابوڙا مرين! ڪنواٽڙي کي ڪوهہ ٿو مارئين، آئون تہ انهن مست اٺن تي چڙهيل آهيان، جن گسن تي گوگه ڇڏيا! هن ليلاهرڙي ڪنواٽ تي ڪيئن موهجي پونديئس!؟“

هوءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي هلي ويئي هئي. پر سندس ٻولڪي طبيعت، سونهن ، ۽ تلوار جي نوڪ جهڙي ٽوڪ، منهنجي زندگي ئي بدلائي ڇڏي. “

هوُ خاموش ٿي ويو هو. جڻ ويل وقت جي ٿاله مان، ساروٽين جا ڏاٽا ڇُڳندي ڇُڳندي، سندس سوچ جو جهرڪو آسپاس جي ڪُڙڪي تي ڇرڪي پيو هو.

”پوءِ ڇا ٿيو چاچا صابو؟“

”ٿيندو وري ڇا؟ مون بوسڪيءَ سان عشق ۾ زندگيءَ جو ڪون سوچيو. جوانيءَ ۾ پير ڪون سنڀاليم، نہ گهر ٺاهڻ جو سوچيم. هاڻ پيري اچي پهتي آهي، تڏهن لانئون لڌم. هاڻ ڪچا ٻچا پارڻ ۾ پورو آهيان!“

دلبر ساروٽين جون پٽون چڙهندو ۽ لهندو رهيو. هن جا پير ڏانوڻ ڏنل اٺ جيئن ڳورا ٿي پيا هئا. ناظم هائوس اڳيان، هُو ساڃي پاسي مُڙيو هو. صابوءَ واري جهوپڙا هوٽل تي ايڪڙ ٻيڪڙ گراهڪ موجود هئا. هوٽل ۾ گهڙندي ئي هن جون نظرون ، آسپاس ڪجهہ ڳولڻ لڳيون هيون، ايئن جيئن ڪا سوپچار لاڙي عورت، ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾ سڪيلڏي ڏيءَ جي لڙهي ويل ڏاج کي ڳوليندي آهي! اندر ويٺلن مان هڪ نوجوان چيس:

”ادا ويهُ، حُڪم“

پر هُو ويهي نہ سگهيو هو رڳو ايترو پڇيائين:

”ياءُ ڏي خبر ، صابو ڪٿي آهي؟“

”ڪي سال اڳ هيءَ هوٽل ڇڏي ويو ڪا خبر نہ آهي تہ ڪٿي آهي“

دلبر پنهنجي ساءِ پُٽڪندو ٻاهر نڪري آيو.

”سپ هليا ويا آهن، ڪا خبر نہ آهي تہ ڪير ڪٿي آهن؟!

ريڊيو اسٽيشن تائين پهچندي، پهچندي ڪيس محسوس ٿيو تہ گهڻو ڪجهہ بدليل بدليل هو ڪجهہ بہ ساڳيو نہ هو. بس ڏينهن لنگهيا هئا، گونگو زمانو گذريو هو.

هڪ ڪمرو خالي هو. اهوئي ڪمرو جنهن ۾ گهڻو اڳ ڪلٽي ڪمپيئر ويهندي هئي.

دلبر ڪرسيءَ تي ويهي، سائلنٽ رکيل موبائيل کي چڪاسيو. اڻڳڻين رسيوڊ ڪالز ۽ ميسيجز جو ريڪارڊ موجود هو. ريڊيو تي ڪمپيئرنگ واري عرصي ۾ ، هن کي ايئن ئي علاءُ الدين جي فوج جهڙا ڍڳها ميسيجز ملندا هئا، سين ۾ پروگرام منجهہ نالو يا مواد شامل ٿيڻ جي فرمائش هوندي هئي. اڄ بہ هن جي اڳيان ڪجهہ اهڙو ئي اٽسمهويل سُٽ موجود هو. فرق رڳو اهو هو تہ هن پيري هن کي ريڊيو تي اچڻ تي پليڪار چيل هئي يا ڪو سوال پڇيل هو پر مقصد ساڳيو هو نالي جينمائش ! هن کي حيرت اها ٿي تہ ريڊيو ڇڏڻ پڄاڻا هن ڪيئي موبائل نمبر مٽايا هئا، پر ٻڌندڙن کي الاءِ ڪيئن اهي هٿ چڙهي ويا هئا. هن سوچيو:

”ڪيترا سارا ماڻهو مون ۽ منهنجي آرٽ ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن. انهن محبتن جو تہ ڪو ملہ ئي ڪونهين. . . !“

پر سگهوئي هاف فرائي ڪيل ملزم تي پهرو ڏيندڙ پوليس واري جيان، سندس دماغ ڪيس دڙڪو ڏيئي، سندس دل جي ترجمان خيالن جي تاري ٽوڙي وڌي.

”هُون هُون. . . نہ نہ. . .! اصل ۾ اها محبت نہ پر خود غرضي آهي. ڪو نالو ٻڌڻ لاءِ بيقرار آهي، ڪو پنهنجي شوق هٿان مجبور آهي. بس تون ۽ تنهنجو آرٽ تفريح جو ذريعو آهيو! تنهنجي آرٽ ۾ دلچسپي وٺڻ وارا، تنهنجي دردن جي ڪاروبار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڇو نٿا ٿين!؟“

پروگرام شروع ٿيڻ کان چند منٽ اڳ ميزبان پهتو هو. دلبر کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيائين:

”سر لڳي ٿو اڄ ٻُڌندڙن جو درياءُ مٺي ريڊيو تي اٿلي پيو آهي. رڳو سندن نالا پروگرام ۾ پڙهون، تڏهن بہ ڪلاڪ جو پروگرام ناڪافي آهي. “

مختصر ڳالهہ ٻولهہ بعد اسٽوڊيو ۾ گهڙيا هئا تہ دماغ، دلبر جي ڪن ۾ ٽُڪو ڪيو هو. ”هاڻ آئون هتي ئي بيهان ٿو. تون وڃ، تنهنجي دل توسان گڏ آهي. خوب لباڙ هڻجان. پر خبردار انهن تقريري ۽ تحريري ڳالهين کي ڪڏهن بہ پاڻ تي لاڳو مٽان ڪرين. تنهنجو قول، تنهنجي عمل کي ڊسٽرب نہ ڪري، جيئن اسان وٽ عامطور ڪامياب قلمڪار ۽ سياستڪار ڪندا رهيا آهن. “

اسٽوڊيو ۾ گهڙندي ئي چاتل سُچاتل خوشبوءِ سندس سواڳت ڪيو هو. هڪ اهڙي خوشبو جنهن جي مهڪ ۾ هن وٽ لفظ ايئن ايندا هئا، جيئن جهرڪيون ٻاجهر جي سنگن تي ورنديون آهن!

انٽريو شروع ٿيو. ميزبان ڪمپيئر طرفان هن کي پليڪار ڇئي ويئي ۽ پوءِ سوال پڇيو ويو:

“اڄ ڏکي عرصي پڄاڻا، ريڊيو پاڪستان مٺيءَ جي اسٽوڊيو ۾ موجود آهيو. ڇا ٿا محسوس ڪريو؟!”

”محسوسات جو هڪ پورو سمونڊ آهي. جنهن ۾ خيالن جون ڇوليون، جذبن جون ڇوليون، ۽ سوچن جون لوليون آهن. ڪي سال، ڪي مهينا ۽ ڪن ڏينهن جو وڇوڙو ڪو ننڍو ۽ معمولي ته ناهي نه!؟ پنهنجن پيارن ٻڌندڙن کان پري، ريڊيو پاڪستان مٺيءَ کان پري، انهي عرصي دوران مون ڏينهن آڱرين تي ڳڻيا آهن ۽ امرتا پريتم چواڻي: آڱريون سُنيون لڳيون آهن. هينئر آئون هونئن ته ريڊيو پاڪستان مٺيءَ جي بيشمار ٻڌندڙن سان مخاطب آهيان، پر رکي رکي مونکي پنهنجا اهي ڇيڳرا لسنر ڏاڍو ياد اچي رهيا آهن، جيڪي دل جي ڪنن سان ريڊيو ٻڌندا هئا. نالو نشر ٿيڻ کان وڌيڪ ڪين رڳو سدا بهار لفظن جي سوداگري ۽ خيالن جي خوشبوءِ سان دلچسپي هوندي هئي. اهي رڳو منهنجي پروگرام ۾ لکندا هئا. اهي انهن پکين جهڙا هئا، جيڪي هڪ آکيرو اجڙڻ پڄاڻا تڪڙو ڪو ٻيو اجهو اڏي نه سگهندا آهن. ۽ وري وري انهن لامن تي لُڏڻ چاهيندا آهن، جتي انهن ڪي پهر ۽ ڪي لمحا گڏ گذاريا هوندا آهن. ڪي لاتيون، ڪي باتيون ڪيون هونديون آهن. اڄ ٿڌي چنڊ هينيان، ملير جي هن پنل رات ۾ ، اهي الاءِ ڪيئن هوندا؟! انهن جا ڳوٺ الاءِ ڪيئن هوندا ؟! جن پٽن تي ويهي انهن منهنجا پروگرام ٻڌا هئا، اهي پٽون الاءِ ڪيئن هونديون؟ !اهي شهر ڪيئن هوندا، جن جي گلين ۾ رمتي جوڳيءَ جيان منهنجي مسافر آواز ڪي سرگوشيون ۽ ڪي سنيها ڇڏيا هئا. پٽڪو ٻڌل اهو جهونو به الاءِ ڪيئن هوندو ؟ جنهن ٻڪريون چاريندي منهنجو پروگرام ٻڌي، پهريون ڀيرو ريڊيو تي خط لکيو هو. جنهن جو لفظ لفظ روهيڙي جو گل ۽ جملو جملو بانسريءَ جي صدا هو! اهي اکيون به هاڻ الاءِ ڪيئن آهن؟ جيڪيريڊيو جو هڪ هفتيوار پروگرام ٻڌي اڪثر روئي پونديون هيون !اهي آڱريون به الاءِ ڪيئن آهن، جيڪي تڪا تڪا ميسيج لکنديون هيون. ۽ اهو خوبرو ۽ جذباتي نوجوان به الاءِ ڪيئن آهي؟ جنهن پروگرام ۾ سندس موڪليل شعر شامل نه ٿيڻ جي روسامي ۾، جذباتي ٿي ريڊيو لاءِ آخري خط لکيو هو جنهن ۾ لکيل هو:

هن کان پوئي هاڻ زمانا

ڪنهنجي ناهي ڪاڻ زمانا

وري هڪ ٻيو سوال هن جي اڳ ڦري آيو.

”توهان ڪافي وقت کانپوءِ هتي آيا آهيو ڪا تبديلي، ڪو فرق ڏسو ٿا يا سيڪجهه ساڳيو آهي؟”

”پهريون فرق تہ اهو آهي جو آئون هتي سدائين ميزبان رهيو آهيان. پر اڄ پهريون ڀيرو هتي بطور مهمان تنهنجي پروگرام ۾ شريڪ آهيان. ڇا اهو ڪافي ناهي؟ (ٺهڪ)

ڏکهي وچوٿيءَ پڄاڻا اڄ ريڊيو مٿيءَ تي آيو آهيان تہ سوچيان ٿو ڪير ڪيترو بدليو آهي. ڪا خبر نٿي پوي. ريڊيو جي عمارت جي ٻاهران ساڳيو چونٽرو موجود آهي. اتي هو ساڳيو سيڪيورٽي گارڊ موجود آهي. ساڳي رنگ جي وردي. ساڳي نموني جي ڪيپ !پر ريڊيو جي عمارت ٻاهران ان زماني ۾ هڪ ننڍڙو ڏيڍ فوٽ جو نم هوندو هو جيڪو هاڻ وڏي وڻ تي چڪو آهي. ۽ ان ۾ پکين آکيرا اڏڻ بہ شروع ڪيا آهن. ان زماني ۾ آئون جڏهن صبح وارو پروگرام ڪرڻ ريڊيو تي ايندو هئس تہ. ريڊيائي ٽاور جي ڪنهن تار تي اڪثر هڪ ڪبوتر ڪي ويٺل ڏسندو هئس. جيڪو هاڻ صبح ويل اُتي ويهندو بہ آهي يا الاءِ نہ ؟ !بهرحال منهنجون نظرون هتي ايندي ئي ڪجهہ لمحن لاءِ ان خالي سيڙهيءَ تي اٽڪيون هيون. ۽ ها ـ شام جي ويل ريڊيو جي عمارت پرسان گذرندڙ پڪي روڊ تي هڪ مستانو ڇوڪرو ڇنڇر جي شام منهنجو منتظر هوندو هو. اڪثر هُجت واري ڀاڪيءَ ۾ چوندو هو:

”دليا اڄ تاهجي پروگرام ۾ مانهنجو نالو جرور ڏيئي. ڏيکين متان وسري جائي!“

اهو البيلو ۽ مستانو ڇوڪرو بہ هاڻ الاءِ ڪٿي آهي؟!

سچ پڇو تہ وقت بدليو آهي تہ ڪجهہ بہ ساڳيو ناهي رهيو. اسان جا ساٿي، اسانجا سهارا، اسانجا پيارا. سڀ هڪ هڪ ٿي اسان کان پري ٿيندا رهيا آهن. ڪنهن اسانکي وساريو آهي. ڪو اسان کان وسري ويو آهي! ڪير ڪيترو گڏ رهيو؟ ڪنهن ڪيترا زخم ڏنا؟

اهو ليکو چوکو تہ هاڻ رڳو دل جي چوپڙيءَ تي ئي لکيل آهي. مثالطور گهڻو اڳ ريڊيو جي لائيو پروگرام دوران. نغمو هلڻ واري وچوٿيءَ ۾. سائيلنٽ رکيل موبائل تي. ڪن ڪن دوستن جي ڪال رسيو ڪرڻ مجبوري هئي. هاڻ تہ انهن جا نمبر بہ اجنبي آهن. بس وقت بدليو آهي تہ ڪجهہ بہ ساڳيو ناهي رهيو. “

انٽريو جولانٽُوئڙو ڦَرندو رهيو.

”توهان ريڊيو ڇو ڇڏيو؟“

”نہ مون ريڊيو ڇڏيو آهي ۽ نہ ئي ريڊيي مونکي ڇڏيو آهي. بس ڪجهہ نہ ڪجهہ آهي. جيڪو ڇڏائجي ويو آهي! اهو وڇوڙو ايئن آهي. جيئن ڪا ٻالاپولي ڪونج ولر کان وڇڙي ويندي آهي. جيئن اوچتي آيل برسات ۾. ڪو پکي پنهنجي آکيري کان پري ٿي پوندو آهي. ۽ جيئن ڀيرُون ڇٽڻ واري رُت ۾ ڪو ٿري ڇيلڙو ڀُلجي ڇانگ مان ڇڄي پوندو آهي. نہ ڇانگ جو ڏوه. نہ ڇيلڙي جو ڏوها هوئڻ بہ هر واٽ جو ڪو نہ ڪو ڇيڙو هوندو آهي. ان ڪري اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ملبو ئي نيٺ وچڙڻ خاطر آهي!

پر ملڻ ۽ وڇڙڻ وچان، ڪجهه نه ڪجهه يادگار بنائڻ ٿي اهم هوندو آهي! تنهنڪري ميلا متل ۽ رهاڻيون رتل ڇڏڻ گهرجن!“

سوالن ۽ جوابن جو لاتنوتڙو ڦرندو رهيو. سوالن مان ڪي سوال ميزبان طرفان ته ڪي وري ٻڌندڙن طرفان به اماڻيل هئا. پروگرام ختم ٿيڻ کان چند منٽ اڳ، هڪ سوال ”پٽن جي پر“ مان پڇيو ويو هو. سوال پڇڻ واري پنهنجو نالو عروج لکيو هو جيڪو پڪ سان فرضي هو. پر دلبر ڪي سندس ماڳ ڇرڪايو. ڇوته گهڻو اڳ سورٺ به هر هفتي پٽن جي پر مان جهڙي فرضي ماڳ تان پروگرام جي ادبي ۽ تفريحي سلسلي لاءِ لفظن جي پٽوري لکي اماڻيندي هئي. دلبر، جڏهن ان تحرير کي، پنهنجي مخصوص انداز سان صداڪاريءَ جي ڌُن تي رقص ڪرائيندو هو ته سماعتن جا شهر واسجي پوندا هئا.

اداس ساز، دلنشين آواز، دل کي مهتي وجهندڙ لفظن ۾ خوشبودار خيالن جو سنگم، ڪيفيتن کي انڌلٺ بڻائي وجهندو هو! پر اڄ پٽن جي پر مان پڇيل سوال بائونسر قسم جو هو.

”ريڊيو کان ڏُوريءَ واري عرصي ۾، مجموعي طور توهان ڇا ڪندا رهيا آهيو؟“

لمحن لاءِ هن کي خيال آيو ته هن سوال جو ڪوبه جواب نه ڏجي، پر وري ڪجهه سوچي هن وراڻيو:

”آئون جيئڻ لاءِ جنگ ڪندو رهيو آهيان. ڪجهه نه ڪري سگهڻ واري پلصراط تان خواب چورائيندو رهيو آهيان. ڪنهن اجگر جهڙي وڇوڙي جو زهر پيئندو رهيو آهيان. پنهنجو پاڻ کي وساري ڪنهن کي ياد ڪندو رهيو آهيان. چانڊوڪين جا ڇهڪ ۽ اڪيلين شامن جا ٿهڪ هانءُ تي سهاري، مون ويري وقت کي کلي کيڪاريو به آهي!

محترم، انهي عرصي دوران سماج جي ڪميڻن ڪردارن سان جهيڙيندو رهيو آهيان. ضمير جو آواز اٿارڻ جي سزا ڀوڳيندو رهيو آهيان. بااثر هٿن هٿان پاڻ ته پيڙجندو رهيو آهيان، پر سنگتين ساٿين کي به هاهيءَ ۾ هٽائيندو رهيو آهيان. ٺڳ ۽ رهزن قسم جي ماڻهن جون هيراڦيريون ۽ هيٺن کي دٻائي سندن راءِ جو حق کسڻ جون حرڪتون به ڏسندو رهيو آهيان. ڏسڻن وائسڻن ماڻهن جي منافقانه خاموشي ۽ وقتي طور بااثر ٿيل ماڻهن جي گهٽيا هلڪڙائيءَ کي به مون باريڪيءَ سان ڏٺو آهي. مون حق جي آواز کي گم ٿيندي ۽ ڪوڙ کي شبده بازيءَ جو ڊنڊورو پٽيندي به ڏٺو آهي. مون اهو اچرج ۾ وجهندڙ لڪاءُ به ڏٺو آهي ته ڪاٽن ڪپڙن ۾ لڪيل ننڍڙا ماڻهو ڪيئن نه پنهنجي زيرو شخصيت جو ڪوڙو مينار تعمير ڪندا آهن !سچ اهو آهي ته پويون عرصو منهنجي زندگيءَ ۾ زلزلو ڪٽي آيو آهي. ڪڏهن پنهنجن جي بيوفائيءَ تڙپايو آهي. ڪڏهن سنگت جي سازشن هانءُ ۾ هٽ وڌا آهن. ڪڏهن انبن جهڙا منا ماڻهو توهه ڪڙا به ٿي پيا. ويساه گهاتين ۽ دولابن جي هن بيقدر دنيا ۾، مٽن مائٽن ۽ يارڙن پيارڙنکي،

منگهُرن سان ملي ڪڏون ڪوٽينديون بہ ڏٺم. جن تي هجتون هلنديون هيون، انهن طرفان زندگيءَ جي خاردار لمحن ۾ هٿن مان هٿڙو ڇڏائي، لاتعلق بڻجي تماشو ڏسڻ جي اٽڪلبازيءَ بہ سچ تہ ڏاڍو متاثر ڪيو!“

هڪ ڪلاڪ جو انٽريو پڇاڙيءَ تي پهتو هو. انٽريو جي هلر هلندي، هن سوالن جا ڪيئي سنگه ڳاهيا هئا. هر سوال جو جواب هن دل سان ڏنو هو. ڪٿي بہ دماغ مداخلت ڪون ڪئي هئي. در وٽ جتي هن جتي لاٿيهئي، دماغ اتي ئي بيهي رهيو هو.

اسٽوڊيو مان نڪرندي ئي، دماغ وري اچي هن جي آڏو جهلي

”واه تو بهترين لباڙ بازي ڪئي، ڪامياب شخص ٿيڻ لاءِ تو وٽ سمورا لوازمات موجود آهن. بس ڏيکارڻ ۽ ڪاٺڻ جي ڏندن ۾ فرق هجڻ گهرجي. ڪاش تون اڳ ۾ ئي منهنجي مڃين ها تہ جيڪر هيستائين گهڻو ڪجهہ بدليل هجي ها. پر هاڻي خبردار جيڪو ڪجهہ ڳالهائيو اٿئي، جيڪو ڪجهہ لکيو اٿئي، اهو ڪرين متان ۽ جيڪو ڪجهہ ڪرين ٿو سو صرف تو ۽ مون وٽ راز رهندو!ضمير کي بيهوشيءَ جي انجيڪشن هڻي ڇڏ. اڄڪلہ اهو ئي ڪامياب زندگيءَ جو نسخو آهي. اسان وٽ سياستڪار، اديب ۽ صحافي، جيڪو ڪجهہ ڪن ٿا، اهو ميڊيا تي چون ڪٿي ٿا!؟۽ جيڪو ڪجهہ چون ٿا، اهو ڪن ڪٿي ٿا!؟اهو تہ نهيو پر سماج جا مجرم ڪردار بہ ٻين سان مخاطب ٿيڻ وقت توکي سماج سڌارڪ نظر ايندا. بس تون رڳو واعظ ۽ عمل جو فرق محسوس ڪر!“

روشن جي دل ڪٿان بہ پنهنجي موجودگيءَ جو احساس ڪون ڏياريو. شايد دماغ آهستي آهستي هن تي حاوي ٿي رهيو هو. هن ميزبان ڪمپيئر جي بائيڪ تي ملوڪ ڏانهن ويندي سوچيو:

“ڇا ذهني ۽ عملي طور سندم ٻيو جنم شروع ٿي چڪو آهي!؟“

⊙

# باب اٺون

صبح جي روشني آسمان جي وُسعتن مان ڇٽي هئي تہ صابُو بہ بسترو ڇڏي اٿيو هو. پوين پنجن ڏينهن کان رُٺل ننڊ هن سان پرچي پيئي هئي. ۽ هو اُن ڪيفيت مان ڇٽ جاڳيو هو جنهن ۾ رات ڏينهن ڳهريلي ڪيفيت ۾ ٻڌاتيل هو. جانوءَ طرفان شهر مان ڊاڪٽر کان پُڇي آندل دوائن جو اثر هو يا وري صابوءَ جي ڪيفيت جي قدرتي تبديلي هئي جو ننڊ ڪيس وڪوڙي ويئي هئي.

ٻہ ٽي ڏينهن اڳ اميري اڪريءَ مٺس پڙهائي ڪئي هئي، تڏهن بہ ڪيس ڪا سُڌ ٻُڌ ڪون هئي. پر هاڻ جڏهن اُٿيو هو تہ ڪيس ڪجهہ ڪجهہ ياد اچي رهيو هو. هن کي اهو بہ ياد هو تہ ڪيس دڪان تان اوڌر ڪون ملي هئي. تڙ تي جانو سان ڪڇهري ڪئي هئائين. بختاور کي ڪڙو لڳو هو. ۽ هن پاڻ کي جانور محسوس ڪري سڀني جنجهٽن ۽ ذميوارين کان فرار ٿيڻ چاهيو هو.

گذريل ڪجهہ ڏينهن کان وزني سوچ ۽ ذميوارين کان آجو ۽ ٻي ميارو ٿي جيئڻ ڪيس مزيدار لڳو هو. شايد انسان کان جانور جي ڪول ۾ وڃڻ آسان آهي، پر جانور مان انسانيت ۾ اچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، تڏهن ئي تہ هر دؤر ۾ انسانن تي جانورن جو غلبو رهندو اچي !صابوءَ بہ نٽي چاهيو تہ هو انساني زندگيءَ جا اهي بار ڪٽي، جيڪي ڪٽڻ سندس وس کان ٻاهر هئا.

صدوري بختاور کي چئي رهي هئي:

”چانه جو ٻيو ڪوپ ڪون ملندئي. پٺين ڪٽ تي پيو آهي، آئون ڪٿان وڪر آڻيان؟ ٻچا ٻچن. . . . . . جا، جنهن سامان اڌار ڏنو آهي!“

صابو سهي ٻُڌي نہ سگهيو تہ صدوري ڪنهن جا ٻچا ٻچڻ جي دعا ڪئي هئي، جانو يا قادُوءَ!

صدوريءَ جو گهٽو اڳ ڳالهايل جملو ٻُڌي ٻڌجي صابوءَ ڏانهن وريو هو:

”مُئو بيلچٽو آهي، چئي ٿو چمي. . . !“

پر صابوءَ جهٽ پٽ پاڻ سنڀالي ورتو. رڳو ايترو سوچيائين:

”آئون جانورجي جُوڻ ۾ آهيان ۽ جانور گهٽو گهرو سوچي نہ سگهندا آهن!“

صدوري چانه ڪٽي آئي. صابوءَ سُرڪ سُرڪ چانه پيئڻ لڳو. صدوري واپس بورچي خاني ڏانهن وڃڻ لڳي. وڏي وڇوٽيءَ بعد نہ رڳو بورچي خاني جون رونقون بحال ٿي پيون هيون، پر صدوريءَ جي هلٽين ۾ بہ نئين حرارت موٽي آئي هئي!

صابو اٿي ڳوناٽي بس اسٽاپ ڏانهن وڃڻ لڳو. صدوريءَ وڏي پٽ کي وڏي واڪ چيو:

”پڙهين سان گڏيو وڃ، متان ڪيڏانهن نڪري نہ وڃي!“

صابوءَ جي دل چيو، چوي:

”نہ نہ آئون ٺيڪ آهيان“

پر هن ڪي وري الاءِ ڪهڙي الوٽ آئي جو خاموش ٿي رهيو. بس اسٽاپ تي ڪيئي ڳوٺاڻا موجود هئا. سيني جون نگاهون صابوءَ تي اٽڪي پيون، ڄڻ هو ڪا ٻي مخلوق هوا ڪن پڇيو:

”صابو ڪيئن آهين؟ “

هن هڪ ٿي رٿيل جواب وري وري ڏنو:

”هاڻ ڪجهہ ٺيڪ آهيان“

صابو ٿڌي ريٽ تي ويهي رهيو. سندس وڏو پٽ ڪجهہ پريرو چار جي ٻيڙانگيءَ تي چڙهي پٽس ڪي اڪورايو وينو هو. اسٽاپ تي موجود ماڻهو هڪٻئي سان سڙٻاٽ ڪري رهيا هئا:

”صابوءَ جيڪل اڃان نڪاٽي ڪون آهي!“

”ڪجهہ نامچي ۾ لڳي ٿو!“

”اميري اڪريءَ جو پڙهائي ڪئي آهي؟“

”اڃان تائين گم سُم لڳو پيو آهي“

ماڻهن ڪجهہ دير صابوءَ متعلق ڳالهين جا ڏڙا اُڇلائڻ ڪانپوءِ هن تان ڌيان هٽائي ڇڏيو. سندن ڳالهين جو موضوع، ڪوئلي سبب سندن امڪاني لڏپلاڻ ڏانهن سِرڪي آيو.

هڪ پوڙهي پڇيو:

”پنهنجي ڌهر ۾ ڪوئلي ڪمپنيءَ وارن ڪئمپ هنئي آهي. چون ٿا تہ جلدي پاڻ کي هتان لڏڻو پوندو!؟“

هڪڙي نوجوان وراڻيو:

”نہ نہ ايئن ڪيئن اباڻا ڪک ڇڏينداسين؟ جيڪو لڏائڻ آيو متو جهرٽا هوندس!“

پوڙهي چيس:

”بابلا سرڪار ڏاڍي آهي، ان کي ڪُجهاڙو ڪبو؟“

هڪ ٻيو نوجوان ڳالهائو:

”احتجاج ڪبا، اخبارن ۾ گهوڙا گهوڙا ڪبي“

هڪ ٻي همراه چپ چوريا:

”ماندِري انصاف ڪٿي آهي؟ ڪجھ همراهن ڪمپنيءَ خلاف ڏرٽو هنيو. ماڻهين ايف آءِ آر ڪٽائي. “

هڪ پڙهيل لکيل همراه چيو:

”هونئن حقي فرياد ڪٽي وڃ تہ پوليس ايف آر ڪٽڻ کان لهرائي ٿي، جيئن مٿين وٽ ريڪارڊ ۾ ڏوهن جو گراف مٿي نہ چڙهي. ۽ ڪورٽن جي چڪرن کان بہ جان ڇُٽي. پر ڪوئلي ڪمپني وارا موريُو گهڻا پئسہ ٿا ڏين يا مٿان دٻدٻو آهي، ايف آءِ آر ڪٽيندي دير ئي نٿا ڪن. تازو شاعر اظهر بہ پائيپ لائين ۾ خراب ٿيندڙ زمين جو معاوضو گهريو تہ ٺڪ جيل ۾!“

نوجوان وراڻيو:

”ايف آءِ آرون ڪيتريون ڪٽيندا؟ پاڻ ٻڌي رلي اوڍيندا سين تہ پنهنجي جُوءِ جي وارثي ڪير ڪندو؟ پنهنجي زمين بہ پنهنجن پيرن هيٺيان کسڪي ويندي“!

هڪ جذباتي نوجوان چيو:

”اديب ۽ صحافي ويچارا جام گهوڙا ٿا ڪن!“

هڪ همراه اچي ٺهڪن ۾ ڇُٽو، کلندي چيائين:

”بتال ٿيا آهيو ڇا؟ اديبن ۽ صحافين سان جيڪي شامون پيون ملهائجن، سندن وڏڙن جون ورسيءَ جون تقريبون پيون ٿين، تن جا خرچ بہ هاڻ ڪمپنين وارا پيا ڀرين. اهي تہ هاڻ سندن شادين ۾ بہ شريڪ پيا ٿين. انهن مان اميد رکو ٿا تہ اوهان لئہ لکندا، صفا ڪي ڀورڙا آهيو؟! ڪجھ ڪندا تہ اهي همراه اُلٽو اوهان کي ڏوهي ڪندا، چوندا ترقيءَ جا مخالف آهيو!“

چوطرف ڪچهريءَ کي حيرتن جي پيئڻ پيءُ ويئي هئي!

هڪ سنجيدهچهري واري همراه مختصر خاموشيءَ جي پاٽي ۾ ڪڙو اڇلايو:

”ڏسو ڪوئلي جو نڪرڻ، هن زمين ۽ پاڻ سيني جو ڀاڳ ۽ ترقي آهي. پاڻ ترقيءَ جا مخالف نہ آهيون، پر پاڻ کي جيترو ٿي سگهي مقامي ماڻهن جي بهترين مفاد لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن. ڪوئلي سان لاڳاپيل نوڪرين ۾ مقامي ماڻهن جي جوڳي حصي پٽي، لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن جي مناسب آبادڪاري، ۽ زمينن جي نيڪ ٺاڪ معاوضي لاءِ جاکوڙڻ گهرجي!“

هڪ همراه چيو:

”زمينن جا معاوضا مليا بہ سهي تہ ڪٿي هلي رهنداسين. ٿر جي ڳوٺن ۾ غير مڪاندارن کي زمين وڪڻڻ جو رواج ڪونهين. سيني ڳوٺاڻن کي هڪ مڪان ۾ زمين ملي بہ ڪون سگهندي؟ سيئي وڻ وڻ جي ڪاني ٿي ويندا سين!؟“

نوجوان چيو:

”حڪومت روزگار جو بندوبست ڪري، شهرن ۾ يا ڳوٺن ۾ خالي سرڪاري زمينن تي آباد ڪندي!“

همراه وراڻيو:

”ٻين ڳوٺن ۾ هلياسين تہ اهي بہ ٽيندا پاڻ جهڙا! سندن چراگاه ۽ ٻيا قدرتي وسيلا پنهنجي آباديءَ جي جهٽ جهلي ڪون سگهندا. باقي شهرن ۾ هلياسين تہ چوپائي مال جي پالنا ۽ ڪيڙي پوکي ڪري ڪون سگهبي. بس جنهن وٽواپاري هنر ۽ محنت مزدوريءَ جي سگهه هوندي، اهو خوش هوندو. باقي چاچي جانُو جعفر ۽ سالار جهڙا ماڻهو جن سدائين ڳوناٺي زندگي گذاري، سي اُتي ڇا ڪندا ؟! اهو تہ ايئن ٿيو جڻ مورن، تترن ۽ سهن کي شهرن ۾ ڇڏي اچجي!“

ڪن پل لاءِ خاموشي ڇانئجي ويئي.

مورن جو لفظ ڪن تي پيو تہ هڪ همراه چيو:

”اڄ تہ مون ڊاپيءَ واري پٽ تي ڪنڊيءَ هيٺان بہ مور مئل ڏٺا“

”وري بہ پروڪي بيماري پيئي آهي“

”ابا ڪارو ڏڪار آهي، ڏڪارن ۾ جيت جڻا، پکي پکڻ، ماڻهو ۽ جناور سڀ بک مرندا آهن ۽ بکن ۾ ئي بيماري پکڙندي آهي!“

”اڳي ٿر ۾ ديويءَ جو وڏ ڪون هو. هاڻ جيڏانهن ڏس تيڏانهن ديوي. ديويءَ ۾ گهِم گهٽي آهي. جيڪا مڇرن کي وڌائي ويجهائي ٿي. اڳي ڍورن جي ٻُٺن تي ويهندڙ ڪُٽ هوندي هئي، پر هاڻ هرهند مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي. ان ڪري بہ بيماري وڌي آهي!“

هڪ پوڙهو ڳالهائو:

”چورا! هڪ ڳالهہ ڏٺي اٿوَ؟ پاڻ وارا مڇر ڏينهن جو بہ پيا کائيندا آهن. جڏهن تہ لاڙ ۽ ناري وارا مڇر رات جو ئي مار ڪندا آهن“

گهڻن ڇپن پوڙهي جي ”ها“ ۾ ”ها“ ملائي.

”امدادي ڪٽڪ بہ ڊيپو وارا کائيو وڃن. غريبن لاءِ ڪجهہ ڪونهين!“

هڪ شاگرد نوجوان کان پُڇيو:

”يلا امداد لاءِ نادرا جي انگن اکرن کي سامهون ڇو نٿو رکيو وڃي. ڊيپو ڪيپر جو ريڪارڊ بہ ڪمپيوٽرائيز ڪجي. بلڪہ امداد جي ورهاست جو سمورو نظام ڪمپيوٽرائيز هجي تہ جعلي نالن ۽ ڪارڊ نمبرن تي جيڪر امداد ڦبائجي نہ سگهجي!“

نوجوان وراڻيو:

”بابا خيال نيڪ آهي پر پاڻ وارن همراهن کي بہ خدا ڏسي. اين جي اوز وارا اڳواٽ ڳوٺن مان امداد جو آسرو ڏيئي سجاٽپ ڪارڊ جون ڪاپيون ڪٺي ويا آهن، جيئن ريڪارڊ جي پورائي ڪري سگهن. ڊيپو ڪيپرن وري ٻين ڳوٺن جي ڪارڊ ڪاپين تي ڦوٽو اسٽيٽ وقت اٽڪل سان ائڊرسون بدلائي، لاڳاپيل عملدارن جو ڪيسو گرم ڪري ٻوريون وڌايون آهن. هرڪو پنهنجي قصو گڏوچڙ هجي، جيئن ڪاڻ جي گنجائش موجود رهي!“

هڪ همراه ڪچهريءَ ۾ ڳالهہ جو وري نئون گولو اڇليو:

”ٻيلي چون ٿا تہ سياٽي ننگر ۾امداد ورهائبي. گاڏيون پر واري روڊ تان لنگهنديون. سيئي گڏجي هلجو تہ هلي روڊ ڪناري ويهُون، من ڪا ٿيلهي امداد جي ملي پوي! ماندرِي! ٻچا بک ٿا مرن“

هڪ پوڙهي چيو:

”ڪنهنجي ڦِٽي آهي جو بيعزتي ڪرائيندو. روز ٻُڌون پيا تہ ڦلاڻي هند ڦلاڻو امداد وٺندي ڪُٽاڻو. ورديءَ وارن ڪُٽڙ ناهيو. ٻيلي ٻلي ٻُک پرم جي شال مَ وجي شان!“

وڏي ڏاڙهيءَ واري همراه پوڙهي جي سر جهلي:

”نہ ڙي ٻيلي نہ! ماڳهين پيريءَ ۾ چوٽي چَپڙائيون. ست پيڙهيون اولاد تي پيو مهڻو وسي. چون ڏاڏهين امداد پنندي موچڙا کاڌا هئا!“

نوجوان ڳالهاڻو:

”چاچا پيڙهين تائين پچارون تڏهن آهن، جڏهن اباڻن ڳوٺن ۾ آهيون. ڪوئلي وارن لڏايا تہ ڪا سڃاڻپ، ڪا شناخت ڪون رهندي. ڪير ڪٿان جو هو؟ ڪيڏانهن ويو؟ سڀ ڪجهہ جهڻ مڪڻ ٿي ويندو! رشتا ناتا، واسطا ۽ رابطا، پاڻيءَ ۾ ڇُڙي پيل ڳنڊ جيان ڪٽو ڪٽو ٿي وکري ويندا!؟“

بس ويجهو ايندي ئي انجڻ جي شور ۾ ڳوناڻي ڪچهريءَ کي بہ بس سان گڏ بريڪ لڳوهو. بس مان ڪي مسافر لٿا هئا، تہ ڪي وري چڙهيا هئا. بس شهر ڏانهن رواني ٿي هئي تہ هرڪو پنهنجن گهرن ڏانهن روانو ٿيو هو.

صابو بہ اٿي گهر ڏانهن روانو ٿيو. سندس پُٽ بہ سندس ڪڍ هلڻ لڳو.

ٿوري دير اڳ بس اسٽاپ تي جڏهن ڳوناڻا ڳالهين جا لغڙ اُڏائي رهيا هئا، تہ صابو پٽ ٻڌيو وينو هو. لفظن ۽ جملن کي هن ايئن پاڻ ۾ پيوند نہ پئي ڪيو، جيئن اڳي ڪندو هو. ان ڪري انهن جو ردعمل بہ هن تي اتاچرو اُتاچرو ٿيو هو. ڪنهن ڪنهن جملي سندس ذهن تي چوٽ هنئي ٿي تہ هن جهٽ پٽ غير سنجيدگيءَ جي چادر تاڻي حساس سوچ کان پاڻ ڇڏائي ورتو ٿي. اصل ۾ سوچ ۽ ويچارن ئي هن کي ايبنارمل بڻايو هو. سوچ ويچار ئي هئا، جيڪي غمن کي دعوت ڏيندا هئا. بار بار نہ کجي سگهندڙ

ذميوارين کي ٻکيندا هئا. پر هاڻ جڏهن کان صابو بي ميارو ٿيو هو تڏهن کان هن بيساختہ ۽ غير ملاوتي زندگيءَ جو ٿورڙو ئي سهي، مزو چکيو هو. هن نئي چاهيو تہ پورائيءَ جي ياڪر مان نڪري، وري ڏاهين وارا ڏک، ڏاڪڙا ۽ ڏنگ سهجن!

هن جڏهن نئين نئين شادي ڪئي هئي تہ صبح سويل صدوريءَ جي چهري جي تازگي، سندس سمورا آرس پيچي وجهندي هئي. صدوريءَ جي اکين جي چمڪ بہ ڪيتري نہ زندگيءَ سان ڀرپور هوندي هئي. هرهر سندس مرڪن جا وِچ-وراڪا، صابُوءَ جي اندر جو آسمان روشن روشن رکندا هئا. ۽ وري وري سندس ٽهڪن جي بارات سان صابوءَ جي زندگيءَ ۾ رونق لڳي پيئي هوندي هئي! پر جڏهن کان غربت جو گُهگه پکي، سندن گهر تي وينو هو تڏهن کان سندن جيون جي ٻُڪ مان سمورو احساساتي، جذباتي ۽ جمالياتي حسن بہ هارجي ويو هو!

ڪيترن ئي ڏينهن کان صابوءَ صدوريءَ جي ٽهڪن جو آواز ڪون ٻُڌو هو. الاءِ ڪيترا ڏينهن لنگهيا هئا، مخمور مرڪون سندس لبن تان لڏي ويون هيون. الاءِ ڪيتري وقت کان سندس اکين مان بہ، اها چمڪ موڪلائي ويئي هئي، جيڪا ڀرپور زندگيءَ جي چغلي هڻندي آهي. غربت جو گُرڙ پکي، زندگيءَ جي آکيري مان خوشين جي ٻيرن جا سپ ٻچا ٻُڙڪائي ويو هو! تڏهن ئي تہ گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان، صدوري اُجهاميل اُجهاميل هئي. هن جي وارن ڪنگيءَ کان ڪناره ڪشي ڪئي هئي. سندس اکين، ڪجل کان مُنهن موڙيو هو. سندس ٻانُهن ۾ پُراڻين چوڙين جي ڇڻڪن، مفلسيءَ جا نوحا الاپيا هئا !ڦاٽل ڪپڙن جي ٽانڪن، طبقاتي وڇوٽين کي پُوندا ڏنا هئا.

صدوريءَ جي رونقن کان رهجيويل زندگي، هڪ طرف سرڪاري بدانتظامين ۽ سرمائيداري نظام جي اٽبرابرين جي ڪنڊن ۾ وچڙيل هئي تہ ٻئي طرف بي اعتبار سُڪارن وٽ گروي رکيل هئي، جيڪي سالن کان فطرت طرفان ٿر مان ڏيس وٽو ڏنل هئا!

ٿر جي تهذيبيزندگيءَ جي مُرجهايل رنگن ۾، هوندئن تہ هر پاسو ڏڪار جي تاندن تي ٽهڪي بيرنگ ٿيو هو پر ويجها رشتا بہ بيمزه ٿيا هئا. خلوص جي خوشبوءِ تي مشتمل محبتن جون مالهائون، اٿوند جي آڱرين سبب تنگدليءَ جي تڙن ۾ اونڌي-مُنهن ڪِريون هيون!

گهر ويندڙ صابوءَ جا قدم پنهنجي گهر جي گهٽيءَ تي پهچي خود بخود بيهجي ويا هئا.

اندران صدوريءَ جي ٽهڪن جون شرنايون وڄي رهيون هيون. گهڻن ڏينهن بعد صدوريءَ جي ٽهڪن جون مرليون صابوءَ جي ستل جذبن کي جنجهوڙڻ لڳيون. سندس وجود جي واٽن تي احساسن جا ڪيئي سُتل ڪاريهرڦُڻ ڪٽي ايا ٿيڻ لڳا هئا. هن چاهيو صدوري ايئن ئي کلندي رهي ۽ هُو اتي ئي بيٺي بيٺي سماعتن جي چپٽين سان صدوريءَ جي ٽهڪن جا پوپٽ پڪڙيندو رهي!

ٿڪڙن جي لهرن تي لُڏندي، وجودي وجد جي پُرپيچ پيچرن مٿي، لمحن لئہ منجهس وري نئين سر جيئڻ جي تمنا جاڳي پيئي.

عين ان وقت صدوريءَ چونئري مان ٻاهر نڪتي. ڪيس نئون ڳاڙهو جوڙو پاتل هو. اکين ۾ ڪجل ۽ هٿن ۾ نيون چوڙيون پاتل هيون. ٽچ اسڪرين بڻجي پيل، صدوريءَ جي نئين روپ، صابوءَ کي حيرتن جو مُجسمو ناهي ڇڏيو. هن جي سوچ ۾، ڪيئي پڇون چُهنڊڻ لڳا. ڇا قادو دڪاندار ئيصدوريءَ جي ٿڪن جو سبب بڻيو هو؟ ڇا سونهري چوڙيون ۽ نئون وڳو صابوءَ جي نظر جو فريب هو؟ وارن جي ٻڪل کان اکين جي ڪجل تائين، صدوريءَ جي سينگار پويان آخر ڪير بيٺل هو؟!

سندس وجود اذيتناڪ سوالن جي اُگهاڙين تلوارن هيٺيان اچي ويو. چونئري مان مبهم مرداڻي آواز جو پڙڪو صابوءَ جي ڪنن جا تاڪ کڙڪائڻ لاءِ ڪافي هو. سندس ذهن جي سائي نم مٿان قادوءَ جو نالو ٽي دفعا ڪنوڻ بڻجي ڪريو.

”قادو...قادو...قادو!“

پر هن سمورن مونجهارن کي ٿڪن جي آواز ۾ تحليل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ئي ويل گهٽي وقت کان محنت مزدوريءَ لاءِ ڪراچي ويل صدوريءَ جو ڀاءُ عزيز چونئري کان ٻاهر نڪري آيو. هن صابوءَ کي هٿ ڏيئي خيرعافيت پڇي. صدوريءَ صابوءَ سان گڏ ايندڙ مويي پٺ کي ڇيو:

”عزيز تولاءِ بہ ڪپڙا آندا آهن. ماني کائي وٺ، پوءِ پائج“

⊙

# باب نائون

سيني ايئن سمجهيو هو تہ صابُو هاڻ چڱو ڀلو ٿي پيو هو. بس هو ڪجهہ ڪجهہ موڳو ۽ خاموش خاموش رهڻ لڳو هو. ڳوٺ ۾ اها ڳالهہ هُلي هئي تہ اميري اڪريءَ تعويذن ۽ پڙهائيءَ سان صابُوءَ ڪي لڳيل جنڙي ڀڄائي هئي. ڳوٺ جي عورتن هڪٻئي سان ڏوڏا ڦاڙي اميري اڪريءَ جي عجيب و غريب ڳالهين سان، ٻارن کي حيرت ۾ وڌو هو.

”اميرو ڪارو نانگ آهي، نانگ! شال نہ ڪنهن سان ڪيڏ پوي. ڦاسُوڙي ويچاري کي ويرمُٺ هٽي ڪنڌ مان جهوري وڌائين. ڊاڪٽر چون ٿا ڙدن توڙ بخار آهي، پر ڏنل هئي اميري جي جهڙپ! جيئُوءَ سان وير وڌائين تہ جنڙا راتُودي ڪٽ سُوڏي ڪٽي ويئس اميري وٽ!“

”هان ماسي! چون ٿا اميريپانيءَ کي چڪي هئي، انڪار ڪيائين تڏهن ئي اميري جن بڇيو هو. جنهن نانگ ٿي پانيءَ جي مڙس کي ڪاڏو هو؟“

”ائي امان هائو. مُئي جو پرتي مُنهن هجي شال!“

هڪ جواڻ عورت کي رڦٽي ٿي پيئي هئي، جنهن جي ٻني اميري جي ٻنيءَ جي پاسي ۾ هئي! پر هن اندر جو خوف لڪائڻ خاطر موضوع بدلائيندي پڇيو:

”هان. . . ادي چون ٿا تہ ڪوئلي وارا زمين مان ڪوئلو ڪڍن ٿا، ان ڪري پاڻ کي هتان لڏڻو پوندو؟!“

هائوڙي امان! اها ڳالهہ ڇوڪرن صبح جو ڪئي پيئي. “

”لڏي ڪيڏانهن ويندا سين؟!“

”چون ٿا شهر ۾ گهر ناهي ڏيندا“

هڪ ڪُراڙيءَ کي ڳڻتي ورائيوبئي

” آئون بيمار ڏيءَ سان گڏ شهر ويئي هُيس تہ باڪس جهڙين ڪُڏين ۾ پنج ڏينهن پيتا ئي نہ اچي“

ٻارڙا ۽ ننڍي عمر واريون عورتون کلي پيون هيون. هڪ ڇوڪريءَ ڪيٽو ڪندي چيو:

”اهي تہ چار ڏينهن هئا، ڪٽي ويئيين. پر هاڻ سڄي حياتي اُتي ڪٽڻي پوندي. “

وري کي ٿهڪ هوائن ۾ اڏاٽا هئا. هڪ اڌڙوٽ عمر عورت، سيني جو ڏيان پريانايندڙ سورٺ ڏانهن ڇڪائيندي چيو هو:

”ماٺ ڪريو سورٺ ڪان پُڇون. پڙهيل آهي، ريڊيو بہ سُٽي ٿي“

سورٺ آئي هئي تہ هڪ جهونڙيءَ ڪانئس پڇيو:

”سورٺ ڏيءَ پيلا ڏي خبر؟ چون ٿا تہ ڪوئلو نڪري ٿو ان ڪري پاڻ کي هتان لڏڻو پوندو؟“

”چاچي! نہ رڳو لڏڻو پوندو پر پونگا پيٽيون، گس پنڌ، ٻنيون ٻارا، وڻ وٿاڻ، پٽون پاسارا، تڙ اوارا، چانگُون چيڪارا ۽ سنگ سياپا بہ ڇڏڻاپوندا ! مطلب تہ رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي ۽ سارن پچارن تائينگهڻو ڪجهہ هتي رهجي ويندو!“

هڪ پوڙهيءَ پڇيو:

”ڏيئم! آئون سمجهيس ڪون؟!“

”ماسي مطلب تہ تون محرم تي رڙهي پنهنجي والد جي قبر تي مٿي وجهڻ ويندي آهين. هتان لڏڻ بعد شايد ايئن ڪري نہ سگهين!؟

يا وري ايئن سمجهہ تہ توکي ٻيلا پالڻ جو شوق آهي، پر شهري ماحول ۾ تون ٻيلن پالڻ جا خرچ پري نہ سگهندئين! يا وري ايئن سمجهہ تہ جيڪڏهن تون پاڳياٽي آهين، کير ولوڙڻ ۽ گهٽي لسي مکڻ تي هريل آهين، تہ اهو شُغل بہ اتي پورو ٿيڻ ڪجهہ ڏکيو آهي“!

هڪ اڌڙوٽ عمر عورت پڇڪي:

”گهوڙا مُنيس! هينئر تہ ڏڪار آهي، مال بہ کُسرتجي ويو آهي پر بہ ٻڪريون سُئائون آهن. انهن مان اڇو ڏند ڪريو وينا آهيون. آئون تہ جيسين مانيءَ مٿان لسي نہ پيئان تيسين، سوڌراڻ ئي نٿو ٿئي“

هڪ ٻي مائيءَ چيو:

”ادي ڙي! آئون تہ صبح سويل اٿي، وٿاڻ ۾ ٻيٺل مال نہ ڏسان، تيسين ڪجهہ وڻئي ڪون. ڏڪار ۾ وٿاڻ خالي پيا آهن، پوءِ ٻهاٽندي انهن کي ڏسي، گهراڙ ٻڪريون ڏهي، پوءِ اچي گهر جي ڪم ڪار کي لڳان!“

هڪ جهونڙي چيو:

”آئون سامهلي پاڙي پرٽايل ڏيءَ جي گهران جيسين رات وارو ڦيرو نہ ڪيان، تيسين ننڊ ئي نہ اچي!“

سورٺ چيو:

”اهوئي تہ آئون بہ چوان پيئي تہ شوق، شغل ۽ عادتن تائين گهڻو ڪجهہ هتي رهجي ويندو!“

ڪراڙيءَ چيو:

”گهوڙا مُنيس! آئون تہ مري وينديس“

هڪ ڇوڪريءَ چيس:

”ڏاڏي مرندئين ڪون, باقي سورن جي ٽيندئين!“

وري ڪي ٺهڪ هوائن ۾ اڏاڻا هئا.

سورٺ سنجيده ٿيندي چيو:

”گهڻو ڪري هر ٽري ڀهراڙيءَ جي عورت جي روح ۾ مارئيءَ جو واسو آهي. ڪيس بنگلن ۾ به ڪيترا طعام ۽ آرائشون مهيا ڪري ڏجن پر پوءِ به هوءَ خوش ۽ مطئمن رهي ڪونه سگهندي!“

ڪراڙيءَ پڇيس:

”ڌيئم! پڙهيل آهين, ڀلا ٻُڌائي ڪا امدادي ٻي ملي ٿي؟!“

سورٺ وراڻيو:

”چون ٿا مني, سلام ڪوٽ ۽ ٻين شهرن ۾ روز ڪيئي ٽرڪون امداد ورهائجي رهي آهي. ٿُڪ ٻُجي ۽ ڏَک نيلهي جا ڏاڍا ماڻهو ڪپڙا بدلائي, ڏهاڙي ڏهه ڏهه ڀيرا امداد وني رهيا آهن. جڏهن ته ڀهراڙين ۾ جتي روزگار به گهٽ آهي ۽ ڏُڪار جا اثر به سوايا آهن, اتي امداد به نٿي پهچي. ڪي ماڻهو عزت نفس مجروح ٿيڻ جي خوف کان ڏنبن ۽ نيلهن ۾ امداد وٺڻ کان ماڳهين بک مرڻ کي ترجيح ڏيئي رهيا آهن!“

هڪ ٻي مائي ڳالهائي:

”ڀر واري ڳوٺ ۾ ڪالهه تيرهين گاڏي ورهاڻي آهي, سياڻي چوڏهين اچڻي آهي. امداد جام ٻيئي ورهائجي“

سورٺ چيو:

”ان ڳوٺ جو هڪ همراه اين جي او ۾ آهي, پنهنجي اداري جي سڀ امداد پنهنجي ڳوٺ ۾ لهرائيندو آهي“

مائيءَ چيو:

”ڳوٺ جي جهر ڪي ڳوٺ ڏانهن اڏامندي آهي, پر اهو ته صفا ناحق آهي, جو رڳو ڳوٺ ۽ برادريءَ کي نوازجي“

سورٺ چيو:

”ماسي ناحق ته آهي پر حق رسائي ڪير ڪري؟ حڪومت ۾ انڌ ڌنڌ لڳي پيئي آهي. پاڻ واري مائٽ ٽپيدار پنهنجو گهر امداد سان ڀري ڇڏيو آهي, پر پرسان سندس پاڙيسري وهنيل کي هڪ بسڪيٽن جي پُڙي به نه ملي آهي, ڪٿي آهي انصاف؟!“

ڪُراڙيءَ چيو:

”بس امان جنهن کي وارو ملي ٿو اهو پنهنجي پُوري ڪري ٿو. منهنجي ناناڻي ڳوٺ ۾ ويچاري متاري جي انگ تي سڄو ڪپڙو بہ ڪون هو. ان جو پٽ، چون ٿا شهر ۾ اخبار جو نمائندو ٿيو آهي. گاڏيءَ مان پير ڪون ٿو ڪڍي. چون ٿا اهو بہ مختيارڪار کان چار گاڏيون امداد ڪڻائي آيو. بہ گاڏيون ڳوٺ ۾ ورهائي، بہ گاڏيون گهر رکي ويو. “

سورٺ چيو:

”لڳي ٿو ڏڪار، ڪامورن، صحافين، اين جي اوز وارن، ۽ وڏيرن پٽيلن لاءِ سٽيو گرھ ٿي پيو آهي. “

”ڏيئم! صفا سچي آهين. پنهنجي بہ ڳوٺ جي وڏيري سرڪاري ڪڻڪ جو ڍيپو کنيو آهي. پنهنجي مال کي بہ ڪڻڪ پيو چاري، اها ڏاڏهنس جي ٿوروئي آهي، پاڻ غريبن جي نالن تي ڪنئيل هوندي. “

”ٻيو نہ ته!؟“

هڪ ڪراڙيءَ پڇيو هو:

”سورٺ! نانهين جانو اجان جڙد مڙد لڳو پيو آهي. ٻڪرين جي ٿهل ٽڪور بہ ڪري ۽ آنڪارو بہ ڪڍي وڪڻي ٿو. اوهان جي گهر تہ هيلوڪي ڏُڪار ۾ هرويرو لانگهو ڪون آيو هوندو؟“

سورٺ وراڻيو:

”هائو ڏاڏِي! رب جو شُڪر آهي“

هن سوچي سمجهي اها ڳالهہ لڪائي ڇڏي تہ ڪڏهن ڪڏهن سندس گهر ڀاتين کي پڻ بُکيو سمهڻو پوندو هو.

هڪ ٻي عورت ڳالهائي:

”اديون ماٺ ڀلي آهي! هيلوڪي ڏُڪار تہ منجهائي ماريو آهي. بيماري ڇڏي ڪون ٿي. سرڪاري اسپتال ۾ علاج ڪونهين. ٻين اسپتالن ۾ وڃ تہ ماڳهين ڊاڪٽرن جو ٻاڪو نٿو ڀرجي. مال مري پيو ٻار مرن پيا“

ڪراڙي ڳالهائي:

”هائو امان! رڳو خدن جي ڀاڙي ۾ بہ ٻارڙيون گذريون آهن“

ٻارن جي ڳالهہ نڪتي تہ سورٺ کي پنهنجو ڇئن سالن جو پٽڙو سڄڻ ياد آيو. جنهنکي هوءَ راند ڪرائڻ لاءِ جانُوءَ وٽ ڇڏي آئي هئي، جنهن کي رات کان هلڪو زڪام لڳلهو.

هوءَ ماين کان موڪلائي گهر رواني ٿي. گهر پهچي سورٺ کي محسوس ٿيو تہ سڄڻ جي طبيعت ۾ ڪجهہ وڌيڪ گڙٻڙ هئي. هن جي سهڪي جو آواز ڪجهہ وڌيڪ ڳرو هو ۽ هُو ڪجهہ ڪائڻ بنا ئي ننڊ پئجي ويو هو. سورٺ پريشان ٿي جانوءَ کي چيو هو:

”نانا! سڄڻ نيڪ ڪون ٿو لڳي“

”ها امان! اڄ مونکي بہ موج ۾ ڪون ٿو لڳي. گهر ۾ روڪڙو پئسو بہ ڪونهين. نہ تہ هينئر ئي منيءَ وٺي هلونس. هينئر سواري بہ ڪون ملندي. ڪُدن واري لانگ گاڏي وٺندي 2000 روپيہ پاڙو. همراہ بہ بي لحاظو اهڙو جو ذرو بہ اوڌر ڪون ڪندو. آخر ڇا ڪريون“

سورٺ لوٽي تي هٿ ڦيريندي وراڻيو هو:

”بس رب وڏو آهي، صبح تائين ڏسون ٿا. “

جانوءَ پنهنجي ڪٽ ڏانهن ويندي چيو:

”صبح ٿئي، پوءِ ڏينهن شينهن آهي. جمعي واپاري کي مموڙي ٻڪري اوٺي پوٺي ڏنيسين تہ بہ ڏهاڪو هزار ڪن ملي پوندا“

سڄڻ سان گڏ ستل سورٺ، پنهنجي پٽ جي مٿي تي هٿ رکيو. جيڪو ٿورو ٿورو ڪوسو لڳي رهيو هو. هن کي انيڪ وسوسن ورائي وڌو.

”سڄڻ کي ڪجهہ ٿيو تہ آئون ڪيڏانهن وينديس؟! نانا جانو بہ الاءِ ڪيترا ڏينهن حياتي هوندو؟“ هوءَ بيجواب سوالن جي ٽياس تي ٽنگجي پيئي. ڪٽ تان اٿي دلي مان پاڻيءَ جو گلاس پيءُ وري اچي سڄڻ ڀيڙي ليٽي. سوچن جي ڇوليءَ سندس ذهن جي ٻيڙيءَ کي، ماضيءَ جي ساحل ڏانهن ڌڪي ڇڏيو.

”سندس والد سلطان سيٺ جو قرض مقرر تاريخ تي پري ڪون سگهيو هو تہ سيٺ، سورٺ جو سنگ وڏيري لائق جي لولي لنگڙي پٽ کي ڏيئي پنهنجو قرض وصول ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون هيون. تڏهن سورٺ پاڻ کي وڪري جو ڍور محسوس ڪندي، زندگيءَ اڳيان ڪوبہ احتاج ڪرڻ مناسب ڪون سمجهيو هو. هن تہ اها ايڏي وڏي خبر دلبر کي ٻُڌائڻ بہ ضروري نہ سمجهي هئي. بس هن لوڪ کان لڪي پٽ جي پاڪر ۾ دلبر سان ڪيل ٽئين ملاقات ۾ رڳو اهو چيو هو:

”دلبر منهنجي شادي ٽيڻ واري آهي. مون توسان جيون گهارڻ جا سپنا سجايا آهن. آئون گهر ڇڏڻ لئہ تيار آهيان، مونکي ڪڍي هل“

”مني آئون اڳي ئي شادي شُده آهيان، آئون اڄڪلہ هرپاسي کان وسندڙ تيرن کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ايئن ڪيم تہ منهنجا مخالف ان کي پيچيده اشو ٺاهي، مون لاءِ مسئلا پيدا ڪندا. آئون ڪٿي بہ ڪنڌ ڪڍڻ جهڙو ڪون رهندس!“.

دلبر جي جواب هن کي مايوس ڪيو هو. هوءَ محرومين جي اڻکُٽ بليڪ هول ۾ هلي ويئي هئي. موڪلائڻ مهل هن دلبر کي چيو هو:

”پاڻ شايد هاڻ هيئن ملي ڪون سگهنداسين. شاديءَ ڪانپوءِ آئون پرائي ملڪيت ٿي وينديس!“

دلبر وراڻيو هو:

”مون هيستائين جي ملاقاتن ۾ تو طرفان مقرر ڪيل حدن کي ڪراس نہ ڪيو آهي. گڏ ويٺا آهيون, پوءِ بہ وچان تڪلف جي تلوار رکي پيئي آهي. اڌورين چمين جي حسرتن جي تربتن تي, مون کي بہ ڪُتبا نہ لکيا آهن. مون تہ بس ٿڌي ريت تي, چاندوڪين ۾ تنهنجي اکين سان اکيون ٻکي, ديدار جا انوکا ڪش هنيا آهن. مون لاءِ تہ تنهنجي حُسن جو اهوئي انعام ڪافي آهي. “

”مهرباني“

”پر اڄ پنهنجي وچانليٽيل” فاصلن” جا لغڙ ڪاٽا ڪرڻ لاءِ دل هُرکُر ڪري رهي آهي, هڪ بيساختہ چمي باربار چپن تي چُرپر ڪري پيئي! ڇا تون منهنجي اها پهرين ۽ آخري هُجت پوري ڪندئين!“

”نہ ...جيڪي چپ هميش لئہ منهنجا ٿي نٿا سگهن, انهن جون هجتون مون تي هلي نٿيون سگهن!“

”چڱو محبت پاڪ ۽ لاحاصل هجڻ جو بہ پنهنجو حُسن آهي. مونکي فخر آهي تہ مون سندم انساني خواهشن جو گلو گُهٽي بہ, محبت کي لُڙ ٿيڻ کان بچايو آهي. پر ياد رکجان زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن ٻي مان اهڙي اميد متان رکين!“

”منهنجي زندگيءَ جي وارثي ڪري نٿو سگهين, پوءِ پنهنجون صلاحون بہ پاڻ وٽ رکي ڇڏ!“

هوءَ اٿي هلي آئي هئي. ٻئي ڏينهن هن دلبر جي پروگرام ۾ زليخان کي ساٿي ڪمپيئر طور ڪمپيئرنگ ڪندي ڏٺو هو. هوءَ دلبر سان بنه بيحجاب ڳالهائيندي, کلندي ۽ کيڏا ڪندي رهي هئي, سندس ٺهڪن جا ٽانڊا هن جي هانءَ تي هارجندا رهياهئا. زلي ۽ دلبر جي ڳالهين جو هر لفظ سندس محبت جي شيش مهل لاءِ هٿوڙو هو! هن سندس ريشمي سماعتن سان پهريون ڀيرو رقيب جذبن جا ڪاوا چُنبڙي روح کي رتو رت ٿڦائي وڌو هو !

سورٺ کي ايئن محسوس ٿيو هو جڻ دنيا ختم ٿي پيئي هئي. هن جي زندگيءَ مان دلبر جي روپ ۾ آيل خوشيءَ جي عارضي ۽ آخري ڪرن بہ هلي ويئي هئي. هن کي لڳو هو هن دنيا جي ڪابہ چڱي شيءِ غريبن جي مقدر کان رُٺل هئي ۽ ان تي فقط زُليءَ جهڙن مخصوص بااثر هستينجو حق هو!جيون ۾ مليل محرومين ڪيس جڳ جهان کان بدظن ٿڦائي وڌو. دلبر کي مياري ميسيج موڪلڻ بعد هن موبائل

مان سم ڪڍي اُڇلي ڇڏي. بچيل سڀ نمبر ڊليٽ ڪري موبائيل پاٽس ڪي ڏيئي ڇڏيو. ريڊيو مان سيل ڪڍي، ريڊيو چونئري جي پٽ تي رکي ڇڏيو.

هوءَ لائق جي لولي لنگڙي ڇوڪري سان پنهنجي وڪامڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي هئي. تڏهن ئي سندس ماءُ طرفان پيار پرٽو ڪرڻ تان رُسي سڀ سنگ ختم ڪندڙ سندس ناني جانُوءَ هن کي لائق وٽ وڪامڻ کان بچائي ورتو هو. هن سندس ناني سلطان سان نه رڳو ناهه ڪري ڪيس معاف ڪيو هو بلڪه سيٽ جو قرض به ڀري ڏنو هو.

ڇئن مهينن بعد جانوءَ برادري طريقي سان سورٺ جو سنگ پاڻ وٽ پُٽيلو ڪيل ڇوڪري شيرل لاءِ گهُريو هو. سلطان انڪار ڪري نه سگهيو هو. ۽ ايئن سورٺ شيرل سانلانئون لڏيون هيون. لانئون لهڻ جي رسم ويل جڏهن عورتن طرفان سنوڻ ساڻ ٿي رهيا هئا. تڏهن هڪ ڪوئو. گهوٽ ڪنوار اڳيان ڪُڏي بد شُگوني ڪري رهيو هو. شيرل پير جي جتيءَ سان ڪوئي کي ماري وڌو هو. ڪوئو مارڻ بعد هن گدگد ٿي موڙپوئتي هتايا هئا. نه رڳو داد طلب نگاهن سان آسپاس موجود عورتن ڏانهن ڏنو هو بلڪه گوڏي سان سورٺ کي لوڏو ڏيئي اهو احساس به ڏياريو هو ته ڪيئن نه هن وڏو ڪارناموڪيو هو. ان پهرين هلڪڙائيءَ سورٺ جي دل ۾ شيرل لاءِ نفرت جو ٻج ڇٽي ڇڏيو هو.

ڪيس شدت سان دلبر ياد آيو هو جنهن راتين ۾ جهنگ جي اڪيلائين باوجود. نه رڳو سورٺ طرفان مقرر ڪيل حدن سان ڪڏهن هٿ ڪونئس ڪئي هئي، پر هُن ته خطرناڪ ڪارو نانگ مارڻ وقت به مُڙي سورٺ ڏانهن ڪون نهاريو هو!

شيرل جي هلڪڙائي ويل سورٺ جي دل شدت سان دلبر کي ياد ڪيو هو. هن دل ئي دل ۾ سوچيو:

”هي ڇوڙين وارا نازڪڙا ٽرُو ڇورا به پاڻ کي مُڙس ماڻهُو ٿا سمجهن پر حقيقي مرد ته دلبر هو! بس منهنجي قسمت ايئن هئي، نه ته شيرُو تون منهنجي موچڙي جهڙو به ناهين!!“

هوءَ نڪڙي ته شيرل سان گڏ هلي ويئي هئي، پر شيرل هن جي تصوراتي مرد جي جاءِ والاري نه سگهيو هو. ويتر سندس هلڪڙائين سورٺ جي دل ۾ هن لاءِ نفرت ڪنو ڪري ڇڏي هئي. پر هڪ ٽري عورت جيان هن ٻاڦ ٻاهر ڪيڻ کي مهٽو مچيو هو. تڏهن ئي ته سندس وجود بند بازيگر نيهائين ٿي پيو هو!

ٻه سال اڳ شيرل کي بلا ڪاٽو هو. ويجهي سرڪاري اسپتال ۾ زهر جون سُيون موجود ڪون هيون. ڪيس حيدرآباد ريفر ڪيو ويو ۽ هن رستي ۾ ئي دم ڏٽيءَ حوالي ڪري ڇڏيو.

سورٺ ٽري رسمن موجب لوڪا چاريءَ پار ڪيڍي رُني هئي. هن ڇوڙيون به لاٿيون هيون ۽ وڌواهن جهڙا ڪپڙا به پاتا هئا. پر حقيقت اها هئي ته هوءَ ور جي وڇوڙي جو گهرو گهاوُ محسوس ڪري نه سگهي هئي. بس هن کي سُهاڳ وڃايل عورت جي مهٽي ضرور ماريو هو!“

سڄڻ جي پرسان ليٽيل سورٺ پاسو ورائيو تہ سندس ڏيان سڄڻ جي ساھ جي گهگهي آواز ڏانهن ڪجي ويو. هن پريشان ٿي سندس مٿي تي هٿ رکيو. جيڪو ڪجهہ وڏيڪ گرم لڳي رهيو هو. هوءَ اٿي جانوءَ جي کٽ جي پرسان وڃي بيٺي. جانو اڳ ئي جاڳي رهيو هو.

”نانا سڄڻ جو بخار وڌي رهيو آهي. ساھ ۾ پڻ سوڙهہ اٿس“

جانوءَ اٿندي چيو:

”خدا خير ڪري، اڃان اڌ رات بہ ڪون ٿي آهي. پٽون بہ ڪون لڙيو آهي! صبح تائين الاءِ ڇا ٿئي؟ پر آئون لاٽتر ٻاري جمعي واپاريءَ وٽ وڃان ٿو. مموڙي ٻڪري وڪڻي خدن واري گاڏي وٺي ٿو اچان. هينئر ئي هلون ٿا منيءَ!“

سورٺ واپس وڃي ليٽي هئي. هن سوچيو:

”آئون بہ ڪيڏي نہ بدنصيب آهيان. پرڻجي آيس ٻي سال مڙس مئو. نانا جو ڏيڍ سئو ٻڪرين جو ڌڻ هوندو هو سو بہ ڪُٺي ويو. نانا جي اکين جو تارو مموڙي ٻڪري بہ اڄ وڪجي پيئي، جنهن کي ايندڙ پڙيءَ تي جمعو واپاري ڪاهي ويندو. منهنجي ٻچڙي جو بہ الاءِ ڇا ٿيندو؟!“

هن جو ذهن پٿر وسڻ وارو پراسرار جزيرو ٿي پيو. غم سان سڙٻات ڪندي، الاءِ ڪيترو وقت گذريو هئس. هن گهٽيءَ تي گاڏي بيهڻ جو آواز ٻڌو. ڪجهہ دير بعد جانوءَ اچي چيس:

”امان سورٺ! ماڻهُو مِرون ٿي پيا آهن. جمعون ڇهن هزارن کان مٿي ريبو بہ نہ چڙهي. ڏنئين مجبوري آهي، پاڻهين اڌ رقميءَ ۾ ٻڪري ڏيندا. امان نيٺ ڇا ڪريان پيٽ تي پٿر رکي بہ ڏهن هزارن جي ٻڪري ڇهن هزارن ۾ ڏيڻي پيئي!“

سورٺ جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا. جانوءَ دلداري ڏنس:

”بس سڄڻ حياتي هجي، ٻڪري ويئي تہ قربان ٿي! تون سڄڻ کي گاڏيءَ تائين کڻي اچ“

لانگ گاڏيءَ جي سيٽ تي سڄڻ کي هنج ۾ جهلي، سورٺ اکيون بند ڪري ڇڏيون. سڄڻ جي ساھ جي ڇڪتاڻ جو آواز گاڏيءَ جي انجڻ جي آواز ۾ وڃائجي رهيو هو. ۽ سورٺ جي دل جي هر ڌڙڪن بي اختيار چئي رهي هئي:

”شال سڄڻ جي زندگيءَ جو خير هجي!“

⊙

# باب ڏهون

”مونکي ڪراچيءَ واري آفيس سنيالٽي آهي، ان ڪري صبح سوير هتان هليو ويندس. توکي پريم چند جي انڊر ۾ ڪم ڪرڻو آهي. اڳي اين جي اوز جو سٺو تجربو اٿس. “

”حاضر سائين!“

”ٺيڪ آهي، دل و جان سان سماجي خدمت کي لڳي وڃو. ٽري ڊڪار وڏو انساني الميو ٿي سامهون آيو آهي، آهستي آهستي عالمي برادريءَ جو ڌيان ڇڪجي رهيو آهي! حڪومتي توڙي اين جي اوز ۾ تمام گهڻي امداد اچي رهي آهي. پنهنجي اين جي او جي ساک ٺهڻ ۾ ڊونرس وٽ پروسي جوڳو بڻجڻ جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته اوهان امدادي ورهاست ۾ مستحقن جي حالت کي ڪيترو سليقي سان ڪيمرا ۾ قيد ڪريو ٿا! ڪاغذن کي ڪيترو ابهام کان آجو ۽ صاف سٿري آڊٽ جوڳو رکو ٿا ۽ وڏي ڳالهه تهآيل“ وڏن“ کي مطئمن ڪرڻ جو فن ڪيترو ڄاڻو ٿا؟! وڌيڪ مون پريم چند کي سمجهائي ڇڏيو آهي. “

دلبر يوسف کان موڪلائي وڃڻ لڳو ته يوسف چيس:

”منهنجو پيٽيو ملوڪ جو دوست آهي. نئون نئون ٽر آيس ته ملوڪ جوئي مهمان ٿيو هئس. ملوڪ جي چوڻ تي ئي مون توکي اهم ذميواري ڏني آهي، ورنه تو وٽ اين جي او جو ڪو تجربو نه آهي“

”ٿينڪس باس “

”۽ ها _ تنهنجي باري ۾ مقامي اين جي اوز جي دوستن کان سٺو فيڊ بيڪ ناهي مليو. پر توهان ته هيستائين مونکي ٺيڪ پيا لڳو. انشاءُ الاه توهان ترقي ڪندا “

”مهربانيون سر“

دلبر پيشيوراڻي ڪم ڪار کي لڳي ويو هو پر پريم چند جو مُنهن اڪثر سُجيل هوندو هو. جيڪو هن جي ڪم ۾ نه رڳو اجايو رنڊڪ وجهندو هو پر اڪثر مک وانگر غلطين جو گند ڳوليندو رهندو هو. جيئن دلبر کي تنگ ڪري پنهنجي برتريءَ جي احساس ۾، خسيس انا جي تسڪين ڪري سگهي! ڪڏهن ڪڏهن دلبر کي دُودڪي چڙهندي هئي، پر هرهر دماغ ياد ڏياريندو هئس:

”خبردار !موجوده وقت ۾ ترقيءَ لاءِ خودداريءَ جو گلو گُهٽڻو پوندو آهي“

دلبر ايئن ئي ڪيو. هن پنهنجي وجود کي وساري ڇڏيو. ڄڻ روبوٽ هو. پريم چند جي حڪمن جي اکيون ٻوٽي بجا آوري ڪري رهيو هو!

پريم چند کي جڏهن پڪ ٿي پيئي ته دلبر هاڻ پنهنجي پُراڻي ڪَل لاهي چڪو آهي ته هن کيس همراز بڻائڻ شروع ڪيو:

ٽرين کي صاف سُٿرو بنائڻ لاءِ 50 لک رپيه آيا آهن. مٿيان به ڪي صفا چريا آهن. ماڻهو بک ٿا مرن، هنن کي صفائي ياد آئي آهي!

پر مون سيٽ سان ڳالهائي ڇڏيو آهي، سستو سامان جنهن ۾ بالٽيون، صابڻ ، ٽُٿ پيسٽ ۽ توليا وغيره شامل آهن، ٻن ٽن ڀيرن ۾ ورهائيندا سين، جيئن مٿان ڪو اچي ته کين اهي وزٽ ڪرايون. باقي پيٽن ۾ روڊ نه هجڻ جو بهانو گهڙي ونبو. "

"جي بهتر سائين "

"شناختي ڪارڊن جون ڪاپيون ڀوتاڻن کي دلاسو ڏيئي، اڳواٽ ڪٺي وٺو. باقي ڪاغذي ڪاروائيءَ جو تون پيڙ لڳو پيو آهين. آئون پاڻ ئي سيٽ کان بل تي صحيحون ڪرائي وٺندس، ٽپي سميت!"

دلبر ايئن ئي ڪيو هو. هن کي به جڏهن حصو پتي ملڻ شروع ٿيو ته دماغ ڦِٽڪيو:

"ڏس اڳ ۾ منهنجي مجين ها ته هينئر ڪروڙن سان رانديون ڪون ڪرين ها!"

دلبر ڪروڙن سان رانديون ته ڪون ڪيون پر لکن جي لوڏ ضرور ڪئي. هن مٺيءَ ۾ بنگلو خريد ڪيو. ڀوتاڻان گهر وارن کي مٺيءَ شفٽ ڪيو. ڪار خريد ڪري پاٽيجو ڊرائيور رکيو. جيڪو روز ٻارن کي مهانگن پرائيويٽ اسڪولن ۾ ڇڏڻ ۽ کڻڻ ويندو هو.

دلبر جي اٿي ويٺي ان ڪلاس سان ٿيڻ لڳي هئي، جيڪو ٿر جي سول سوسائٽيءَ جو دعويدار هو. ٿري ماڻهن جي مسئلن جي حل لاءِ سرڪاري توڙي غير سرڪاري سيمينارن، ورڪ شاپن، گڏجاڻين ۽ ٻين تقريبن ۾ پڻ اهو طبقو اڳتي اڳتي هو جنهن ۾ هاڻ دلبر جو اضافو پڻ ٿيو هو!

پريم چند کي سماجي خدمت جي مڃتا ۾ وڏو سرڪاري ايوارڊ مليو هو. جنهن کان پوءِ هن پنهنجي نئين اين جي او قائم ڪئي هئي ۽ پريم چند جي جاءِ وري دلبر والاري هئي.

پريم چند پراڻن يارن کي وساريو ڪون! ٿر ڇڏڻ ۽ ٻلي ٻلي ٿيڻ باوجود پريمچند، دلبر سان رابطو ڪون ٽوڙيو. ڪڏهن ڪڏهن هيلو هاءِ ڪري ٿر جا حال احوال وٺي وٺندو هو. هڪ ڏينهن ڪال ڪري پڇيائين:

"دلبر تون علم ادب سان وابسته رهيو آهين. آئون چاهيان ٿو ته مونکي ٿر جو عبدالستار ايڌي سڏيو وڃي، ڀلا اهو ممڪن آهي؟!"

"پنهنجي سنگت ۾ هينئر ڪجهه به ناممڪن نه رهيو آهي. پنهنجي صحافي يار صالح کي شوق جاڳيو ته سندس مرحوم والد جانڻ کي جديد ٿر جو ابو قرار ڏيارجي. سو هن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان

نالي چڙهيا عالم، اديب ۽ صحافي گهرائي، کين پنهنجي والد جي نيڪ ڪمن جي لسٽ لکي ڏني. ڪو دستاويزي ثبوت تہ ڪپيو ڪون ٿي. بس جيئن ڪنهن زماني ۾پاڻ ”وڏن“ جا ميٽر گهمائيندا هئاسين، ايئن صالح بہ ڪيو. “

پريم چند ٺهڪ ڏئي چيو:

”اجان بہ گهٽ ڪون ٿا ڪريون؟!“

دلبر بہ کلي پيو. چيائين:

”بس صالح پاڻ ڪان هڪ ڳالهہ ۾ اڳتي نڪري ويو. هن دسترخوان تي پاڻ وانگر ٿري ۽ غير ٿري ڪاڏا تهدگهي قطار ۾ سجايا ويتر مهمانن کي ٿر جون ثقافتي شيون سوکڙي ڪري ڏنيون. پوءِ تہ اسٽيج تي انهن ڄاتل سڃاتل شخصيتن، صالح جي مرحوم والد جا اهڙا ڳڻ ڳايا جو خود آئون بہ حيران رهجي ويئس. مار ههڙا ماڻهُو هيستائين ڪٿي لڪيل هئا؟“

پريم چند پڇيو:

”صالح جو والد ڇا ڪندو هو؟“

دلبر وراڻيو:

”اخباري نمائندو هو. ٿرين جا مسئلا اعليٰ ايوانن ۾ پهچائيندو هو“

”پوءِ تہ آفيسر ۽ سياستدانن ڪان مراعتون وٺي صالح لاءِ گهڻو ڪجهہ ڇڏي ويو هوندو؟!“

”هائو هائو! صالح اڳي ئي پيريءَ تي وينل آهي. اجايو اجان لالچ نٿو ڇڏي. مختارڪار ڪان چار گاڏيون امداد ڪيدائي ڳوٺ ڪٺي ويو. هفتو اڳ وري مونکي چئي تہ تنهنجي تنظيم جي سامان جون بہ گاڏيون ڏي!“

”پوءِ ڇا ڪيئي“

”بس مُنهن تي ڏُوڙ وڌم“

”سنو ڪيئي، ڪُتي سان رهائي سُني! پر مونکي صلاح ڏي ڇا ڪجي؟“

”چيم نہ سنگت کي تيار ڪر، توسان شام ملهائين. نالي چڙهيل عالمن ۽ اديبن ڪانپاڻ تي مقالا لکرائي. سنگت نيٺ ڪڏهن ڪم ايندي؟“

”اهو تہ سڀ ڪجهہ ٿي ويندو پر صالح واري ڳالهہ ٻڌي سوچيان ٿو پهريان بابا لاءِ ڪجهہ ڪجي. هن استامپ وينڊريءَ سان غريبن جي مسئلن کي وس وارن تائين پهچايو هو. “

”پلا موجوده سياسي بااثرن سان هجت اٿئي؟“

”ها تمام گهڻي! غير اقتداري ڏينهن ۾ منهنجا مٺن ٿورا آهن. پر بابا وارو ڪم، قلمڪارن جو آهي“

”قلمڪارن کي ورسي تقريب ۾ گهرائي سرڳواسيءَ کي مسڪين جهان خان جو همدرد قرار ڏياريندا سين، هونئن به سنڌي دانشوريءَ جي خبط ۾ مبتلا همراه اڄڪلهه اقليتن ، عورتن ۽ مرحومن تي وڌيڪ مهربان آهن. خللي ذات ڏٽين جو مُنهن بند ڪرڻ لاءِ سرڳواسيءَ جي نالي سان ڪين ايوارڊ به ڏينداسين. پر آئون چاهيان ٿو ته ان پروگرام ۾ بااثر سياستدان به هجن، جن کان گڏيل پٽ جو نالو سرڳواسيءَ جي نالي سان منسوب ڪرائجي!“

”واه جي صلاح آهي. هونئن به بابا گڏيءَ جي تعميراتي ڪم جو ٺيڪيدار به رهيو هو“

”پوءِ ته گڏي پٽ تي اوهانجي والد صاحب جي نالي جي تختي سجڻ سندس حق آهي!“

”بس اوهان جهڙن دوستن جا ساٿ رهيا ته اهو ڏينهن به پري نه آهي!“

نيٺ اهو ڏينهن به آيو هو. پريم چند جي والد جي ورسي تقريب ۾ عالمن ۽ اديبن ماڻهنکي سمجهايو هو ته:

”پريم چند جي والد، ان دؤر ۾ غريبن جي خدمت ڪئي، جڏهن مسڪين ماڻهو پوليس واري سان ملڻ کان به ڪيٻائيندا هئا. پريم چند جو والد نه رڳو ڪين درخواستون لکي ڏيندو هو پر ساڻن گڏ وڃي ڪامورن سان اٽڪي به سندن مسئلا حل ڪرائيندو هو. “

ان ڳالهه تي پنڊال ۾ جام تاڙيون وڳيون. ان کان به سرس تاڙيون تڏهن وڳيون، جڏهن هڪ نوجوان شاعر، جنهن کي پريم چند اين جي جي نوڪريءَ سان لڳايو هو تنهن تقرير ڪندي انڪشاف ڪيو: ”سرڳواسي نه رڳو عظيم سماجي خدمتگار هو پر پاڻ ٿر جي تاريخ جو عالم، شاه سائينءَ جو پارکُو ۽ تمام وڏو سگهڙ پڻ هو. هن ڪيترائي ناياب بيت، دوها ۽ لوڪ ادب جا وچايل ورق گڏ ڪيا. نه رڳو ايترو پر پاڻ هڪ سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ماڻهن جي خدمت پڻ ڪئي ۽ وڏيرن پٽيلن کي للڪاريو“

پنڊال تڏهن به تاڙين سان گُونجي اُٿيو جڏهن بااثر سياسي شخصيت اسٽيج تي اچي اعلان ڪيو ته

”سرڳواسي طرفان ٿري عوام لئه ڪيل خدمت جي اعتراف ۾ گڏي پٽ جو نالو سندس نالي سان منسوب ڪجي ٿو!“

****

دلبر نہ رڳو دنياداري سکيو هو پر هن پنهنجي دل کي بہ موبائل سم وانگر ڪڍي هڪ پاسي رکي ڇڏيو هو. ڏڪار هن لاءِ قدرتي سوکڙي بڻيو هو. هن پنهنجي اين جي او طرفان ٽرين جي مدد جي ناليءِ، نہ رڳو پنهنجو گهر ڀريو هو پر رشتيدارن ۽ سنگتين ساٿين کي بہ خوب نوازيو هو. البتہ رشتن ۽ سنگت ساٿ جي حوالي سان وٿس، اڳوڻيون اوليتون ۽ ترجيحون نہ رهيون هيون. هن جي رشتيدارن ۾ غريب ۽ پسمانده فرد مائنس ٿي پيا هئا، جڏهن تہ دوستن ۾ وري مختلف شعبن جي بااثر ماڻهن جي کيپ موجود هئي، جن جي اڪثريت ماضي ۾ هن جي بدترين مخالفن تي مشتمل هئي!

جڏهن کان هن دماغ جي صلاحن تي هلي، دل کي جبري موڪل تي موڪليو هو تڏهن کان سندس پنجئي آڱريون گيهہ ۾ ٻُڏيون هيون. دل جي ضرورت ڪيس عملي طور صرف تڏهن محسوس ٿيندي هئي، جڏهن اولاد يا صفا ويجهن رشتيدارن جو معاملو اڳيان ايندو هو. ڳالهين جي حد تائين، ڪنهن عورت کي جملن سان جهٽڻ ويل، ڪيس دل کان لفظ اُڌارا آڻڻا پوندا هئا. هن کي اسٽيجن وغيره تي ڳالهائڻ ويل بہ دل سان ڳالهائڻو پوندو هو! اهوئي سبب آهي جو هن تقريرن، بيانن، شعرن، ليڪچرن، ليڪن ۽ ڳالهين سان هڪ دانشور واري سڃاڻپ ٺاهي ورتي هئي. جنهن کي ٿر جي سول سوسائٽيءَ ۾ عزت جي نگاه سان ڏٺو ويو ٿي.

ٿر جا مسئلا ۽ انهن جي حل متعلق فورمن، سيمينارن، ڪميٽين ۽ باڊين تائين، مطلب تہ هرهند دلبر موجود هوندو هو! ڪي دوست تہ ڪيس ٿر جو انا هزاري بہ چوندا هئا. ٻاهريان آيل مهمان ڪيس ٿر تي اٿارٽي سمجهندا هئا. ڪجهہ ڏينهن کان دلبر جي دماغ ڪيس املهہ صلاح ڏني هئي. هن پينٽ شرٽ ۽ ڪاٽن ڪپڙا پائڻ ڇڏي ڏنا. پهرين تہ هن چاهيو تہ ڏاڙهي ڇڏائي، اڇي ٽوپي پائي، ۽ هٿ ۾ تسبيح رکي، پر هن ڏٺو تہ ڪن آڙيڪاپن ان شيپ تان بہ عام ماڻهن جو اعتماد کٽائي ڇڏيو هو. ان ڪري هن سادا ڳوٺاٽي نموني جا اڇا ڪپڙا، پيرن ۾ چپل ۽ ڪلهن تي پراڻو مفلر رکڻ شروع ڪيو. ڪافي ڏينهن کان ڪاڏل مال جي چربي گهٽائڻ لئہ اڪثر پنڌ هلڻ لڳو. پروسي جوڳن يارن کان پاڻ کي فقير سڏايائين. هاڻ جڏهن بہ ٿري عوام متعلق هن جي ڪيل سونهري خدمتن جو ذڪر ٿيندو هو تہ سندس سادگي ۽ فقير منش طبيعت تي بہ روشني وڌل اوس هوندي هئي! ان قسم جي ذڪر تي ڪٿان بہ ڪنهن خاص حيرت جو اظهار ڪون ٿيو سواءِ ان جي تہ اين جي او ۾ سندس ماتحت رهندڙ عورتون سندس فقيريءَ جو ٻُڌي لمحن لئہ ڇرڪيون هيون، جن کي هن ماضيءَ ۾ مختلف وقتن تي باس واري ڪرسيءَ جا گُر هلائي، جنسي طور حراسان ڪيو هو!

❁❁❁

دلبر پنهنجي ماتحت کي چئي رهيو هو:

”چار ڇڪڙا سامان جا پرائي ننگر وڃ. صرف ننگرپارڪر ئي رهيل آهي، جتي اسانجي تنظيم طرفان امداد نہ پهتي آهي. پر خيال رکجان تصويرن ۾ وڌيڪ ڏُبرا ۽ هيٺي حال وارا ماڻهُو نظر اچڻ گهرجن. تنظيم وارو بينر بہ پويان نمايان هجي. ۽ ها مولوءَ کي چئجان تہ اخبار ۾ خبر لڳي تہ ڪٽنگ رکي. “

”سائين مولو ڪالهہ کان فون پيو ڪري، چوي ٿو تہ بہ گاڏيون مون لاءِ ؟“

”ان ڇچڙ مان لڳي ويا آهيون. خير تون ٿوري تي راضي ڪجانس. “

”بهتر سر “

”آئون سول اسپتال وڃان ٿو. وري اچي اخبار وارن ٻارن جي موت جو اشو اٿاريو آهي، خير ڪم فائدي وارو آهي! اڄ منسٽر سول اسپتال وزٽ ڪندو. آئون ايم پي اي سان گڏ منسٽر صاحب جي ساڄي ڪابي هوندس. “

”بهتر سر “

جيڪڏهن سويل واندو ٿيئس تہ اوهان کي ننگرپارڪر کان اورتي جوائن ڪري وٺندس. پر هڪ ڳالهہ جو خيال رکجان. ماڻهن کي بک ڇتا ڪري ڇڏيا آهن. متان ڇڪڙن تي چڙهي، امداد کنيي ڪٽي نہ وڃن، ان ڪري تنهنجي گاڏي ڇڪڙن سان گڏ هجڻ ضروري آهي. اهڙي صورتحال ۾ مونکي يا ويجهي پوليس کي ڪال ڪري وٺجان. اسلام ڪوٽ ۽ ننگر جا ايس ايڇ اوز منهنجي ڇُڇڪاري تي ٿهيل آهن. آئون ڪين چوان ٿو“

ماتحت کي هدايتون ڏيڻ بعد دلبر جلدي جلدي تيار ٿي ايم پي اي جي بنگلي تي پهتو هو. ڏيڍ ڪلاڪ بعد هو منسٽر ۽ ايم پي اي سان گڏ سول اسپتال ۾ موجود هو.

منسٽر هڪ روئندڙ عورت جي مٿي تي هٿ رکي ڪيمرا ڏانهن ڏسي رهيو هو جنهنجو ٻارڙو ڪجهہ دير اڳ فوت ٿيو هو. سندس سڏڪن ۾ ورهن جا درد ليٽي رهيا هئا. عورت جي پرسان هڪ ڪُراڙو روئي چئي رهيو هو:

”سائين ڪيسي وارا پئسہ، اسٽور جي دوائن، هوٽلن جي خرچن ۽ ڀاڙن ۾ پورا ٿي ويا. صبح جو ڊاڪٽرن ڇيو هاڻ حيدرآباد ڪٽي وڃو. غريب ماڻهو پئسہ هٿ ڪرڻ لاءِ هٿ پير هنياسين، تيسين ننڍڙو خدا کي پيارو ٿي ويو. “

دلبر چتائي عورت ڏانهن ڏٺو. ڪيس پنهنجين اکين تي اعتبار ڪون آيو. هوءَ سورٺ هئي. اهائي سورٺ, جنهن لاءِ هن ڪڏهن لُنڊين جا مٿا لتاڙيا هئا. راتين جون ننڊون ڦِٽايون هيون ۽ سندس تحريرن جو انتظار ڪندي, لفظن جي لالي پاپ سان پنهنجو پاڻ کي وندرايو هو. اهائي سورٺ جنهن جي ويساهه جو ڪچو گهڙو, هن نفس جي ڪوڙڙ ڪنوات جي پٿن تي بہ سلامت رکيو هو اهائي سورٺ ساڳي هئي پر دلبر ساڳيو نہ هو. سندس دل ساڳي نہ هئي. بس هڪ مشيني ماڻهو منسٽر سان گڏ ڪيمرا جي فليش لاءِ سِڪي رهيو هو!

سورٺ جي ڀرپور جوڀن جي اُس ۾, برف جهڙا اصول بہ پگهرجڻ کان بچائڻ واري شخص کي, اڄ ڪيئن نہ دولت جي دنيا بدلائي ڇڏيو هو. حالتن جي حرامپائين ڪيس ڪيئن نہ پٿر جو ماڻهو ناهي ڇڏيو هو!سورٺ اکين جي پلئو سان ڳوڙها اُگهي ورتا. اوچتو سندس نگاهه دلبر تي اٽڪي پيئي. سندس نيڻن مان هڪ تاثر جهاتي پائي پوئتي هٽي ويو. دلبر جي اکين آڏو موجود ڪاري چشمي جي شيشي سورٺ جي نگاهن جا گس روڪيا هئا, پر هُن اياڻيءَ کي اها خبر ڪون هئي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪي جيئرا جاڳندا ماڻهو بہ شيشو ٿي پوندا آهن!!

هن وري دلبر ڏانهن رحم طلب نظرن سان ڏٺو هو. دلبر کي اهو سوچي بيچيني محسوس ٿي هئي تہ "متان سورٺ ساڻس سڃاڻپ ظاهر نہ ڪري وجهي "

اهوئي سوچي هن منسٽر پويان ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. منسٽر 5 هزار جو نوٽ سورٺ ڏانهن وڌائيندي ڪيمرائن ڏانهن ڏٺو پر سورٺ جي جملي کيس شرمندو ڪري وڌو.

"پُٽ جي لاش مٿان هٿ ٽنگي اُجرو ضمير ميرو نہ ڪنديس سائين"!

منسٽر پر واري بيڊ تي داخل ٻارڙيءَ جي ماءُ کي 500 جو نوٽ ڏيئي, ڦوٽو ڪڍرائي هليو ويو پر سورٺ جو ڳالهايل جملو مٺيءَ کان ننگر ويندڙ دلبر جي مرده ضمير کي بار بار جنجهوڙيندو رهيو:

"پٽ جي لاش مٿان هٿ ٽنگي, اُجري ضمير کي ميرو نہ ڪنديس سائين"!

مٺيءَ ۽ اسلام ڪوٽ وچان ئي دلبر ماتحت جي ڪال وصول ڪئي.

"سر ڇڪڙن کي ڳوناٽا گهيري بيٺا آهن. چون ٿا ٻک ٿا مرون امداد اڳتي ڪيڏانهن کڻي ٿا وڃو!؟"

دلبر لوڪيشن پڇي وراڻيو:

"ڪين ڳالهين ۾ ٿورڙو انگيج رک. آئون پوليس کي ڪال ڪري موڪليان ٿو. ۽ پاڻ بہ جلد پهچڻ وارو آهيان"

❁❁❁

هاءِ ليڪس گاڏيءَ ڪي ڊرائيور بريڪ هنيو. دلبر سيٽ ڪولي هيٺ لٿو تہ سامهون ڳوناٽا چڪڙن ڪي گهيري بينا هئا. هڪ چڪڙي تان سامان جا ڪي ڪٽا بہ ڪريا پيا هئا، جن ڪي ماڻهو ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

ان ئي لمحي پوليس موبائيل مان لٿل پوليس وارن ڳوناٽن تي لاٺي چارج شروع ڪيو. سڀئي ماڻهو ٽڙ پکڙ ٿي ويا. هڪ موٽيل عمر شخص جنهن جي مٽي مان رت لارون ڪري وهي رهيو هو هڪ ڪٽي مٿان جُهڪيل هوءِ چئي رهيو هو:

”هي ڪٽو ڪون ڏيندس، منهنجا ٻچا بک مري ويندا. خدا جي واسطي ڇڏيو“

هڪ ڪاري رنگ جي سپاهيءَ ڪيس ڌڪو ڏيندي چيو:

”چڙڪ مڙس لڳو پيو آهين، مزدوري نٿو ڪرين؟“

سپاهيءَ جي ڌِڪي سان روڊ جي ڪناري ڪري پيل شخص ڪي دلبر سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو ڪو بيو نہ پر اهوئي ساڃي صابو هو جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڪيس تاش جي پتن سان وندرائيندو هو. هِتان هُتان جون ڳالهيون ٻُڌائي ريجهائيندو هو. اڄ بہ ڪاڪو صابو سندسلاءِ تفريح جو سامان هو. پر پاڻ قابل رحم حالت ۾ تماشو بڻجي!

هڪ سپاهيءَ جيڪو سنو شاعر بہ هو پنهنجي معلومات جي نمائش ڪندي، چيو:

”پر واري ڳوٺ جو همراه آهي، تازو چريو ٿيو آهي“

سڀئي گاڏيون اڳتي روانيون ٿي ويون. هڪ زخمي ڪرڙانٽ شخص روڊ جي ڪناري ڪنجهي ۾ چنگهي رهيو هو، ٻوهن ۾ ڪپن جا پاچا ننڍا ٿي رهيا هئا.

⊙

# باب يارهون

منٽي سول اسپتال ۾ فوت ٿي ويل ٻارڙي جو لاش ڳوٺ پهتو هو تہ پوري پاڙي ۾ ڪهرام مچي ويو هو. هر ڪو جانوءَ سورٺ سان همدردي ڪري رهيو هو. همدردي ۽ سوڳ جو ماحول جاري هو. هر روز رات جو سڀ ڳوناٺا سورٺ ۽ جانوءَ جي اڱڻ تي اچي گڏ ٿيندا هئا. جيئن سندن ڏک ۾ شريڪ ٿي صدمو سهڻ ۾ سندن مدد ڪري سگهجي. هڪ رات جانوءَ پڇيو:

”ٻيلي ڏيو خبر صابوءَ جي، ڪيئن آهي؟“

هڪ همراه ٻئي کي چيو:

”ڏس ويچارا اصلي ماڻهو! ڏهٽي مرڻ جي ڏُک ۾ بہ سنگتي صابو ياد اٿس!“

جانو ڳالهائو:

”بس هن دنيا ۾ ڏهٽي جو داڻو پاڻي ئي ايترو هو. پر وڏي ڳالهہ اها ڪونهي تہ ڪو پرائي پٽر تي پنهنجا سور سنياڙجن. پر وڏي ڳالهہ اها آهي تہ ماڻهو پنهنجي غم ۾ ٻين جا ڏُک ياد رکي“

هڪ همراه ڳالهائو:

”چاچا چورن رونشو ڪري روڊ تي وڃي. امدادي ڇڪڙن کي روڪيو ۽ ڪتا لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس پهچي لٺيون وسايون. ٻيا ڀڄي ويا صابو ڦاسي پيو. لٺيون لڳڻ ڪري، مٿو ڦاٽي پيئس. روڊ جي ڪناري زخمي صابوءَ کي ڳوناٺا گهر کڻي آيا. سندس مٿي جي زخم مان وهندڙ رت تہ بند ٿي ويو آهي، پر پوليس جي لنبازي ۽ ادنگي رؤيي، سندس بگڙيل ذهني حالت کي وڌيڪ ڏاوان ڏول ڪري وڌو آهي. اڳي وقت تي ڪاڏو ڪائيندو هو ننڊ بہ ايندي هئس . بس رڳو گُم سُم ۽ خاموش خاموش هوندو هو پر هاڻ هن نہ رڳو ڪاڌو ڪائڻ ڇڏي ڏنو آهي، ننڊ نيٽن کان رٺل اٿس پر ڪنهن اٽڃاتي خوف ۾ زور زور سان رڙيون بہ ڪرڻ لڳو آهي. اڪثر دانهون ڪري چوندو آهي: ”گهوڙا پوليس!“

جانوءَ مٿي تي هٿ ڏيئي رڙ ڪري چيو:

”اڙي گهوڙا ويچاري درويش کي ماري وڌائون!“

❁❁❁

ڪمپنيءَ وارن ڳوناٽن کان سندن سڀ زمينون خريد ڪري ورتيون هيون. ڪاري ڏڪار جي بک ۾ ڪمپنيءَ طرفان آڇيل رقم، مسڪين ماڻهن کي بنهه گهڻي محسوس ٿي هئي. ۽ انهن پنهنجون زمينون کپائي ڇڏيون هيون. پر زرعي مزاج جي هيراڪي ۽ ويهي کائڻ سبب سرمائي ڪاري ڪري نه سگهيا هئا. ڪاروباري ذهنيت کان اڻواقفيت سندن سرشت جو حصو هئي، جنهن ڪري روڪ رقم سنڀالڻ ۽ ان کي وڌائڻ ويجهائڻ سندن وس ۾ ڪون هو. ويتر آيل ڏڪارن سندن سموري مُوڙي ختم ڪري ڇڏي.

۽ هاڻ جڏهن کين ڳوٺ خالي ڪرڻ جو حڪم مليو هو ته ڪن نوجوانن چيو:

”ڳوٺ نه ڇڏيو. زوري ته ڪير ڪون اٿاريندو؟“

ڪن وڏڙن چيو:

”ابا اَتاڪا نه ٿيو. ٿورو سوچيو:زمينون آڳاٽيون وڪڻي ڇڏيوسين. هاڻ ڪوئلي جو ڪم هلندو، مال به سيم ۾ چري ڪون سگهندو. مشينن جي ڌُوڌاٽ ۾ پکي به ڀڄي ويندا. پاڻ هتي رهي ڇا ڪنداسين؟!“

سيئي خاموش ٿي پيا هئا. ڪنهن پڇيو:

”پوءِ ڪٿي هلنداسين؟“

”بس جنهن جي جيڏانهن قسمت هوندي“

”ايئن ته ڪٽو ڪٽو ٿي وينداسين، رشتا ناتا، ڀت برادريون، شناختون سُڃاڻپون، سڀ هليون ويندیون“

هڪ نوجوان ڪجهه سوچيندي وراڻيو:

”ڏاڍن جي ڏنل ڏيس وٽن ۽ مجبورين ۾ ڪيل لڏپلاڻن ۾ ايئن ئي ٿيندو آهي. لاشن کي ڪفن ۽ ڄمندڙ ٻارن کي دايون ملي نه سگهنديون آهن!“

هڪ همراه وراڻيو:

”چون ٿا ته حڪومت لڏپلاڻ ڪندڙ ماڻهن کي آباد ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. دلبر ۽ ٻين ٽر جي ڏاهن کان تجويزون گهريون آهن“

هڪ همراه چيو:

”خدا جا بندا !ان آسري رهندا. حڪومت ۽ حڪومت جي ڏاهن، ڪڏهن ڪو سُر وارو ڪم ڪيو آهي؟! جو هاڻ پاڻ کي عزت آبرو سان آباد ڪندا ؟!“

هڪ پوڙهي چيس:

”آهين صفا سچو. ٻار پئي مئا تہ وڏو وزير چئي رهيو هو: داين ڇڪي ماريا آهن. بيماري پکڙي تہ چون: ماڻهو صفائي نٿا رکن، پاڻيءَ جو مسئلو حل ڪندي تپ ٿو چڙهين!“

هڪ ٻي شخص چيو:

”ٻيلي حڪومت جي ڳالهہ ڇڏيو. پنهنجون زمينون وڪيوسين، ٺيڪيدارن لک لک رپيہ ورتا، جهڙو سندن حصو هو!

حڪومت جي ڪهڙي ڳالهہ ٿا ڪريو؟ ٻيڙي ٻُڏي پيئي آهي!“

❀❀❀

ڳوناڻن لڏيو هو ۽ اباڻن اجهن کي ڇڏيو هو. هر دل جوڳڻ جو ڪستو ٿي پيئي هئي، جنهن ۾ درد جي پنج ڪٽي پيئل هئي! هر اک جو ڇنو لڙڪن جي مينهن ۾ ٿمي رهيو هو. سيئي ڳوناڻا ڄڻ هڪئي مالها جا مڻڪا هئا، مالها ٽُٽي هئي تہ هرڪو داڻو داڻو ٿي وکري پيو هو. جنهنجي جيڏانهن ڄاڻ سُڃاڻ هُئي، جتي سهوليت هئي، ان اوڏانهن لڏيو هو.

هر ڏينهن ڪو نہ ڪو ضرور لڏيندو هو. ڇڪڙو ڪنهن نہ ڪنهن جي گهر اڳيان هارن هڻندو هو. سامان ڇت ۽ ڊالي تي سٽي، وڃڻ وارا پوئتيڇڏيل پيارن کان روئي موڪلائيندا هئا. پويان وڃڙي ويل اکيون، الوپ ٿيڻ تائين ڇڪڙي جي پويان پنيوريون بڻجي اُڏرڻ چاهينديون هيون. وڃڻ وارا ڳوٺ جي منظرن کي اکين ۾ اوتي، پويان رهجي ويل وجود لاءِ نيڻ نهار تائين حسرتن کي واڻن تي وِڇائي هليا ويندا هئا. ۽ پويان سوڳوار وستيءَ جون مڙهيون، مُنلن کي مارينديون هيون!

هر اُجڙيل گهر جي درد-ڪهاڻي، ڪڏهن پوڙهن وڻن جي ٽارين تي ويٺل پکين جي ٻولين ۾ ٻُڌبي هئي! ڪڏهن اجهاميل چُلهن پرسان ويٺل ٻلين جي اکين مان جهاتي پائيندي هئي! ۽ ڪڏهن وري اکين مٿان هٿ جو ڇٽ ناهي، اُتي ويل آديسين جا اجها ڏسي روئي پوندڙ جهُونڙن جي لُڙڪن مان وهي ايندي هئي!

جانو جڏهن بہ ڳوٺ ۾ ڇڪڙي جو هارن ٻُڌندو هو تہ چوندو هو:

”اڄ وري ڏائڻ آئي آهي، ڪو نہ ڪو گهر خالي ڪندي!“

گهر خالي ٿيندا رهيا، ڳوٺ ويران ٿيندو رهيو. حڪومت طرفان ڳوناڻن جي آباد ڪاريءَ جا منصوبا عمل ۾ اچڻ بنا رڳو ڪاغذن ۽ ڪاميٽين ۾ رُلندا رهيا. جنهن ڳوٺ ۾ پرسال تائين بس اچڻ کان اڳ اسٽاف تي ماڻهن جو هجوم هوندو هو. رهاڻ جو رس ۽ قرب-ڪٿين جو چس هوندو هو. مصري ٽڙن

جهڙيون منيون ڳالهون روحن جا ٽڪ لاهينديون هيون. لڪڻ تار ۽ واءُ_سواءُ جو واس، خبرچار جي ٻاڙ پوري ڪندو هو! ڪانيون ڪيڏي وينل وڏڙن جا مشاهدن مان ماڻيل نصيحت آميز نڪتا، نوجوانن جي رهنمائي ڪندا هئا. سگهڙپڻي جي سرهاڻ ذهنن کي گهڻو ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪندي هئي، هاڻ اهو اسٽاپ ويران ٿي ويو هو. اتي بس وارن به بيهڻ ڇڏي ڏنو هو.

هوڏانهن وري هو وٿاڻ، جتي سڪار جي سالن ۾ رايُون رنينديون هيون. پٽل جي لوٽين ۾ ڏُهائي ڪندڙ چوڙيلين جي ڪنجري ڪاون سان، سانوڻ جو سڄ اڪيون پيچندو هو اتي هاڻ واري اڏامي رهي هئي ۽ هوڏانهن وري ڳوٺ جا هُو ڪوهه جتي پاڻياريون پيلهڙا پريينديون هيون، گوسِي ڪوس جهلي هوڪارا ڪندا هئا، اوڙن تي مورن جا ٽهُوڪڙا، وڻي جي واڏائي ڏيندا هئا، اتي هاڻ ويرانيءَ جو واسو هو.

هِتي هُتي ڪمپنين جي گاڏين ۽ مشينن جو گوڙ گهمسان، روز بروز وڌي رهيو هو. ٽترن ۽ سهن سيم کي ڇڏيو هو. مور به آسپاس مان اڏامي ويا هئا. بس ڪڏهن ڪڏهن ڪُراڙو جانُو وچائجي ويل واٽن تي ويهي، به ٽي ڪوسا لڙڪ هاري گهر هليو ويندو هو. هڪ شام هُو جيئن ئي گهر پهتو هو ته سورٺ ڪيس ڇرڪائيندڙ خبر ٻُڌائي هئي.

”نانا چون ٿا ته صدوريءَ قادو دڪانواري سان نڪاح ڪري ڇڏيو“

”هان. . . سچائين؟ چاٽين؟“

”ٻه ٽي مهينا اڳ صدوري، سندس پاءُ ۽ قادوءَ وارا هتان لڏيا هئا“

”هائو هائو! مون به پاڪر وجهي روئي ڪائڻ موڪلايو هو“

”اهي بئراج علائقي جي ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃي رهيا. چون ٿا ته قادوءَ پنهنجي زال ڪڍي ڇڏي. سندس جواڻ ڌيءَ اتي جي ڪنهن ٻروچ سان ڀڄي وئي!“

”مارا اهڙو ڪم هتي ٿئي ها ته قادو جيئرو نڪ ڪٽي هلي ڪون سگهي ها. تڏهن ئي ته چوندا آهن ڳوٺ ڏِڪَ هوندا آهن!“

”قادوءَ وري صدوريءَ سان نڪاح ڪري ڇڏيو“

”خُدن مڙس ماڻهو آهي، اهو ڪم ڪرڻ ڪيئن ڏنئين“

”خُدن هتي ئي ٽر ۾ پنهنجي ناناڻن جي ڳوٺ ۾ رهي پيو آهي، باقي عزيز قادو سان مليل هو“

”بس سيئي وقت جي واءُ ۾ ڪک پن ٿي وڪري ويا“

”تاجوءَ کي سندس سالو ونڻ آيو آهي. ان ئي قادوءَ واريون خبرون ٻڌايون. “

”هاڻ تاجوءَ وارا به لڏين پيا ڇا؟“

نہ رڳو قادو پر سندس سڄو پاڙو. سيني ڳڏجي نئين ڪوٺ ڀرسان ٻني ورتي آهي. سندن مال اڳي ئي اتي آهي، پاڻ سياڻي لڏيندا“

”بس اڪيلو گهر پاڻ ئي رهيا آهيون. جيڪي هن گوڙ گهمسان ۾ وينا آهيون. ڇا ڪجي ڀوا ڪونهي ڪيڏانهن هلون. ماڻهن جا عزيز قريب هئا. پنهنجو ڪير بہ ڪونهي“

جانو سوچ ۾ پئجي ويو. سورٺ ڇنيءَ جي پلئو سان ڳوڙها اُگهي ورتا. مختصر ماٺ بعد جانوءَ پڇيو:

”ڀلا صابوءَ جي ڪا خبر چار؟“

سورٺ ڀريان تہ ڪجهہ لڪائڻ چاهيو پر نيٺ ورائيائين:

”چون ٿا صدوريءَ جي نڪاح کان مهينو اڳ صابو واه ۾ ڪري پيو“

صابوءَ وڏي اوڇنگار ڏني. سڏڪن ۾ وچڙيل آواز ۾ چيائين:

”ويچاري منهنجي درويش يار کي واه ۾ ڪرايو ويو هوندو!؟“

سورٺ ڪيس مس مس ماٺ ڪرايو تہ چيائين:

”رن صدوري عدت تہ پوري ڪري ها پر خير. . .جتي سڃاڻپ نہ هوندي آهي، پڇاڻو نہ هوندو آهي، ۽ جوابداري نہ هوندي آهي، اتي ئي ڪارا ڪرتوت ٿيندا آهن ۽ اڪيون ٻوٽجي ويندي يون آهن!“

سورٺ خاموش ويٺي رهي. جانوءَ لڪڻ جي سهاري اٿندي چيو:

”آئون تاجوءَ وارن کان موڪلائي اچان. متان صبح جو ڊڪيءَ ۾ ئي ڏائڻ اچي، هارن هٽي. پر منهنجي ماني اڄ متان گهڙيئين. صابوءَ جي موت جو ٻڌو اٿم. گره ڪٿي ٿو ٻُڙڪي!!“

✿✿✿

جانُو ڳوٺ ۾ رهجي ويل سورٺ ڪانسواءِ ٻيو فرد هو. اسر ويل ولوڙن جي آواز سان اکيون اُپٽيندڙ جانوءَ کي هاڻ سڄي رات مشينن جون هينگون، سمهڻ نہ ڏينديون هيون. جنهن ماڳ جي هوائن جي هڳائن ۾ هن سڄي عمر سُرها ساه کنيا هئا، اتي جي آلوده هوا، هاڻ هن لئہ ساه مُنجهڻ جو سبب ٿي پيئي هئي. هن سيم جا اهي وڻ بہ وڍجندي ڏٺا، جن جي ڇانءُ ۾ ويهي، هن ڪڏهن بورينڊا وڄايا هئا. هن انهن پکين جي آکيرن جا ڪک بہ ٽڙيل پکڙيل ڏٺا، جن آکيرن ۾ ويٺل پکين جي سندس سماعتن سان دوستي هوندي هئي.

ڪڏهن اسر ويل ولوڙن جي آواز ۽ ڇنگن جي ڇُڻ ڀُڻ سان اک کولي نڪٽ نهاريندڙ جانُوءَ لاءِ هاڻ هرپاسي مصنوعي روشنين جا چمڪا ۽ گن پڇائي وجهندڙ شور جا شُوشات هئا. جن چڙهاين تي

چڙهي، ڪڏهن هن هن ڪتر پٿارين کي بہ ونگ وجهي ميڙيو هو ۽ جن پٿن تي سندس ٿهاڙ گهوڙيون ۽ وڇيرا يڪ ساهي سِراڙي ۾ چڙهندا هئا. انهن پٿن کي هاڻ ڪرينون ۽ بلڊوزر ڳيهي رهيا هئا. جن کي جانو”آجُوج ماجُوج“ سڏيندو هو!

اوپرائپ ۽ اجنبيت جي ملول ماحول ۾، جانو جڻ ڪنهن ٻي سياري جي مخلوق هو. جن گسن تي ڪيس هرڪو ”ڪاڪا جانو“ چئي مخاطب ٿيندو هو انهن پَٽن تي هاڻ هُو پينٽ شرٽ ۽ ڪارن چشمن وارا مشيني ماڻهُو ڏسي رهيو هو. جيڪي سامهون ايندي بہ سندس سلام جو جواب نہ ڏيندا هئا. جن دڙن تي هن ڪان ڪڏهن تماڪ جو ڪوٽريو ۽ سلفي وسري ويندا هئا تہ ٻئي ڏينهن ڪو نہ ڪو ڏنار پهنوار ڪيس موٽائي آڻي ڏيندو هو. جن ڏهرن مان هن مهينن ڪان وڃايل اٺن جا پيرا ڪٽي، وڙولون وجهي وڳن جا وڳ واپس آندا هئا، اتي هاڻ سندس چيلڙو ڇڄيو ٿي تہ واپس نہ ٿي وريو! ٿوال ڪريوٿي تہ زمين ڳڙڪائي ٿي ويئي يا آسمان جهٽي ٿي ويو! ڳوٺ جي باسين سان گڏ شايد امن، ايمانداري ۽ محبتن بہ لڏيو هو !

هڪ ڏينهن سورٺ ڪيس چيو:

”نانا هاڻ پُراڻن پڊن جو حال ڏسي دل روئي ٿي. هونئن بہ هاڻ هتي ڪجهہ بہ پنهنجو ڪونهين. اڪيلو ويڙهو سڃا نڃا لڳون!“

”ڏيءَ هلون پر آخر ڪٿي؟! ڪير آهي پنهنجو؟!“

”بس ڪنهنہ ڪنهن شهر ۾ هلي رهون“

”پر ڏيئم! منهنجو تہ شهرن ۾ ساه منجهندو آهي. باقي عمر جا ڏينهن ڪيئن ڪٽبا؟“

”تہ ڪنهن ٻي ڳوٺ ۾ هلي رهون“

”اتي وري ڪهڙيون ڪير جون نديون پيون وهن. ۽ ڪير آهي پنهنجو جيڪو ڊِلايون ڏِکيندو؟! ويتر ڳوناڻي ماحول ۾ وڏيڪ لوڪ جي نظرن ۾ پنهنجي هيٺي حال کي تماشو بڻائيندا سين. روز انيڪ سوال ڏگيندا: ٻيواه ڌهتيءَ جو بار ڇو ڪون لاٿئي؟ تنهنجي نانيءَ کي ڇا ٿيو هو؟ ”انهنکي ڪير ويهي سمجهائيندو؟!“

سورٺ وراڻيو:

”تڏهن ئي تہ چوان ٿي نہ تہ ڪنهن شهر هلون. جتي ڪو بہ سڃاڻُو نہ هجي. بس ديس ڇوري، پرديس ٻِکيا!!“

”ڏيئم جيڪا تنهنجي مرضي. آخري چيلڙي بہ سياڻي ڪپايون ٿا، ياڙو ٿي پوندو“

سورٺ خاموش رهي. جانو ڳالهاڻو:

”ڏيئم منهنجو بہ هاڻ آخري وقت آهي، ڪڏهن ڪان توکي چيو اٿم تہ” حق” ڪر، پر تنهنجي ناڪار کي بہ نوڪوٽ آڏا آهن! مون کانپوءِ تنهنجو ڪير آهي!؟“

سورٺ خاموش رهي. سندس اکين ۾ دلبر جي ٻن مختلف تصويرن جون ڏياٽيون ٻري اجهامي ويون. هڪ اها تصوير جنهن ۾ هُن نانگ ماري بہ پوئتي لوٽو نہ ڦيريو هو ۽ وڃڻ وقت چيو هو:

”سورٺ! نانگن جا مٽا ڪيسين لتاڙيندا سين؟ هاڻ تہ گڏجي جيون گهارڻ متعلق سگهوئي سوچڻو پوندو!“

۽ ٻي اها تصوير هئي، جنهن ۾ هوسول اسپتال منيءَ ۾ منسٽر آڏو لڪي رهيو هو. دلبر جي ان روپ، سورٺ کي سندس پُٽ جي موت جيترو ئي رئاريو هو. هن جو دنيا جي هر مرد تان اعتبار هليو ويو هو. تڏهن ئي هن ٻي شاديءَ کان انڪار ڪيو هو. ۽ جانوءَ ڏهتيءَ جي مرضيءَ موجب هلڻ ڪري، سورٺ کي ٻي شادي ڪرڻ تي مجبور ڪون ڪيو ۽ ايئن رشتيدارن جي اک جو ڪنڊو بڻجي پيو هو جن ڪانئس سورٺ جو رشتو نہ ملڻ ڪري سيئي لڳ لاڳاپا ٽوڙيا هئا ۽ هو پنهنجي ڳوٺ ۾ بہ اجنبي ۽ اڪيلو هو.

پنهنجي ڳوٺ مان هميش لئہ هليو وڃڻ کان اڳ جانوءَ انهن جاين تي وري وري نظرون وڇايون هيون، جن جاين تي سندس خيال موجب ڪتين-منينساروٽين جا حوالا هاريل هئا. انهن پٽن تان، جتان هن پنهنجن پيارن ڳوٺاڻن کان موڪلائيندي رُنو هو. اتي اڄ ڪو بہ ڪيس الوداعي ياڪر ۾ پرڻ وارو موجود ڪون هو. ڪو ڄاڻو سڃاڻُو تہ نهيو. پر مورڳو پراڻو ڳوٺ بہ سڃاڻڻ جهڙو نہ رهيو هو. آسپاس ڪمپنين ۾ ڪم ڪرڻ وارا روبوٽ موجود هئا، جن سان گڏ پلي صديون گذري وڃن، پوءِ بہ وچان ويچا ليٽيل رهندا آهن- مٽن ڪابہ هُجت هلي نہ سگهندي آهي!

سامان جي هڙ، لڪڻ تي هلندڙ جانوءَ جي ڪلهنتي ڏسي، سورٺ سوچيو:

”ڪاش هن شخص کي زندگيءَ ۾ مليل درد، هن هڙ ۾ هجن ها تہ جيڪر آئون ڪانئس هڙ ڪٽي وٺان ها!“

جن پٽن تي سورٺ جي ٻالڪپڻ جا ڇاڳ ۽ ڇهڇٽا وکريا هئا. جن پٽن تي هن هڪجيڏين سان گڏ چلهر راند ڪئي هئي ۽ ٻي زبان گُڏيون پرڻايون هيون، اتان اڄ هميش لاءِ وڃي رهي رهي. ڪيئي نياڻيون اباڻا ڳوٺ ڇڏينديون آهن، پر وري اچڻ جي آس تہ هوندي آهي. ڪين موڪلائڻ مهل سهيليون سات ڪنديون آهن. بابل جو گهر ڇڏڻ وقت ڪو ڳيت بہ ڳائبو آهي. مٽي تي چني ڊڪائڻ وارا هٿ بہ هوندا آهن ۽ ويندڙ وجود، ڪنهن سهاري کي بہ سونپيل هوندو آهي!

پر اڄ جڏهن سورٺ وڃي رهي هئي تہ نہ سندس هٿن تي مهندي هئي ۽ نہ ڪيسڪو پويان نهاريندڙ هو ۽ نہ ئي ڪو سگهاگر سهارو هو جنهن سان گڏ وڃي رهي هئي!

هن ننڍڙڪي نياڻيءَ پوين رهجي ويل اباڻي ماڳ ڪي نگاهن سان ڪيڪاريو ۽ اڳتي رواني ٿي ته جانوءَ چيس:

”ڊيئر! ايئن سمجھ ته آئون اڄ ٻاٻاڻن ڪکن مان نڪري مري ويو آهيان. مئل پوڙهو ماڻهو توسان گڏ آهي، ان جو ڪو آسرو نه ڪجان!“

جانوءَ جي سڏڪي جي آواز سان گڏ سندس ڪي لڙڪ به اکين مان وهي نڪتا، جن ڪي اجاريءَ واريءَ ڊيل جيان جهٽي پيءُ ڇڏيو!!

⊙

# باب ٻارهون

سورث سان اڻسُڃاڻُو ٿيڻ ۽ زخمي صابُوءَ کي روڊ ڪناري ڇڏي وڃڻ واري دلبر جي زخمي ضمير ۾ مزاحمت پيدا ٿي پيئي هئي. هن کي نہ رڳو پنهنجي ماضيءَ جي داغدار عرصي سان نفرت ٿي پيئي هئي پر ڪيس سندس ڀروپي ۽ قول عمل جو تضاد رکندڙيارن کان بہ بُڇان ٿيڻ لڳي هئي. جڏهن بہ ڪنهن ڄاڻُو سڃاڻُو ساٿيءَ جو ڪٿي لکيل ليک پڙهندو هو تہ ليکڪ جي شخصيت جون سڀ بيسُرايون سندس اکين اڳيان اچي ويندين هيون. اسٽيج تي آڙيڪاپ سنگتين جون لباڙون ٻڌندو هو تہ اکيون بند ڪري شيطان کان پناه جي دعا گُهرندو هو. هن ان چوياريءَ سان بہ ميل جول گهٽائي ڇڏيو هو. جيڪي هر وقت موقعي جي تاڙ ۾ هوندا هئا. ظاهري طور غريبن سان همردي ظاهر ڪندا هئا. پر ساڳي وقت سندن طرزعمل اميراڻو ۽ ذهنيت سرمائي جي شيدائي هوندي هئي. سندن آئيڊيئل طاقتور، دولتمند ۽ مقتدر ماڻهو هوندا هئا. پر ڳالهيون فقيرن واريون ڪندا هئا. هن محسوس ڪيو تہ جيئن اڪثر مذهبي مُبلغ واعظن ۾ عبادتن تي وڌيڪ زور ڏيئي، شعوري لاشعوري عملي انسانيت کي نظرانداز ڪندا آهن ۽ پاڻ کي منتخب ماڻهو سمجهي عمل کان آجو ۽ سيئي هدايتون ٻين تي لاڳو سمجهندا آهن. ايئن سنڌ جو قلمڪار طبقو بہ پنهنجي ذميواري رڳو لکڻ، تقريرن ۽ ٽاڪ تائين محدود سمجهي ٿو. جڏهن تہ عملي طور موقعو ملندي ئي اها ساڳي روش رکي ٿو جنهن کي هو پاڻ لکڻ ۽ ڳالهين ۾ لوئي ٿو! انقلاب جون ڳالهيون ڪرڻ وارا انقلاب جي شروعات پنهنجي ذات کان شروع ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. اڪيچار مسئلن جي پاڙ ان ئي سماجي سوچ ۾ پيوند ٿي پيئي آهي.

ان نوعيت جا ئي خيال هئا، جن ڪيس سول سوسائٽيءَ کان باغي بڻايو هو. ان ئي طبقي سان ڪيس نفرت ٿيڻ لڳي هئي، جنهن طبقي ۾ وڏيمشڪل سان هن پاڻ پير ڪُپايا هئا ۽ ملڪيت ناهي هئي! هن پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ ڇڏي ڏنو. هڪ ڀيري ڪنهن هجتي دوست ڪيس زوري پاڻ سان رڇايل رهاڻ ۾ آندو هو تہ هن اڳي جيان آسماني خوبيون ساڻس سلهاڙڻ بدران رڳو شام ملهائجڻ جون مبارڪون ڏنيون هيون ۽ پوءِ چيو:

”اسان کي ناهي ضرورت وڏن ڏاهن جي، اسان کي ناهي ضرورت سٺن قلمڪارن جي، اسان کي ناهي ضرورت ذهين سياستڪارن جي، اسانکي ناهي ضرورت چالاڪ ڪامورن جي، اسان کي ناهي ضرورت سٺن سماج سڌارڪن جي، پر اسان کي ضرورت آهي سٺن انسانن جي! پوءِ اهو عالم، اديب، سياستڪار، ڪامورو يا ڪو بيو هجي!

سچ ته اسان کي انسانيت سکڻ جي ضرورت جيتري هينئر آهي، اڳي تاريخ جي ڪنهن به دؤر ۾ نه رهي آهي!! "

سندس لانگوٽين يارن مان گهڻن کي تعجب جي تار جو ڪرنٽ لڳو هو. سندس هڪڙو دوست ٽوڪ مان پڇڪيو هو:

"ٻلي ست ڪوئا کائي، هاڻ حج سنبري آهي! "

تقرير ختم ڪري جلدي هليو ويو هو. سندس ساٿين ۾ مختلف ڪمينٽس جا ڪُتا ڪُتجڻ لڳا هئا:

"دلبر نفسياتي مريض ٿي پيو آهي"

"سندس ڪو گهريلو مسئلو آهي"

"مرڻ جو ڊپ ٿيو آهي، روحانيت ڏانهن موٽڻ وارا پار اٿس"

"نه ڙي نه! ايترا مال کاڌا اٿس جو مري ويندو، مادي لالچ ڪون ڏيندو"

"نه نه اين جي اوز جي ڪنهن حُور پريءَ کي سچ پچ دل ڏيئي ويٺو آهي. هاڻ پُراڻُو ياڻ ڏونهن پيو ڪري"

"نه نه اهڙو چريو ڪونهي جو عشق جو خفو ڪٽي، هاڻ ته سئوسيڪڙو" شهري" ٿي پيو آهي، ڪم ڪڍي ڇڏي ڏيندو"

"پر ٿي سگهي تو اڳيون پوڪ پٽو وري منجهس جاڳي پيو هجي!"

بس هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي رايي جي رٻ رڏي هئي!

دلبر گهر جي اي سي ڪمري ۾ بيڊ تي ليٽيل هو. هن جي دل ۽ دماغ وچان سانُ پاڏن جهڙي ويڙهه هلي رهي هئي. جنهن ۾ وڏي عرصي کانپوءِ دل کي سوڀ ۽ سرسي ملي هئي.

دلبر سوچيو:

"توبهن مدي خارج نه ٿيبي آهي. معافي جا دروازا سئنيمائن وانگر حال پرجڻ تي بند نه ٿيندا آهن. ۽ سُڌرڻ جي سفر کي سدائينلاءِ بريڪ لڳڻ به ضروري ناهي. انساني ارتقا جو قانون به سدائين جي جمود کي نٿو مڃي. آئون به غلط ڪاريون ڇڏي ماضيءَ واري زندگيءَ ڏانهن موٽ کائي سگهان ٿو!"

دلبر پاسو ورائي وري سوچيو:

"جيڪي گناه ڪيم انهن جو ڇا ٿيندو؟"

دماغ پڇڪيو:

"حج ڪري وٺ گناه ڌوپي ويندا. خيراتون ڪر ۽ نماز پڙهه"

دل چيو:

”روزا نمازون اي پڻ چڱو ڪم! پر جن پئسن سان حج ڪندين، تنهنجي حق حلال جي ڪمائي آهي؟! هتي بہ ننگي نٿو ڇڏين! جڻ اين جي اوز جي باس کي پيو پورائين! تو ڪيترن مسڪين ماڻهن جي جيون ۾ بهتري آڻڻ لاءِ آيل ناڻو ڦٻايو آهي؟ انهن پئسن سان هتي عيش ڪيئي، هاڻ هُن جهان جون آرائشون خريدڻ چاهين ٿو؟ فيصلو جسٽس مشتاق وٽ تہ ناهي، جو اثررسوخ، رقم يا وري چاپلوسي ۾ هٿ ٻڌڻ سان راضي ٿي، تنهنجي مرضيءَ موجب انصاف ڪندو!؟پر اصل حساب ڪتاب تہ ان عظيم منصف وٽ آهي، جنهن جو حقيقي تصور ڪرڻ تہ حواسن جي بہ وس ۾ بہ ناهي!“

دلبر جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ڪيس ڳوٺ ڇڏي مني اچڻ ۾ ان بعد ڏکهي عرصي تائين دل کي بيهوشيءَ جي انجيڪشن هڻڻ واري فيصلي تي شديد پشيماني محسوس ٿيڻ لڳي. هن سوچيو:

”توبهن ۾ سُڌرڻ جا در بند نہ ٿيندا آهن. بشرطيڪ سڀ ڪجهہ دل سان ڪجي!“

هن دماغ جا چپ سبي ڇڏيا ۽ دل سان رجوع ڪيو:

”نيٺ ڇا ڪجي؟“

”سڀ کان اڳ توکي پنهنجي ملڪيت مان جان ڇڏائڻي پوندي. جنهن اي سي ڪمري ۾ ويٺو آهين، اهو وري ڪهڙو تنهنجو حق حلال جي روزيءَ جو آهي؟“

دلبر پڇيو:

”ڳوناں هتي اچڻ بعد ناهيل ملڪيت غريبن ۾ ورهايان تہ؟“

”تون ڇا ورهائيندين؟ تنهنجي تہ هئي ڪون. هئي ئي مسڪينن جي؟ پرائي شيءِ تي بہ پنهنجي لئي نٿو ڇڏئين؟“

دلبر بيوسيءَ مان پڇيو:

”پوءِ ڇا ڪجي؟!“

”سموري ملڪيت کپائي، ڪنهن قابل اعتبار خيراتي اداري کي ڊونيٽ ڪر. ۽ تون ڳوٺ ۾ موروثي زمين سنڀال يا وري اها کپائي پئسن مان روزي روٽيءَ خاطر ڪو ڪاروبار ڪر“

”سهيند کي فرج کان سواءِ پاڻي ناهي وڻندو. ٻار گاڏي بنا اسڪول نہ ويندا آهن. گهر جو ڪم ڪار نوڪرن بنا ناهي نبرندو! نئون لائيف اسٽائل اپنائڻ بنهہ مشڪل هوندو؟“

”باقي عبادتون ۽ واعظ ڪرڻ سولو آهي؟! لکڻ ۾ تقريرون ڪرڻ تي بہ آيو ٿو پُڇين!“

”هونئن ڪريان بہ سهي تہ پوءِ؟“

”بس ناجائز ملڪيت جو نانگ ڪنڌ مان ڪڍڻ بعد حق حلال جي ڪمائيءَ مان جيڪو چڱو ڪم ڪري سگهين، ڪر. جن ماڻهن کي تنهنجي ڪري تڪليف پهتي، انهن کاب به پلين بخشارائي. رب سائين بخشڻهار آهي!“

دلبر جي اکين اڳيان صابوءَ سميت انيڪ مهانڊا ايرڻ لڳا، جن کي هن طرفان تڪليف پهتي هئي.

دلبر رازداريءَ مان دل کي چيو:

”ڪن عورتن کي مون برابر بليڪ ميل ڪيو هو پر ڪن عورتن ته مونسان راضي خوشي تعلقات رکيا هئا“

”ان ۾ به تنهنجي باس واري دٻدٻي ۽ اثرانگيزيءَ جو پهلو شامل هو!“

دلبر سوچ جي لهرن تي گوتا کائڻ لڳو. هن سوچيو:

”مون ڪيترن ئي ماتحتن کي اجايو تنگ ڪيو هو. پراڊو ۾ چڙهڻ بعد ڪيترن ئي ڄاڻُو سُجاڻو مسڪين ماڻهن سان بيرُخي ۽ حقارت وارو روَيو رکيو هو. مفلسي ۽ لاچاريءَ جي برپٽ ۾ قسمت طرفان تنها ڇڏيل عزيزن، قريبن ۽ دوستن جي، مونسان منسوب ڪيل معصوم اميدن جو گلو گهٽي دل ڏکائي هئي!“

هن بيچينيءَ مان پاسو ڦيريو.

”مون لفظن جي ڪاريگريءَ سان ڪيترا ڏتا هنيا؟ زيروز کي هيرو ۽ لابين کان ٻاهر بيٺل مستحقن جو ڪردار مارڻ لاءِ ڇاڇا نه ڪيو؟ سازشي سنگت ۾، مون جيڪو ڪجهه ڪيو، ان جي اثرن کي ڏسجي ته بخشجڻ جي گهٽي ئي ڪونهين!“

دل پٽڪو ڪيو:

”او هاڻ لائين تي آهين!!“

دلبر سوچيو:

”مون ڪيترن جي ڪارڊ ڪاپين تي امدادون ڦٻايون. ٺيڪيدارن سان ملي ننڍن ڪانيدارن جي نقلن تي سرڪاري ٺريڪٽر ڪڍائي ڪمپنين کي وڪرو ڪيا. صحت ۽ تعليم وغيره جي سلسلي ۾ آيل فنڊن تي ٻُهارو ڏنو؟ مون عشرزڪوات جي اختيارڏٽين کان واسطن ۾ ڪيترن ڪوڙن چيڪن تي صحيحون ڪرايون؟ مون ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز کان غريبن جي گهرن ۽ ڪميونٽي هالن لاءِ آيل اسڪيمون وٺي، ذاتي گهر ۽ اوطاقون ٺهرايون. مون ذاتي اثرورسوخ سان نااهل اميدوارن کي نوڪريون وٺي ڏنيون، جن غريبن جي اهل اولاد جي جاءِ روڪي، ڪين بک ۽ بدحاليءَ جي باهه ۾ ساڙي ڇڏيو!

مون هڪ غريب رشتيدار جي پٽ کي اين جي اوز ۾ مليل نوڪري رڳو ان تعصب سبب ڦُرائي هئي جو اهو خوف هئم تہ متان مائٽ مون جيان خوشحال بڻجي نہ پوي! مون هڪ بي سفارشي ڪمپيئر کي ريڊيو تان رڳو ان ڪري ڪڍايو هو جو سندس ذات مان خطرو هئم تہ متان سياڻي پنهنجن پيرن تي بيهي، منهنجي ادبي شهرت جي ڪلهي ۾ ڪلهو نہ ملائي! مون ڪيترن ئي غريب اميدوارن کي سازشي سنگت سان ملي، رڳو ان ڪري ناپاس ڪرائي ڇڏيو جو انهن جيمنصف مزاجي اسان جي مزاج سان اڻنهڪندڙ هُئي!

سوچيندڙ ٻولڙيا ۾ اسان واري ذهنيت ڪان باغي اهل نوجوان، اسان کي نہ وڻندا هئا. ٽري ادارن تي قابض اسان واري "مافيا" سندن ترقيءَ جي رستا روڪ ڪري، ڪين هوٽلن جا بيرا يا فيڪٽرين جا مزدور ٺاهي ڇڏيو! مون ڇاڇا نہ ڪيو؟ مون ففتي ففتيءَ تي نڱ ٺيڪيدارن کي ٺيڪا وٺي ڏنا، جن غريبن جي پگهر تي لڳل ٽئڪس جو پئسو ساڙي ڇڏيو؟"

دلبر جي سوچن ۾ سندس ڪميٽي ڪردار جي ڪنڊن جي ڏکهي تاري اٽڪي پيئي! بدن ۾ رڻٽي ٽيڻ لڳس. هن سوچي سمجهي مڪروه ماضيءَ تان ڌيان هٽائي ڇڏيو ۽ ڇپن ۾ چيو:

"رب بخشيندو-برابر بخشڻهار آهي!"

هن سهيند کي سڏي پاڻ سان گڏ وهاريو ۽ چيو:

"سهيند مون مائٽاڻي زمين ڪانسواءِ سموري ملڪيت وڪڻي، رقم ايڌي وارن کي ڏيئي، ڳوٺ هلي غريباڻي زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪيو آهي"

هن جڻ پاڻ کي ري اسٽور ڪرڻ جي ٽڪل ڪوشش ڪندي سوچيو.

سهيند وراڻيو:

"مون اڳي ڪڏهن توسان اختلاف ڪيو آهي؟!"

"نہ......! پر اتي نہ فرج هوندو، نہ چڙهڻ لاءِ گاڏي هوندي. ۽ نہ وري ڪم ڪار لاءِ نوڪر چاڪر؟! تي سگهي ٿو سادو ڪاٺو ۽ پاڻٺو پوي؟"

"پوءِ ڇا ٿي پيو؟ سادگيءَ ۾ ئي زندگيءَ جو حسن آهي"

اوچتو دلبر جي چپ سبيل دماغ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. لفظ اچاري نہ سگهيو پر اشارن سان مقصد اظهارجي پيو:

"ٻارن جي تعليم جو ڇا ٿيندو؟"

دل وڏي واڪ چيو:

"غريبن جا ٻار پڙهي نہ سگهندا آهن ڇا؟ علامہ دائود پوٽو ڪهڙي تونگر جو پٽ هو؟!"

دلبر سهيند سان مخاطب ٿي چيو:

”تون مايوس نہ ٿي. ڪوٽلي سبب ڳوٺ جي زمينن جا اگہ چوٽ چڙهي ويا آهن. سنو ريٽ مليو تہ وڪڻي، اسلام ڪوٽ يا ڪنهن ٻي شهر ۾ هلي سيٽل ٿينداسين. ڪو موچارو ڪاروبار کولي حق حلال جي روزيءَ لاءِ هٿ پير هڻبا!“

سورٺ وراڻيو:

”آئون مايوس نہ پر خوشي گاڏڙ حيرت ۾ وچڙي پيئي آهيان. تون ڳوٺ ڇڏي شهر اچڻ بعد اڳوڻو دلبر نہ رهيو هئين. عيدن تي جانور قربان ڪرڻ لڳو هئين، پر پاڻ قربان ٿيڻ جو جذبو تو مان وڃائجي ويو هوا روزا بہ رکندو هُئين، ٻين کي بہ کولائيندو هئين، پر بک جو حقيقي ادراڪ توکي ٿي نہ سگهندو هو. اعتڪاف ۾ بہ وهندو هئين، جسماني پاڪائي بہ رکندو هئين، پر توکان اندر اُجارڻ جي وِڇا وسري ويئي هئي! ثواب حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾، خيراتون ڪري غريب بہ ڪارائيندو هئين، پر تو وٽان مسڪينن جي مسئلن کي پروڙڻ جو حس هليو ويو هوا اڇي ٽوپي پائي ڪڏهن ڪڏهن تسبيح بہ سوريندو هُئين، پر تومان تن تسبيح ۽ من مٽيون ڪرڻ واري ڪرامت هلي ويئي هئي. مون کي هر شيءِ وٺي ڏنئي، پر جيڪي غير ملاوتي رؤين ۾ پوئل پنهنجائپ ۽ پيار هوندا آهن، سي تو مان اڏامي ويا هئا. تون انسان هوندي بہ مشين لڳندو هُئين. ڪڏهن ڪڏهن تہ مونکي توتي جانور ٿي وڃڻ جو گمان بہ ٿيندو هوا تو ۾ ڪو ازدواجي زندگيءَ جو چارم بہ باقي نہ رهيو هو پر مون ٽري عورت جيان چپ سبيا هئا. توسان ڪڏهن ڪا شڪايت ڪون ڪئي!

دلبر سوچيو:

”جنهن عورت کي آئون ڪنهن وقت ۾ اڻپڙهيل ۽ جاهل سمجهندو هئس، ان کي منهنجن خريد ڪيل ڪتابن ۽ گهريلو ماحول ۾ رهڻ باوجود زندگيءَ ڪيترو ڪجهہ سيکاريو آهي؟! جڏهن تہ مون واري سنگت مون کي ٻهروپ، دوکا، گلا غيبت، سازشون، بيقدريون، احسان فراموشيون، ناشائستگيون، غير سنجيدگيون، بيوفايون، ڪوڙ نڳيون، ، ويساه گهاتيون، واعده خلافيون، چنڊون ڦوڪون، بدديانتيون، بدسلوڪيون، رهزنيون، مُنڪرايون، مڪربازيون، ناحقيون، لالچون، ٽرڙايون، رشوت خوريون، ناانصافيون، شبده بازيون ۽ ملڪيت ميڙڻ ٽوٽي معتبر ٿيڻ جي ديسي طريقنڪانسواءِ ڇا سيکاريو آهي؟! منهنجي لائبريري بہ منهنجو استاد بڻجي ڪون سگهي، جوتہ آئون پڙهيس تہ سهي، پر سُهيند جيان قلوب سان ڪون ڪڙهيس! مونکي تہ ڳوٺان فڪر ڦرهيءَ تي پڙهيل، قول ۽ عمل وارو بنيادي سبق بہ وسري ويو هو. آئون شايد موڳو متر شاگرد هئس!“

دلبر زمين ڪانسواءِ سموري ملڪيت ڪپائي، هڪ ٻروسي جوڳي خيراتي اداري کي ڏيئي ڇڏي. ان عمل جي ڪنهن کي ٻه ڪُڙڪ پئجي نہ سگهي. ڳوٺ واري زمين وڪڻي اسلام ڪوٽ ۾ پلاٽ ورتي، سادگيءَ سان رهڻ لڳو. ڀهريان ڪيس اسٽامپ وينڊري ڪرڻ جو خيال آيو پر دل چيس:

”بدماشيءَ وارن ڏينهن ۾ ڪمايل نالي ۽ ناموس جي اثر سبب جيڪي ڪلائنٽ ايندا، اها حقي روزي نہ هوندي!“

دلبر منجهي پيو. هن ڪي پيسا بينڪ ۾ رکيا. پنهنجي نگرانيءَ ۾ پائٽي کي ريزڪي دڪان کولي ڏنائين. ٻن پاڻيجن کي پائيواريءَ تي، ڪرائي جون ڪارون ۽ هڪ پاڙيسري ڇوڪري کي رڪشو وٺي ڏنائين. هن هڪ پرائيويٽ اسڪول بہ کوليو، جتي غريبن جي ٻارن کي مناسب في سان معياري تعليم ملنديهئي. پاڻ بہ اتي هفتي ۾ ٻہ ڏينهن ليڪچر ڏيڻ ويندو هو. هاڻ سندس ليڪچرن جا لفظ هوائي نہ هوندا هئا، پر انهن ۾ عمل جي آميزش ۽ دل جي ترجماني هوندي هئي!

⊙

# باب تيرهون

دلبر اسڪول ۾ ليڪچر ڏيئي گهر ڏانهن موٽي رهيو هو. اڄ سندس ليڪچر اسلامي تاريخ متعلق هو. هڪ شاگرد هن کان انوکو سوال پڇيو:

”سائين! اسلام ۾ هڪئي وقت هڪ کان وڌيڪ زالون رکڻ جي اجازت آهي، پر اڄڪلهه جون بظاهر مذهبي ۽ صوم وصلوات جون پابند عورتون به مڙس جي ان مذهبي حق کي تسليم ڪرڻ لاءِ ڇو تيار ناهن؟“

دلبر چتائي ڏٺو. ڇوڪرو ساڳي هو جنهن گذريل هفتي ادب تي ليڪچر ڏيڻ وقت ڪائنس پڇيو هو:

”سائين! شاه لطيف جي شاعريءَ کي پسند ڪرڻ وارا، پنهنجي ڏيءَ جو سهڻي ٽيڻ ڇو پسند نٿا ڪن؟ جن کي مارئيءَ وارو ست سيل پسند آهي، سي وري محلن جي ماليا خوليا ۾ مبتلا ڇو هوندا آهن؟ ڏيئن لاءِ ڦوڳ جهڙا ور ڇو نٿا منتخب ڪن؟ ڊرائنگ رومن ۾ شاه سائينءَ جو رسالو پڙهڻ وارا جوڳين سان گڏ جبروت جا پيادل پنڌ ڇو نٿا ڪن؟!

ٻيو ته دراوڙن يا مسڪينن جي محبت ۾ شاعري ڪرڻ وارن شاعرن مان اڄ تائين ڪنهن به ڪنهن ڪوجهي، ڪاري ۽ غريب دراوڙياڻي يا پينو فقيرياڻي سان همدرديءَ ۾ شادي ڇونه ڪئي آهي؟!

نه وري سنڌ جي اصلوڪن رهواسين سان عشق ڪندڙ ڪنهن دانشور، ڪنهن مسڪين اصلوڪي سنڌي کي ناتي منتخب ڪري ڪو مثال قائم ڪيو آهي؟!ايئن ته ناهي صنفي، نسلي ۽ مذهبي بنيادن تي مشتمل نفرتون ۽ ويڇا هاڻ طبقاتي سوچ جي سنگتي خود پرست انائن ۾ وڃڙي پيا آهن!“

ڇوڪري هن کي پوئيين هفتي به منجهايو هو ۽ اڄ به منجهائي رهيو هو. لمحن لئه هن ۾ سينيئر ۽ دليل ۾ ڪُٽي پيل ڪمزور شخص واري انا جاڳي پيئي، پر وري ڪيس ياد آيو ته هن ته ڪڏهوڪو انا کي اڇلائڻ جو پاڻ سان واعدو ڪيو هو. ان ڪري هن ڇوڪري کي جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ”ان وقت جنگين سبب بيواه عورتن“. . .

موڪل جي گهنٽي وڳي هئي. دلبر” باقي ايندڙ هفتي. . . ” چئي ڪلاس مان نڪري آيو هو.

پرنسيپال جي آفيس ڏانهن وڃڻ بدران دلبر شاگردن سان گڏ اسڪول کان ٻاهر نڪتو هو.

گهر ڏانهن ويندي، ڪيس چوڪ تي ماڻهن جو هجوم نظر آيو. هجوم مان گس ناهي اڳتي ڏٺو هٽائين ته ڪيس حيرت جو جهٽڪو لڳو هو.

پيرسن شخص جي لاش مٿان هڪ عورت روئي رهي هئي. ڪيس پراڻا ڪپڙا ۽ ٽٽل چپل پاتل هئا.

هجوم مان ڪنهن چيو:

”پوڙهي جو موت، دل جي دوري سبب ٿيو آهي“

ٻي چيو:

”لڳي ٿو سالن کان بيمار هو“

لاش مٿي روئندڙ عورت جي جملي سيني کي ڇرڪائي وڌو:

”اصل ۾ نانا ڳوٺ مان لڏڻ وقت ئي مري ويو هو. هتي ته بس سندس جسم حرڪت ڇڏي ڏني آهي!“

دلبر چتائي عورت جي اکين ۾ نهاريو. سندس اکين کان ڇنڀجڻ وسري ويو. دل جي ڌڙڪن وڌڻ لڳيس.

ٻه قدم اڳتي وڌي عورت جي سامهون وڃي بيٺو. عورت ڇرڪ ڀري ڏانهنس ڏٺو ۽ پوءِ ڪنڌ جُهڪائي ڇڏيو. دلبر عورت سان مخاطب ٿي چيو:

”سورٺ پنهنجي رشتي کان قسمت هر ڀيري امتحان ورتو آهي، پر اڄ نصيبن جي کيل ۾ منهنجي آزمائش وچان آخري معرڪو ٿيندو!“

هجوم مان هڪ پٽڪو گهٽڻ ڪنن ٻُڌو:

”ڏسڻا وائسڻا ماڻهو ڳاڙهو ڪپڙو ٿا ڏسن ته ميت جو به حيا نٿا ڪن؟!

دلبر ماڻهن کي مخاطب ٿي چيو:

”ڪنهن بدگمانيءَ جي گند ۾ نه ترڪو! سورٺ منهنجي رشتيدار آهي. فوت ٿيل همراه به منهنجو عزيز آهي“

هڪ نوجوان ڪلندو، پٽڪندو پري هليو ويو:

”هائو! تڏهن ئي ته سُڪيا آهن!“

✿ ✿ ✿

سهيند هڪ جواڻ جماڻ عورت کي دلبر سان گڏ گهر ايندي ڏٺو هو. جنهن کي ڪوئلي جي ڪم سبب ڳوٺ مان لڏڻو پيو هو. سندس نانو اسلام ڪوٽ جي هڪ چوڪ تي فوت ٿيو هو. جنهن جي ڪفن دفن جا خرچ ۽ انتظام به دلبر ڪيا هئا.

دلبر سهيند کي ٻڌايو هو تہ سورٺ ڏُکن جي ماريل غريب ڳوٺاڻي عورت هئي، جنهنجو هاڻ هن دنيا ۾ ڪو بہ ڪون هو! سهيند حسن سلوڪ واري سرشت ۽ انساني همدرديءَ جي بنياد تي، سورٺ کي سڳي ڀيڻ جيتري ئي عزت ڏني هئي ۽ سندس غم گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي !ڪيس سٺا سٺا وڳا وٺي ڏنا هئا ۽ جديد سينگار پڻ ڪرايا هئا. جنهن ڪري سورٺ جي رنگ، روپ ۽ شخصيت ۾ زبردست نکار آيو هو.

گذريل ڪجهہ ڏينهن کان، سهيند ۽ سورٺ گڏجي نماز پڙهنديون هيون ۽ گهر جا ڪم ڪار ڪنديون هيون. پر ٻن ڳالهين سهيند کي پريشان ڪري وڌو هو. هڪ تہ هوءَ ليڊيز دڪان تي ويندي هئي تہ مايونڪانئس پڇنديون هيون:

”سهيند! چون ٿا تنهنجي مڙس ڪا سُريت آڻي گهر ۾ ويهاري آهي، جيڪا توکان وڌيڪ سهڻي آهي؟“

۽ ٻيو اهو تہ دلبر سهيند جي سامهون، سورٺ سان مخاطب ٿيڻ يا اک ملائڻ کان لنوائيندو هو.

الاءِ ڇو ڪجهہ وقت کان سهيندجو عورتاڻو حس چُغلي هڻي رهيو هو تہ سورٺ ۽ دلبر وارو معاملو ڪٿي نہ ڪٿي گڙٻڙ جو شڪار هو!

سهيند هڪ ڀيري دلبر کان دبيل لفظن ۾ پڇيو بہ هو تہ:

”ڇا تون هتي اچڻ کان اڳ، سورٺ کي سڃاڻندو هئين؟“

تہ دلبر وات ڇٻي ڪوڙ هنيو هو:

”نہ . . .ن بلڪل نہ“

تڏهن سهيند کي محسوس ٿيو هو تہ گهڻي وقت کان پريڪٽس ڇڏڻ سبب، هُو هاڻ ڪوڙ ڳالهائيندي ٿِڙي رهيو هو! لمحن لئہ کيس خيال آيو هو تہ هوءَ سورٺ جي گڏ رهڻ تي اعتراض ڪري. پر وري هن ڪجهہ سوچي”: مِٺي بہ ماٺ، مُٺي بہ ماٺ“ ڪئي هئي.

❁❁❁

اها ڦڳڻ جي اداس شام هئي. سهيند ٻار وٺي، ليڊيز دڪانن تي، خريداريءَ لاءِ ويل هئي. دلبر ريزڪي دڪان تان چڪر لڳائي جلد موٽيو هو. دروازو کڙڪايو هئائين تہ سورٺ کوليو هو. گهر ۾ سهيند کي نہ ڏسي، دلبر سورٺ سان گڏ هلندو سندس ڪمري ۾ بيڊ تي ساڻس گڏ اچي ويٺو هو.

ڳچ پل خاموشيءَ جا گذري ويا. اهڙي خاموشي جنهن ۾ زبانن کان ڳالهائڻ وسريو وڃي. سيڪنڊن ۾ ڪروڙين ڪٿائون لڪيو وڃن. ۽ اکين جي اڄ ٿر جي واري تي پوي !

نيٺ دلبر سورٺ جي اکين ۾ اکيون ملائيندي چيو:

”سورٺ! سڪندي سال ٿي ويا آهن. دل چوي ٿي، توکان ڌار گذاريل سوڳوار شامن ۾ مليل درد، وري ايئن قلم سان ڦُلوريون، جيئن ريڊيو وارن ڏينهن ۾ ڦلوريندا هئاسين! توکي حاصل نہ ڪري، مون زندگيءَ ۾ گهڻو ڪجهہ وڃائي ڇڏيو. تِر جي گُتل سئو چوٽون ڪائيندي آهي، پر مون تہ هزارين زخم ڪاڏا آهن. وري ملي بہ آهين تہ اهڙي موڙ تي، جو گڏ هُوندي بہ ڌار آهيون. سامهون هوندي بہ ڳالهائي نٿا سگهون! هن ڪان تہ نانگن جا مٺا چيلڻ وارا ڏينهن بہ سنا هئا!“

سورٺ جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا.

دلبر سندس هٿ کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي چپن تائين آندو. سورٺ ڪجهہ چوڻ چاهيو، پر چئي نہ سگهي. ماٺ جو لمحو ڄڻ زهر جو ڍُڪ هو جيڪو سورٺ ڀُڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس وات مان الاءِ ڪيئن صرف هڪ لفظ نڪتو:

”ادي سُهيند!!“

تڏهن دلبر کي ياد آيو تہ هن کان ٻاهرئين در جو ڪُندو ڏيڻ وسري ويو هو. هن جهٽ پٽ ڪمري جي در ڏانهن نهاريو. سامهون سهيند بيٺي هئي.

دلبر ۽ سورٺ مجرمن جيان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. سهيند سندن پر ۾ اچي پڇيو:

”ڪهڙي ضرورت هئي، ڪوڙ ڪرڻ جي ۽ چورن جيان ملڻ جي!؟“

دلبر ۽ سورٺ جي چپن کان چُرڻ وسري ويو. حالت اهڙي جو سندن ڪنڌ تي ڪاتي رکجي تہ هُوند هڪ ڦُڙو بہ رت نہ نڪري!

سُهيند دلبر کي ڏنڍُوڙيندي پڇيو:

”جواب ڏي، وات ۾ منگ اٽئي ڇا؟ ڪهڙي ضرورت هئي؟!“

دلبر جتي هو اتي ئي بت بڻيل رهيو.

سهيند پنهنجي ساءِ چيو:

”مونکي هيءَ خبر هجي ها تہ جيڪر.......!!“

ان ئي لمحي سورٺ اٿي، هٿ ٻڌندي چيو:

”ادي سُهيند، آئون تنهنجي ڏوهارڻ آهيان. معافي گهرڻ جي لائق نہ آهيان پر ٿي سگهي تہ تنهنجي گهر جو داڻُو پاڻي معاف ڪجان. آئون هلان ٿي“

سورٺ ٻاهر وڃڻ لڳي. ان ئي لمحي سُهيند کيس روڪيندي، چيو:

”هي گهر رڳو منهنجو نہ پر تنهنجو بہ آهي!“

سورٺ ۽ دلبر حيرت مان سهيند ڏانهن ڏٺو جيڪا هاڻ دلبر سان مخاطب ٿي چئي رهي هئي:

”مٺا! مس مس گناهن مان آجو ٿيو هئين، وري ميڙڻ شروع ٿي وئين! ڪهڙي ضرورت هئي، لڪي لڪي گناه ڪرڻ جي؟ مولوي وٺي نڪاح ڪري وٺ. اسلامي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پيئي آهي. “

سورٺ ۽ دلبر جي اکين کان حيرت ۾ چنيجڻ وسري ويو.

سهيند چئي رهي هئي:

”مرد هڪ ئي وقت هڪ کان وڌيڪ زالون رکي سگهي ٿو. هونئن بہ مظلوم ۽ لاوارث عورتن کي اجهو ۽ سهاڳ ڏيڻ وڏو ثواب آهي!“

سهيند دلبر کي ٻانهن مان جهلي، اُٿاريندي چيو:

”مُٺا! جلدي نڪاح جو بندوبست ڪر. سهيند منهنجي ڀيڻ آهي ۽ ڀيڻن کي ڀلا هڪ گهر ۾ رهندي ڪهڙي تڪليف ٿيندي!؟“

گهر کان ٻاهر ويندي، دلبر سوچيو:

”بي سهاره عورت جو سهارو بڻجي، آئون ثواب ڪٺي رهيو آهيان يا سُهيند؟!!“

⊙